
نوسيبو
[سائنسي فلسفو]
رسول ميمڻ
ريڪائون

# نوسيبو

(Nocebo)

سائنسي فلسفو

رسول ميمڻ

ريڪائون پبليڪيشن ڪراچي

2021

## سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب: نوسيبو
ليکڪ: رسول ميمڻ
موضوع: سائنسي فلسفو
ڇاپو پهريون: مارچ 2021
ڇپيندڙ: ريڪائون پبليڪيشن ڪراچي
قيمت: 100 رپيه

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ماهوار سنڌي ريڪائون ڪراچي
E-15 الشمس ڪمپليڪس
جوهر موڙ ڪراچي
03337551931
rehmatpirzado@yahoo.com

# فهرست

مضمون:

ناڻتا......05
ڊسٽوپيا ۽ ناڻتا......12
نراس ۽ ناڻتا......21
نرگسيت ۽ ناڻتا......32
گهرو تڪو ۽ ناڻتا......38
ڊوريان گري سينڊروم ۽ ناڻتا......42
پور وچوٽ جنسون ۽ ناڻتا......45
موت ۽ ناڻتا......56
سنو موت ۽ ناڻتا......61
سنا تخم ۽ ناڻتا......74
تعلقي جادو ۽ ناڻتا......88
ڪارو جادو ۽ ناڻتا......96
ووڊو موت ۽ ناڻتا......107
پورائي ۽ ناڻتا......114
انڌو اعتقاد ۽ ناڻتا......126
مغالطو ۽ ناڻتا......133
روڊ ماسٽر......141

# ارپنا

وهم ۽ گمان جي
هن دنيا نالي،
جنهن ۾
مون کي
شڪ آهي،
تون
سچو پيار
ڪندو آهين،
۽ مون کي
پڪ آهي،
تون سچو پيار
ڪندو هوندين.

رسول ميمڻ

# ناٽتا

## (Nocebo)

نوسيبو لاطيني لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”مان هاڃيڪار ثابت ٿيندس.“ اهڙو لفظ والٽر ڪينيڊي 1961ع ۾ استعمال ڪيو جيڪو آٽتا (Placebo) جو ضد آهي. آٽتا پڻ لاطيني لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي. ”مان فائديمند ٿيندس.“[1]

نوسيبو لاشعور جو ردعمل آهي، جنهن ۾ عقيدو ۽ اميدون اسان جي ڀوڳنائن تي اثرانداز ٿين ٿيون ۽ پوءِ اهي ڀوڳنائون سماجي هجن يا معاشي، مونجهارو هجي يا بيماري، ان حد تائين جو هڪ سرجن جي ڪيل صحيح ۽ بروقت آپريشن جو نتيجو بہ توقع جي خلاف نڪري ٿو.[2]

ناٽتا (Nocebo) لاشعوري ردعمل آهي. جڏهن لاشعور حق ۽ سچ کي قبول نہ ٿو ڪري تہ پوءِ حق ۽ سچ معنا وڃائي ويهن ٿا. مسيحا مٺي ويڙهي مريض کي ڏئي ٿو تہ ”کاءُ، توکي شفا ملندي.“ مريض جو عقيدو آهي تہ مسيحا سچو، پهتل، پڙهيل ۽ ماهر آهي تہ مٺي اثر انگيز ٿي پوندي پر جيڪي مسيحا کي ماهر سمجهڻ بجاءِ ڪيس هاڃيڪار هستي سمجهي ساڳي مٺي واپرائين ٿا تہ شفا بجاءِ مرض بيٺو ٿي وڃي ٿو. ان جو پهريون مثال آٽتا ۽ پويون مثال ناٽتا آهي، ڳالهہ توقع جي آهي. اوهان ڪهڙي توقع رکو ٿا. اها هاڪاري آهي يا ناڪاري؟ جيڪڏهن هاڪاري آهي تہ پوءِ توهان جو عقيدو شفايابيءَ جو وسيلو بنجي وڃي ٿو، جيڪڏهن ناڪاري آهي تہ پوءِ عقيدو هاڃيڪار صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

چون ٿا شعور ئي آهي جيڪو انسان کي ٻين جاندارن کان معتبر بڻائي ٿو. انسان باشعور آهي، جڏهن تہ جانور، پکي، ٻوٽا ۽ ٻيا جاندار باشعور نہ آهن. جتي شعور جي حد ڪٽي ٿي اتان لاشعور جي حد شروع ٿئي ٿي. انسان شعوري طرح ضابطي هيٺ ۽ لاشعوري طور آزاد آهي. لاشعور موضوعي (Subjective) آهي، لامحدود ۽ ڇڙواڳ آهي. هڪ اهڙو گهوڙو آهي جنهن کي ادراڪ (Perception) جي واڳ پاتل آهي. ادارڪ لاشعور جي واٽ ڏاهي ٿو. ادراڪ اسان جي مطالعي، مشاهدي ۽ مباحثي جي راهہ متعين ڪري ٿو. ان ۾ مورثي ذهانت ۽ سوچ جو عمل دخل آهي. تربيت، علم، عقيدو، ادراڪ کي رُخ ڏين ٿا.[3]

تہ ان کي ڪير چاڙهيندو؟ مٿل ماءُ ڪهڙا ٻار ڄڻيندي؟

هٽ اڪري حڪمت (Doctrine of signatures) موجب ڪائنات انسانن جو عڪس آهي معروض (Object) انسان جي ڪنهن نہ ڪنهن عضوي جي ڪاپي آهي. مٿي کان پيرن تائين عرش ۽ فرش انسان جي قد کان وڏو نہ آهي. ان جو مٿو روشني (Emphyrical)، سينو پاڪ ۽ صاف هوا سان ڀريل (Etherical) ۽ پيٽ، باهہ، پاڻي، هوا (Elementary) آهي. ٻيا عضوا، ڌرتيءَ تي گلن، ميون، پنن ۽ ٻين شين جي مشابهت سان موجود آهن.[6]

خدا جڏهن ڌرتي ناهي تہ ان تي آٽو گراف ڏنو. آٽو گراف جون لڪيرون ارتقائي منزلون طي ڪري انسان جو خاڪو ٿي پيون. ائين چئي سگهجي ٿو تہ انسان خدا جو آٽو گراف آهي. ان جو اهڙو دستخط آهي جنهن جي وچڙيل لڪيرن جي ڳجهہ ۾ انسان جو نانءُ لکيل آهي.

ڏنو وڃي تہ آتتا ۽ ناتتا ٻئي انسان جون نفسياتي حالتون آهن. نفسيات غير سائنسي لفظ آهي، جيڪو ذهني مونجهارن لاءِ استعمال ٿئي ٿو. نفس جو واسطو شعور يا لاشعور سان نہ آهي ۽ نہ ئي نفس روح آهي، چو جو منهبي طور نفس انسان سان گڏ دفن ٿئي ٿو ۽ روح بقادار آهي. نفس انسان جي انا ۽ خواهش آهي. نفس دنياداري ۽ جسماني تسڪين آهي. نفس کي ڪتي سان تشبيهہ ڏني وئي آهي. بکايل ڪتو ڀيو ڪائي شانت ٿئي ٿو. انسان پنهنجي انا جي تسڪين ۽ خواهش جي تڪميل ٿيڻ تي مطمئن ٿئي ٿو.

نفسيات جو تعلق ذهن سان آهي ۽ لفظ نفسيات ذهني ڪيفيت جي ترجماني ڪري ٿو. دنيا جي آباديءَ جو اسي سيڪڙو شعوري طور صحتمند ۽ لاشعوري بيمار آهي. لاشعور شخصيت جو ٻيو روپ آهي. روين جو انحصار لاشعوري ردعمل تي منحصر آهي.

حسرتناڪيون (Nostalgia) ڪڏهن فنا نہ ٿيون ٿين پر اهي لاشعور ۾ تخم جيان منتقل ٿين ٿيون. هڪ جيئري انسان جي لاشعور ۾ گذاري ويل وڏڙن جون ڪئي يادون ۽ حسرتناڪيون منتقل ٿي محفوظ ٿين ٿيون. اسان جي روين ۾ فنا ٿي ويل ڪردار پنهنجو رول نڀائين ٿا.[7]

جيڪڏهن متبادل لفظ نہ آهي تہ مروج لفظ "نفسيات" کي استعمال ڪندي چئي سگهجي ٿو تہ ناتتا اهڙو نفسياتي ردعمل آهي جيڪو جسم کي متاثر ڪري ٿو. ياد ۽ سوچون گهاٽي مان پيسجي نڪرندڙ تيل جيان آهن. ناتتا جسم ۾ ڪيميائي تبديليون آڻي ٿي ۽ ان جي اثر کان هارمون ۽ اينزائيمز خارج ٿين ٿا جيڪي طبعي سرشتن کي متاثر ڪن ٿا.

ايڪٽيھ ڪيسن تي ڪيل تحقيق موجب نوسيبو ردعمل ڪري جيڪي علامتون ظاهر ٿيون انهن ۾ اوڪارا، معدي جو سور، ريح جي تڪليف، ڊپريشن، اوجاڳو، بک نہ لڳڻ، نامردي، رت جي دٻاءَ جو گهٽ هجڻ شامل هيا.[6]

دنيا جنت بہ آهي تہ دوزخ بہ، توهان ان کي جيئن قبول ڪيو، پر مون کان پڇو تہ دنيا جنت ۽ دوزخ کان مٿاهين آهي. دنيا کي دنيا ڪري قبول ڪنداسين تہ دوزخ جي باھ ٿڌي ٿي ويندي ۽ جنت ڌرتيءَ ۾ سمائجي ويندي. خبر نہ آهي اسين ڪهڙي جنت جا متلاشي آهيون، هڪ نراس (Pessimistic) اڳيان دنيا ڊيڄاريندڙ روپ ڌاري آپگهات تي مجبور ڪري ٿي ۽ هڪ ڪٽر مذهبيءَ کي جنت جي ڳولها آپگهاتي ڌماڪي تي راضي ڪري ٿي. عقيدو قاتل گيدو (ڪيسو) آهي. ميڙي چونڊي وجهہ، دل مطمئن آهي تہ سڀ محفوظ آهي پر هيٺ ڪري مٽيءَ ۾ ملي ٿو. پرديدار ملان ستر حورون سنهي لباس ۾ ڏسڻ جو خواهشمند آهي.

جنت آٿتا آهي ۽ دوزخ ناٿتا، اهو سڀ اندر جو ردعمل آهي. اها ڪرتوتن جي توقع آهي. روين جو فرق آهي. مورثن (Alleles) جو ميلاپ آهي. ڪروموسومز جو وجودي ظهور آهي.

انسان اندر صدين جون رڙيون ڪيس جاڳائي جيئرو رکن ٿيون. هڪ موجود ۾ وجودن جون رڙيون انهن جون آهن جن جون زبانون فنا ٿي چڪيون آهن. انهن رڙين ۾ هڪ صدا آهي. هڪ آهہ آهي، هڪ سڏ آهي، ڪجهہ التجائون آهن، سڀ ٽجوڙيون يادن سان پريل آهن. اسين ماضيءَ جا امير، حال جا سخي ۽ مستقبل جا فقير آهيون.

ناٿتا جا ناموافق اثر (Side Effects) ڪهڙي معنا رکن ٿا؟ جڏهن آٿتا ۽ ناٿتا دوانما دوائون (Dummy medicines) آهن تہ پوءِ اهي جسم کي متاثر ڪيئن ڪن ٿيون؟ ساڳي دوانما دوا افاقو ڪري ٿي ۽ ساڳيءَ سان ناموافق اثر ظاهر ٿين ٿا. آهو سڀ عقيدو آهي. جهڙي نيت تهڙي مراد. مسيحا جو عمل پنهنجي جاءِ پر مسيحا جي ذات پنهنجي حيثيت رکي ٿي. خاڪ جي ڪهڙي اهميت؟ اهميت خاڪ تجويز ڪرڻ واري آهي جو خاڪ شفا جو درجو ماڻي ٿي.

عقيدت کي اکيون نہ هونديون آهن. ايمان آٿتا آهي ۽ عقيدي جي نفي ناٿتا. عقيدي جو نہ هجڻ بہ عقيدو آهي. ڇو جو اکين وارا بہ انڌا آهن.

سائنسي طور اسين جيڪو ڪجهہ ڏسون ٿا اهو معروض (Object) جو چار سيڪڙو آهي. باقي ڊارڪ ميٽر آهي. جيڪو معروض نہ آهي پر اليڪٽرو ميگنيٽڪ فيلڊ تي اثر ڪري ان جي موجودگيءَ جو

**" Allele meaning in Cambridge English dictionary**

Cambridge. org. Retrieved 29 oct: 2017.

Simon , Matt ( 14 Aug:2014 ) .

**" Fantastically wrong: The strange history of using organ shaped plants to treat disease ".**

Wired conde Nast. Retrieved 7 March 2018.

Schindler , Robert M ; Holbrook Morris B ( 2003-04-01 )

**" Nostalgia for early experience as a determinant of consumer preference ".**

Psychology and Marketing.20 ( 4 ) : 275-302.

Hauser W. Hansen E. Enck P ( 2012 ).

**" Nocebo phenomena in medicine , their relevance in everyday clinical practice ".**

Dtsch Arztebl Int. 8 ( 8 ):459-65.

Trimble , v ( 1987 )

**" Existence and nature of dark matter in the universe ".**

Annual review of astronomy and astrophysics. 25:425-72.

Beauregard , Mario ( 2012 ).

**" Brain wars. The scientific battle over the existence of the mind and the proof , that will change the way we live our lives ".**

Canada: Harper Collins.

Beneditti F , Lanotte M, et al ( June 2007 )

**" When words are painful. Unraveling the mechanism of the nocebo effect "**

Neuroscience , 147 (2 ):260-71.

Barsky , Arthur J. (6 Feb: 2002 )

**" Non-specific Medication side effects and Nocebo phenomenon ".**

JAMA.287 (5 ):622-28.

## ڊسٽوپيا ۽ ناتنا

(Dystopia and nocebo)

ڊسٽوپيا، يوٽوپيا جو ضد آهي. يوٽوپيا جو ذڪر پليسو ڪتاب ۾ ٿي چڪو آهي. يوٽوپيا سرٿامس مور جو لکيل ڪتاب آهي جيڪو 1516ع ۾ شايع ٿيو، اهو هڪ اهڙي سماج جو تصور آهي جيڪو غربت، تشدد ۽ ڏوهن کان پاڪ آهي.

ڊسٽوپيا معاشرو، يوٽوپيا جي متضاد آهي. ڊسٽوپيا جو تصور اهڙو سماجي نقشو پيش ڪري ٿو جيڪو اڻ وڻندڙ ۽ خوف سان ڀريل آهي.[1]

ڊسٽوپيا لفظ سڀ کان پهريون 1868ع ۾ جي، ايس مل (J.S. Mill) (1806-1873ع) استعمال ڪيو. اهو انگلينڊ جو دانشور ۽ ڪامورو هيو. لبرلزم جو حامي هيو. لبرلزم انساني آزادي ۽ مساوات جو تصور آهي.

جي ايس مل اهو لفظ انگلينڊ جي آئرلينڊ بابت پاليسين تي تنقيد ڪندي استعمال ڪيو. هن آئرلينڊ کي انگلينڊ جي تسلط هيٺ ڊسٽوپين رياست چيو.[2]

ان کان اڳ تشدد ۽ ڏوهن سان ڀريل رياستن کي ڪاڪو ٽوپيا (Cacotopia) چيو ويندو هيو، جيڪو 1818ع ۾ جريمي نٿام استعمال هيٺ آندو پر اهو لفظ غير معروف رهيو ۽ اڳتي هلي اهڙين رياستن کي ڊسٽوپيا چيو ويو.[3] اينٿوني برجيس (1917-1993ع) پنهنجي ناول "ڪلاڪ ورڪ اورينج" ۾ پيش ڪيل خيالن کي ڪاڪوٽوپيا چيو آهي، سندس چوڻ موجب ان لفظ جو اُچار ڊسٽوپيا لفظ کان وڌيڪ نفرت جهڙو آهي.[4]

ايچ جي ويلز (1866-1946ع) پنهنجي ناول "ستل جاڳيو" ۾ برسر اقتدار طبقي کي عياش، لذت جو متلاشي (Hedonistic) ۽ سطحي (Shallow) ڪوٺيو آهي. اهو ناول 1910ع ۾ لکيو ويو. ناول جو موضوع ڊسٽوپيا آهي. ان ناول جو ڪردار ٻه سو ٽي سال ننڊ ڪري جاڳي ٿو ته دنيا بدلجي چڪي آهي. ڊگهيءَ ننڊ دوران ان جا ڏٺل سڀ خواب سچا ثابت ٿيا هو خوفناڪ مستقبل جو مقابلو ڪري لنڊن جو امير ترين شخص ٿي وڃي ٿو.[5] جارج اور ويل، ايچ جي ويلز جي اهڙي خيال جي جيڪ لنڊن جي ناول فوجي بوٽ (The iron heel) ۾ پيش ڪيل

ڊسٽوپيائي خيال سان پيش ڪئي آهي. آئرن هيل ڊسٽوپيائي ناول آهي جيڪو 1908ع ۾ شايع ٿيو.

جيڪ لنڊن (1876-1916ع) آمريڪا جو ناول نگار، صحافي ۽ سماجي ڪارڪن هيو. جيڪ لنڊن سائنسي فڪشن جو وڏو ليکڪ آهي جنهن وسيلي هن مقبوليت ماڻي ۽ پئسو ڪمايو. هن ان ڊسٽوپيائي ناول ۾ آمريڪي معاشرو پيش ڪيو آهي جتي ظلم ۽ ناانصافي آهي، هن آمريڪا کي محدود ماڻهن جي هٿن ۾ ڪيڏنڊڙ رانديڪو چيو آهي، سندس چوڻ موجب، آمريڪي وسيلن تي مخصوص ماڻهن (Oligarchic) جو قبضو آهي، انهن مخصوص ماڻهن ۾ سرمائيدار، عطائي، اڌ پڙهيل، مذهبي ٺيڪيدار ۽ فوجي شامل آهن. انهن ۾ اهڙا فرد به آهن، جيڪي ملڪي وسيلن کي نسل در نسل منتقل ڪن ٿا.[6]

جيڪڏهن ڊسٽوپيائي فڪشن جو سياسي تجزيو ڪبو ته اهو ارسطوءَ جي نظريي المياتي عيب (Tragic Flaw) کان مختلف نه آهي. ان کي المياتي عيب انڪري چئجي ٿو جو هر سٺو رستو چڱائيءَ جي چوٽ تي چڙهي پوءِ زوال پذير ٿي المياتي موٽ کائي ٿو. اهو سڀ خامين (Err) جي ڪري ٿئي ٿو. ارسطوءَ ان کي همرشيا (Hamartia) ڪوٺيو آهي. ارسطوءَ جي ڊرامائي ادب پوئيٽڪس (Poetics) ۾ همرشيا اهڙي حالت آهي جيڪا ان وقت ظهور پذير ٿئي ٿي جڏهن ڊرامي جو هيرو قسمت جي چوٽ تي پهچي عيبن سبب موٽ کائي الميي جو شڪار ٿي، اظهار جي شدت سان اندر جي باهه ڪڍي (Catharsis) آسودگي ماڻي ٿو.[7]

فڪشن ۾ ڪيترن ئي ناولن جا يوٽوپيائي خيال ساڳي طريقي ڊسٽوپيائي انداز ۾ پڄاڻيءَ تي پهچن ٿا. ڊسٽوپيائي نظريا گهڻو ڪري حڪمران طبقي جا نراسائي (Pessimistic) ويچار ۽ عمل آهن، جن ۾ هو بي رحمي ۽ سنگدليءَ سان پيش اچن ٿا ۽ عام ماڻهوءَ جو استحصال ڪن ٿا.

ڊسٽوپيائي حڪومتن وٽ اهڙا مزاحمتي دستا هوندا آهن جيڪي انهن جي پاليسين جي مخالفت ڪندڙن کي طاقت سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جيئن ايلن مور (Alan Moore) جو ناول ”وي فار وينديٽا“

ايلن مور انگلينڊ جو انفرادي ليکڪ آهي. هو ٻين اديبن جيان نه لکندو آهي، پر سندس گهڻا ناول تصويري (Graphic) آهن. هو 1953ع ۾ ڄايو ۽ حال حيات آهي. هن جي ڪيترن ئي ناولن تي فلمون ٺهي چڪيون آهن، جن ۾ فرام هيل (2011) ليگ آف ايڪسٽرا آرڊنري جينٽلمين (2003) ۽ واچ مين ڪانسواءِ هن بيٽ مين ۽ سپرمين فلمن جا

خاڪا ناهڻ ۾ پڻ مدد ڏني آهي. ايلن مور جادوگر، غيب جو عامل (Occultist) ۽ انتشار پرست (Anarchist) آهي. وي فار وينديٽا ۾ اهڙي ڊسٽوپيائي رياست جو نقشو ڏنو آهي جيڪا انتشار (Anarchy) سان ڀريل آهي ۽ اتي ڪو به قائدو قانون نه آهي.[8]

منجهند جي اونده (Darkness at noon) جيڪو آرٿر ڪيسلر (Arther Koestler) (1905-1983ع) جو مشهور ناول آهي. ان کي پڻ ڊسٽوپيائي ناول چيو وڃي ٿو.

ڪيسلر، بداپيسٽ هنگريءَ ۾ ڄايو ۽ هن آسٽريا ۾ تعليم حاصل ڪئي. 1931ع ۾ ڪيسلر جرمنيءَ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. اڳتي هلي سوويت يونين ۾ اسٽالن جي ٿيل ظلمن تي هن احتجاج ڪندي ڪميونسٽ پارٽيءَ تان استعيفا ڏني. اهو ناول 1940ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ڪيسلر کي شهرت جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو. هن کي 1968ع ۾ سوننگ پرائز (Sonning Prize) سان نوازيو ويو. اهو پرائز ڊنمارڪ ۾ ڏنو ويندو آهي، جنهن جي ماليت هڪ لک پنجٽيهه هزار يورو آهي. 1976ع ۾ ڪيسلر پارڪنسنس جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي ويو. پارڪنسنس اهڙي بيماري آهي جنهن ۾ انسان مسلسل ڏڪندو رهي ٿو. 1979ع ۾ ڪيسلر کي رت جو ڪينسر ٿي پيو. هن عمر جو گهڻو حصو لنڊن ۾ گذاريو ۽ 1983ع ۾ هن زال سميت اتي ئي آپگهات ڪيو.[9]

1998ع ۾ ماڊرن لئبريريءَ ان ناول کي دنيا جي سئو چونڊ ناولن مان انين نمبر تي وڏو ناول قرار ڏنو. اهو ناول ڪيسلر جي ٽرائلوجي جو آخري ناول آهي. ان کان اڳ هن گليڊيئيٽرس 1939ع ۽ آمد و رفت (Arrival and Departure) 1943ع ۾ لکيا. لنڊن ۾ رهائش دوران هن اهي ناول انگريزي زبان ۾ لکيا. "ڊارڪنيس ايٽ نون" هن جو جرمن زبان ۾ لکيل آهي. ان ناول جو مختصر پلاٽ ائين آهي ته مک ڪردار رباشوف کي سوويت يونين سيڪريٽ پوليس جا ٻه اهلڪار اڌ رات جو جڏهن گرفتار ڪرڻ اچن ٿا ته اهو گهري ننڊ ۾ ستل آهي ۽ خواب ۾ ڏسي ٿو ته گسٽاپو (Gestapo) جا ٻه اهلڪار ڪيس پڪڙي رهيا آهن. گسٽاپو نازي جرمنيءَ جي ڳجهي پوليس جو ادارو هيو.

جڏهن رباشوف کي گهري ننڊ مان اٿاري پڪڙين ٿا ته رباشوف ڏسي ٿو، سوويت سيڪريٽ جي انهن سپاهين مان هڪ پوڙهو ۽ ٻيو نوجوان آهي. پوڙهي سپاهيءَ جو رويو هن سان سٺو آهي، جڏهن ته نوجوان جذباتي ۽ تميز کان وانجهيل آهي. ان اهڙين علامتن ذريعي اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڊڪٽيٽرشپ جي اثر هيٺ نئون نسل ڪيڏو نه ڪاوڙيل ۽ بخيل آهي.

رباشوف کي هڪ خوليءَ اندر اڪيلائيءَ جي قيد ۾ رکيو وڃي ٿو، جتي ڪيس يقين آهي تہ ڪنهن وقت بہ پٽ سان بيهاري گولي هڻي ماريو ويندو. هن جي پرسان واري خوليءَ ۾ قيدي نمبر 402 آهي. اهو ان سان خفيا ڪوڊز (Tap Codes) وسيلي رابطي ۾ اچي ٿو. قيدي 402 دانشور نہ آهي پر زارسٽ (Tsarist) آهي. زارسٽ سوويت يونين جي اچي تحريڪ (White movement) هئي جيڪا ريڊ آرميءَ جي مقابلي ۾ وائيٽ آرمي هئي. قيدي نمبر 402، رباشوف سان لهہ وچڙ ۾ اچي خوشي محسوس ڪري ٿو تہ سندس ملاقات اهڙي شخص سان ٿي رهي آهي جيڪو ڪميونزم جو مخالف آهي.

اهو ناول رباشوف، ايوانوف ۽ گليٽڪن جي چوڌر گهمندي نظر اچي ٿو. رباشوف اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ اسٽالن جو انڌير گهٽا ڏينهن نہ هلندو ۽ هڪ ڏينهن روس ۾ روشنيءَ جي لاٽ ضرور ڦٽندي. سندس خيال موجب ڪميونزم رياست يوٽوپيا آهي پر ان جا اثر ڊسٽوپيا آهن. ناول ۾ گهڻو ڪري رباشوف تي مقدمي جو بيان آهي ۽ ان تشدد جو ذڪر آهي جيڪو ان مٿان قيد دوران ڪيو وڃي ٿو. ناول جي پڇاڙي رباشوف جي موت جي سزا تي ٿئي ٿي. ان ناول تي فلم پڻ ٺهيل آهي.[10]

انگلينڊ جي مشهور اديب جارج اورويل ان ناول متعلق راءِ ڏيندي چيو آهي تہ ڪوسلر شايد پوڙهي گرفتار ڪندڙ سيڪريٽ سروس جي ڪردار کي مهذب قرار ڏيندي آن جي بالشويڪن جي اصل ۽ پراڻن بانيڪارن، ٽراٽسڪي، بخارين ۽ راڪوسڪيءَ سان علامتي پيش ڪئي آهي.[11]

جارج اورويل جو ڊسٽوپين ناول "اڻويهہ سئو چورياسي" ڪوسلر جي ناول کان متاثر ٿي لکيل آهي.

جارج اور ويل جو اهو ناول 1949ع ۾ شايع ٿيو. ناول جو مرڪزي خيال دنيا جو فرضي نقشو آهي. ان نقشي کي ائراسٽرپ ون (Airstrip one) چئجي ٿو ۽ ان ۾ دنيا اڻويهہ سئو چورياسيءَ جي قومن حوالي چئن حصن ۾ ورهايل آهي.

1. اوشيانا 2. يوريشيا 3. ايسٽيشيا 4. متضاد دنيا

متضاد دنيا ۾ نندي ڪنڊ کي ورهائيندڙ ليڪ ائين لنگهي ٿي جو سنڌ جي لاڙ جا حصا ان ۾ اچي وڃن ٿا.

اوشيانا کي انگلينڊ جي عظيم سلطنت (Great Britain) ڪري ڏيکاريو ويو آهي، جيڪا مسلسل جنگي حالت، جاسوسي ۽ نظرداريءَ هيٺ آهي، اتي انساني حقن جي لتاڙ ڪئي وڃي ٿي. جيڪو نظريو نافذ آهي. ان کي انگلش سوشلزم چيو وڃي ٿو. ان پارٽيءَ کي

"انگسوڪ" (Ingsoc) چيو وڃي ٿو. جيڪا حڪومت جي ايجاد ڪيل نئين ٻولي "نيوزپيڪ"جو لفظ آهي، "نيوزپيڪ" ٻوليءَ جي ايجاد انڪري ڪئي وئي آهي جو دنيا ۾ سڀ ٻوليون ختم ڪري ان کي رائج ڪيو وڃي جيئن انگريزي سوشلسٽ پارٽي "انگسوڪ" جي منشور کي هرڪو سمجهي سگهي.

"اوٽوپيھ سئو چورياسي" ۾ جارج اورويل جي ڏنل تصوراتي اوشيانا رياست ٽن طبقن تي مشتمل آهي. اندروني پارٽي، ٻاهرين پارٽي ۽ پرولزم .(Proles)

اندروني پارٽيءَ جو ڪم انگسوڪ ۽ ٿاٽ پوليس سنڀالي ٿي. اوشيانا رياست جو هر فرد انگسوڪ جو ميمبر آهي. هر ميمبر جي نظرداري ٻه اندروني پارٽيءَ جو ڪم آهي. ان جي نظرداريءَ لاءِ جديد سائنسي طريقا استعمال ٿين ٿا. اندروني پارٽي حڪمران پارٽي آهي.

ٻاهرين پارٽي اوشيانا جو تيرهن سيڪڙو آهي. اها هيٺين سطح جي ڪامورن ۽ اڇي ڪالر تي مشتمل آهي، جڏهن ته پرولز (Proles) جيڪو پرولتاريءَ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ مزدور ۽ محنت ڪش طبقو، اهو اوشيانا جو پنجياسي سيڪڙو آهي.

ٿاٽ پوليس جنهن کي ايجاد ڪيل ٻولي ۾ "ٿنڪپول" چيو وڃي ٿو، اها رياست جي نظرداري ڪري ٿي ۽ هر سوچيندڙ ذهن کي "ٿاٽڪرائيم" چئي، مقدمو داخل ڪرائي سخت سزا ڏياري ٿي.

جارج اورويل جو اهڙو ڊسٽوپيائي تصور ٻين ليکڪن کان انڪري الڳ اهي جو هن عظيم انگلستان جي تسلط هيٺ اوشيانا رياست جو فرضي نقشو پيش ڪيو آهي، جڏهن ته دنيا جي ادب ۾ ڊسٽوپيائي حڪومتن ۽ نظام تحت نازي جرمني ۽ اسٽالن جي وقت جي سوويت يونين کي وڌ ۾ وڌ ڊسٽوپيائي رياستون ڪري پيش ڪيو ويو آهي. [(٥)]

مونکي اهڙي ادب جي حوالي جيڪو ناول سڀ کان وڌيڪ پسند آهي اهو ري براڊبري (Ray Bradbury) جو ناول "فيرن هائيٽ 451" (Fahrenheit 451) آهي. براڊبريءَ جو اهو ناول 1953ع ۾ شايع ٿيو.

ناول ۾ آمريڪا جي مستقبل جو خاڪو ڏنل آهي، جنهن ۾ اتي اهڙو نظام قائم ٿيندو جنهن تحت ڪتاب پڙهڻ يا رکڻ ڏوهه هوندو. تنقيد نگارن جو چوڻ آهي ته براڊبري ناول ۾ پيش ته آمريڪا جو خاڪو ڪيو آهي پر هن غير سڌي طرح سوويت يونين ۽ نازي جرمنيءَ کي ذهن ۾ رکي اهو ناول لکيو آهي، ڇو جو انهن ملڪن ۾ سينسرشپ جون پاليسيون ايڏيون ته سخت هونديون هيون جو ڪتاب پڙهندڙن تائين پهچي نه سگهندو هيو.

فزڪس ۾ فيرنهائيٽ گرمي پد جي ايڪائي آهي ۽ 451 ڊگري اهڙو گرمي پد آهي جتي پهچي ڪاغذ کي باهه لڳي ٿي، براڊبريءَ اهو ئي سوچي پنهنجي ڪتاب جو نالو فيرنهائيٽ 451 رکيو، ڇو جو ناول جو تت ئي اهو آهي ته ڊسٽوپيائي سماج ۾ ڪتابن کي باهه ڏئي ساڙيو وڃي ٿو.

ان ناول جو اهم ڪردار ”مونٽاگ“ نالي فائرمين آهي جيڪو ڪٿي به ڪتابن جي موجودگيءَ جي اطلاع تي پهچي، ڪتاب ڪسي، گڏ ڪري باهه ڏئي ٿو. رياست ۾ اهڙا ڪيترائي فائرمين آهن جيڪي اهو ڪم سرانجام ڏين ٿا. ان رياست ۾ ڪتاب پڙهڻ ڏوهه آهي.

براڊبريءَ کان اهڙي ڪتاب لکڻ جو سبب پڇيو ويو ته ان وراڻيو ”منهنجي ڪتاب لکڻ جو مقصد ميڪ ڪارٿيءَ (Marcarthy) طرفان ڏنل اهي تجويزون هيون جن ۾ هن صلاح ڏني هئي ته آمريڪا ۾ ڪتابن کي ساڙيو وڃي، ڇو جو ساڳيا ڪتابن ساڙڻ جا واقعا نازي جرمني ۽ سوويت يونين ۾ ٿي گذريا هيا. جتي ماڻهن انهن ڊسٽوپيائي رياستن جي پروپيگنڊا مهم جو حصو ٿي پنهنجين لئبريرين جا ڪتاب روڊن تي گڏ ڪري انهن کي باهه ڏني هئي.

آمريڪي سينيٽر جوزف ميڪ ڪارٿي آمريڪا کي پنهنجن خيالن سان متاثر ڪيو هيو. ان جا خيال اسٽالن جهڙا هيا، جنهن جي ڪري آمريڪا ۾ ڳاڙهي انقلاب جون خوف پيدا ٿي پيو هيو. 1947ع کان 1956ع تائين ميڪ ڪارٿيءَ جي تجويزن ڪري ائين لڳي رهيو هيو. آمريڪا ڪميونزم جي اثر هيٺ اچي ويندو.[13]

ناول جو هيرو مانٽنگ جيڪو پنهنجي هڪ دوست عورت ڪلاسيءَ جي نظرين کان متاثر ٿئي ٿو. ڪلاسي ادب دوستي ۽ ڪتابن گڏ ڪرڻ جي شوقين آهي. اها مانٽنگ جي خيالن کي بدلائي باغي ڪري وجهي ٿي. مانٽنگ جي زال سدائين ننڊ جي گورين جي نشي ۾ رهي ٿي ۽ انهن کي ڪا به اولاد نه آهي.

ڪتاب ساڙيندي مانٽنگ هڪ اهڙي گهر ۾ وڃي ٿو جتي هڪ پوڙهي عورت ڪتابن جي وچ ۾ بيٺل آهي. ان کان اڳ جو ڪتابن کي باهه ڏئي ساڙيو وڃي، عورت ماچيس جي تيلي ٻاري ڪتابن سان گڏ پاڻ به سڙي وڃي ٿي.

ڪتاب ساڙيندي مانٽنگ هڪ ڪتاب چوري ڪري ٿو ۽ ان کي وهاڻي جي ڇوَ ۾ لڪائي رات جو ڪڏي پڙهي ٿو. مانٽنگ نيٺ اهڙي ڪم کان استيفي ڏئي هڪ مزاحمتي گروهه ۾ شامل ٿئي ٿو جيڪو ڪتابن ساڙڻ جو مخالف آهي.[14]

مون ستر واري ڏهاڪي ۾ ان ناول تي ٺهيل فلم ڏني هئي ۽

هاڻي 2018ع ۾ ناول کي نئين سر فلمايو ويو آهي.

ادب جي دنيا ڊسٽوپيائي ناولن سان ڀري پئي آهي، هنگر گيمز، ميٽروپولس، برازيل، رننگ مين، بريو نيو ورلڊ ۽ ٻيا تمام گهڻا ڪتاب ڊسٽوپيائي تصور پيش ڪن ٿا.

يوٽوپيا انسان جي خواهش آهي، جنهن ته ڊسٽوپيا دنيا ۾ نافذ آهي. ٻئي جنگ عظيم جي ڏينهن ۾ سوويت يونين ۽ نازي جرمنيءَ ۾ يهودين کي ملڪ مان تڙيو ويو يا اهڙيون حالتون پيدا ڪيون ويون جيئن اهي ملڪ ڇڏي هليا وڃن، خاص ڪري نازي جرمنيءَ ۾ يهودين ڏکيا ڏينهن ڏٺا، انهن کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو يا قتل ڪيو ويو. يهودين اهڙي وقت کي هولو ڪاسٽ (Holocaust) چيو آهي. هولوڪاسٽ جنهن کي شوهه (Shoah) پڻ چيو وڃي ٿو. ٻئي جنگ عظيم ۽ ان کان ٿورو اڳ (1941-1945ع) وارن ڏينهن ۾ سٺ لک يهودين جو قتل عام ڪيو ويو. اهو ساڳيو وقت آهي جڏهن يورپ ۾ ڊسٽوپيائي ادب تخليق ٿيو.[1.5]

يوٽوپيا پليسبو ۽ ڊسٽوپيا نوسيبو آهي. سرٿامس مور جي جوڙيل دنيا شايد ئي ڪنهن ڏٺي هجي. اڄ به مسلمان ملڪ ڊسٽوپيائي رياستون آهن. اتي جنگ، تشدد ۽ ناانصافيون عروج تي آهن. لکين انسان شهيد ٿي چڪا آهن. شام ۽ يمن جي حالت ڏسي اکين ۾ پاڻي ڀرجي اچي ٿو.

يوٽوپيائي پليسبيو هڪ خواب آهي. جڏهن ته ڊسٽوپيائي نوسيبو اهڙي حقيقت آهي جيڪا سدائين اکين اڳيان رهي آهي. هن وقت دنيا جو هر ملڪ ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان ڊسٽوپيائي رياست جو حصو آهي. انسان آزاد نه آهي. انساني حقن جي لتاڙ ڪئي وڃي ٿي.

آٿتا انسان جي حسرت ۽ ناٿتا انسان جو مقدر آهي.

**References:**


**" Definition of dystopia "**

Merriam Webster. Merriam Webster , Inc. 2012.

Mill , John stuart ( 1988 ).

**" Public and parliamentary speeches. Part – I . 1850 –68"** .

Toronto: university of Toronto press. 2015.

Benthan , Jeremy ( 1818 ).

**" Plan of parliamentary Reform , in the form of a catechism"** .

Beaumont , Matthew ( 200[illegible] ).

**" Cacotopianism the Paris commune and England 's Anti communist imaginary. 1870-1900"**

ELH , 73 ( 2 ) : 465-87.

Russell , Alan K .

**" The collectors book of science fiction by H. G. Wells "**.

Castle book ; New Jersey , 1978 - p -364.

Tony Barley :

**Prediction , Programme and Fantasy in Jack London 's "The iron heel "**.

Syracuse university press , 1995 , p . 153 – 71.

**" Hamartia : Error of Judgement of tragic flaw** .

Encyclopaedia Britannica Inc.2014.

Moore , Alan ( w ) , Lloyd , David ( P ) .

**" V for vendetta "**

V-10:2816 ( May 1989 ) DC comics.

Arthur and Cynthia Koestler.

**" Strange on the square "**.

Harold Harris. London: Hutchison , 1984 , p . 20-22.

Scammel , Michael. ( 7 April 2016 ).

**" A different ' Darkness at noon "**.

The New York review of books.

George Orwell ,

**" Arthur Koestler ( 1994 ) "**

In collected assays ( 1944 ) e – books at university of Adelaide , accessed 25 June 2012.

Thomas Pynchon:

**" Forward to the centennial edition to Ninteen eighty four "**

pp – vii – xxvi. New York : Plume , 2003. In shortened form also published as the road to 1984. Archived – 15 may 2007 at the wayback Machine , in The Gaurdian ( Analysis ).

Robert J , Goldstein ( 2006 )

**" Prelude to MacCarthyism: The making of a blacklist "**

Prologue Magazine , washing DC: National archives and record administration.

Crider Bill , Laughlin , charlotte ; Lee , Billy C.

**" Ray Bradbury ' s Fahrenheit 45 "**

Paperback Quarterly. 3 (3 ) : 22.

Bergen , Doris (2016 ).

**" War and Genocide: A concise history of the Holocaust "**

( Third ed. ) Lanham MD: Rowman and littlefield.

# نراس ۽ ناٽنا

## (Pessimism and Nocebo)

نراس (Pessimism) اهڙو ادراڪ آهي جنهن ۾ ڪو ڪهڙي به صورتحال مان چڱائيءَ جي اميد نہ رکي، اهو اهڙي توقع رکي ٿو تہ هر حالت ۾ نفعو گهٽ، نقصان وڌيڪ ٿيندو.[1]

نراس ۾ ماڻهو زندگيءَ جا ناڪاري رخ ڏسي ٿو، جڏهن تہ هاڪاري، حصا نظرانداز ڪري ٿو. جيئن پاڻيءَ سان اڌ ڀريل گلاس، جنهن ۾ سوال لڪيل آهي تہ ڇا گلاس اڌ ڀريل آهي؟ يا گلاس اڌ خالي آهي؟[2]

اهو پاڻيءَ سان ڀريل گلاس آس ۽ نراس جي علامت آهي. اڌ خالي گلاس نراس (Pessimism) آهي ۽ اڌ ڀريل گلاس آس (Optimism) آهي. اها لٽمس (Litmus) ٽيسٽ آهي جنهن ۾ ڪنهن جو رويو اڌ خالي گلاس کي ظاهر ڪري ٿو ۽ ڪنهن جي ڀيٽ اڌ ڀريل گلاس آهي.[3]

فلسفيانا نراس (Philosophical Pessimism) آس جي متضاد نراسي رويو سامهون آڻي ٿي. نراس جو ادراڪ رکندڙ فلسفي مذهب ۽ اخلاق جي مقرر معيارن (Standards) کي ٽڏي وجودي عدميت (Existential Nihilism) ڏي راغب ٿين ٿا.[4]

وجودي عدميت جي فلسفي ۾ زندگي بي معنا ۽ بي مقصد آهي. انفرادي يا اجتماعي طور انسان بي سبب آهي. هر شخص دنيا ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڳولهي ٿو. اهو اڪيلو پيدا ٿيو آهي ۽ ڪيس پنهنجي وجود جي ڳولها کان روڪيو وڃي ٿو. اهو ڄاڻڻ چاهي ٿو تہ دنيا ۾ اچڻ جو سبب ڪهڙو آهي؟ انسان پنهنجي سوچ ۾ آزاد آهي. عقيدي ۽ اخلاق جا مقرر معيار ان کي اهڙي عمل کان روڪين ٿا.

وجوديت (Existentialism) عدميت (Nihilism) جي فلسفي جو ٻيو رنگ آهي.

وجوديت اوڻويهين ۽ ويهين صديءَ ۾ يورپ جي گهڻن ليکڪن جو موضوع رهي آهي. وجوديت کي بيان ڪرڻ جي حوالي سان انهن جي لکڻين ۾ واضح فرق آهن پر انهن جي فلسفي جو گڏيل مقصد اهو ظاهر ڪري ٿو تہ وجوديت انسان جي انفراديت آهي. اها انساني موضوع (Human Subject) آهي. اها فيصلاتي موضوع (Thinking Subject) نہ آهي. انساني موضوع شخص کي انفراديت ڏئي ٿو. اهو

وجود جي آزاديءَ جو اظهار آهي. جڏهن تہ فيصلاتي موضوع، ٻين جي سوچ ۽ فيصلن جو پابند آهي. ائين اجتماعي عقيدا ۽ اخلاق هڪ وجوديءَ لاءِ بي معنا آهن.[5]

سورن ڪئرڪگارڊ (Soren Kierkegaard) (1813-1855ع) کي پهريون وجودي فلاسافر چيو وڃي ٿو. پر هن پنهنجين لکڻين ۾ ڪٿي بہ لفظ "وجوديت" استعمال نہ ڪيو آهي، سندس چوڻ موجب فرد پنهنجي ڪردار ۽ سوچ ۾ آزاد آهي. ان مٿان اجتماعي نظريا، مذهب يا عقيدا مڙهي نہ ٿا سگهجن.[6] ٻئي جنگ عظيم جا ڏينهن وجودي فلسفي جو عروج آهن.

سارتر (1905-1980ع) وجوديت ۽ نچوڙ (Essence) کي الڳ بيان ڪيو آهي. وجوديت جي باري ۾ هو چوي ٿو، فرد صرف فرد آهي. اهو باشعور آهي انڪري پنهنجي عمل ۾ آزاد آهي، جڏهن تہ نچوڙ (Essence) معاشري جا ٻڌي شخص، ڏور تي نچندڙ اداڪار (Roles)، گسيل ڦٽيل (Stereotype)، مقرر وصفن (Definitions) ۽ قائم ڪيل ادراڪ (Preconceived) آهي.[7]

وجوديت معاشري ۾ قائم نچوڙن (Essence) کانپوءِ جنم وٺي ٿي. اها فرد کي چار ۾ ڏسڻ نہ ٿي چاهي. گسيل ڦٽيل، مقرر وصفن ۽ قائم ڪيل ادراڪن جي مخالف آهي.

انسان پنهنجي انفرادي ڪردار سان جيڪا دنيا گهڙي ٿو، اهو ئي سچو نچوڙ، جوهر، يا سَتُ (Essence) آهي. جيئن تہ هر انسان کي الڳ شعور (Consciousness) آهي انڪري اهو پنهنجي زندگيءَ کي پاڻ بامعنا بنائي سگهي ٿو. فطرت هر انسان کي باشعور بنايو آهي انڪري شعور تي شعور مڙهي نہ ٿو سگهجي.[8] جيتوڻيڪ سارتر اهڙين سوچن کي وجوديت جو نانءُ ڏنو پر ساڳيا خيال هيڊگر ۽ ڪئرڪگارڊ وٽ پڻ ملن ٿا.

وجوديت ۽ عدميت (Nihilism) ۾ گهڻو فرق نہ آهي. وجوديت، عدميت جي نراسائيءَ مان ڦٽيل آزاديءَ جو ڪرٽو آهي، عدميت دنيا جي حوالي سان انسان جو ناڻتائي (Nocebous) رجحان آهي، جڏهن تہ وجوديت فڪري طور انسان کي نراسائيءَ جي اهڙي احساس مان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش آهي. اها آٿتا (Placebo) آهي تہ ڪنهن کي بہ عقيدي ۽ نظريي ۾ قيد ڪري اجتماعي استحصال نہ ٿو ڪري سگهجي.

عدميت زندگيءَ کي بي معنا ڪوٺي ٿي. ان جون مختلف شاخون آهن. وجودي عدميت کانسواءِ حڪمتي عدميت (Metaphysical Nehilism) جيڪا وجوديت بابت علمي ۽ فڪري بحث ڪري ٿي. ان موجب مابعدالطبعياتي طور وجود رکندڙ دنيا جهڙي ڪا بہ شيءِ ڪنهن

بي هنڌ وجود نہ ٿي رکي.[9] جيئن ٻئي دنيا جتي انسان جو حساب ڪتاب ٿيندو.

آمريڪا جي ميڊيڪل هيريٽيج ڊڪشنري، وجودي عدميت کي شڪائپ (Skeptism) جي انتها ڪوٺي ٿي. ان موجب هيءَ جوڙيل جڳ انسان جي عنديت(Solipsism) سان لاڳاپيل آهي.[10]

عنديت (Solipsism) جيڪو لاطيني لفظ آهي. ان جو ڇيد ڪبو تہ Solu معنا اڪيلو ۽ ipse معنا پاڻ آهي.[11]

جنهن جو مطلب آهي، صرف اها پڪ آهي تہ اڪيلو دماغ وجود رکي ٿو. فرد کي دماغ کان ٻاهر ڪنهن بہ شيءِ جي پڪ نہ آهي. فرد پنهنجي ادراڪ، شعور، فيصلي، زبان، ياداشت سان پاڻ تائين محدود آهي، پاڻ کان ٻاهر شعور، ادراڪ يا دماغ سان لاڳاپيل ٻيا وجدان (Cognitions) وجود نہ ٿا رکن. شڪائپ (Skeptism) تحت ان جي وضاحت ائين ڪري سگهجي ٿي تہ "مان صرف انساني سلوڪ (Behaviours) ڏسان ٿو، مون کي ٻئي جي دماغي وجدان سان حاصل ڪيل ادراڪ يا شعور جي ڪهڙي خبر؟ انڪري زندگيءَ جا تجربا ذاتي ۽ بيان کان ٻاهر (Ineffable) آهن. پاڻ کان ٻاهر ٻيو وجود تمثيل (Analogy) آهي يا ٻئي وجود جي احساس جو تجربو اهڙي ادراڪ سان آهي جنهن کي اسان مشابهتي روين، زباني اشارن سان محسوس ڪريون ٿا.

اهو ڊيڪارٽ جي ان جملي ۾ سمايل آهي تہ "مان سوچيان ٿو انڪري آهيان." اهو عنديت (Solipsism) جو مثال آهي. فرد منفرد آهي. هو پنهنجي وجود جو پاڻ مالڪ آهي. ٻيا وجود تمثيل آهن، اهي ان لحاظ کان مشابهتي آهن جو ادراڪ انهن کي روين ۽ چرپر سان محسوس ڪري ٿو. هر ڪنهن جو وجدان پنهنجو آهي[12]

علمياتي عدميت (Epistemological Nihilism)، شڪائپ (Skepticism) ڪوڙ ثابت ٿئي ٿي يا اهڙي صورت آهي جنهن ۾ هر شيءِ ڪوڙ ثابت ٿئي ٿي يا ائين چئجي تہ سچ ثابت نہ ٿي ٿئي. اها سوال اٿاري ٿي تہ ڇا علم يا ڄاڻ ان قابل آهي جو ان کي پهرين صف ۾ آڻجي؟

ڇڙائپي عدميت (Mereological Nihilism) ۾ ڪو بہ معروض (Object) مڪمل حالت ۾ وجود نہ ٿو رکي گريڪ ٻوليءَ ۾ Mere، ڇڙائپ، محظ يا فقط کي ظاهر ڪري ٿو. صرف سادا حصا ڏيان ۾ آهن جڏهن تہ عمدا حصا وجود نہ ٿا رکن ڪا بہ شيءِ، ڪنهن بہ شيءِ جو مناسب حصو نہ آهي. ڇڙائپ (Mereness) وجودي ڪوٽ آهي. وجود هڪ حصو آهي، اهو نامڪمل آهي ان جو ادراڪ هڪ حصي تائين محدود آهي ٻال جيڪو ٻن گولن جو نهيل آهي، اهو هڪ پاسي کان اڌ ٿي نظر

اچي ٿو. ڏرتيءَ جي سوراخ ۾ رهندڙ ماڪوڙي جو وجود ان جي ڏيان ۾ آندل پنهنجي دنيا آهي. انسان ازل کان "فقط" آهي. چڙائپ جو احساس ناٽتائي (Nocebous) ادراڪ آهي.

جيئن کوهه جي ڏيڏر جي دنيا کوهه آهي، ائين کوهه کان ٻاهر وسيع ڪائنات جو ادراڪ اها گواهي ڏئي ٿو ته ڪو به وجود کوهه کان ٻاهر نه آهي.

اخلاقي عدميت (Moral Nihilism) جنهن کي سماجي عدميت (Ethical Nihilism) پڻ چيو وڃي ٿو. اها ماورائي اخلاقيات (Meta-ethics) آهي جيڪا اخلاقيات جي ٽن شاخن مان هڪ آهي.

عام اخلاقيات (Normative ethics) جو مثال هڪ سوال ۾ سمايل ۾ جواب آهي ته "مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي" اهڙي سوال کان پوءِ فرد ڳولهي ٿو ته چڱي يا خراب شيءِ ڪهڙي آهي پر ماورائي اخلاقيات ۾ اهو سوال ڪري ٿو ته "چڱائي ڇا آهي؟" ۽ اسين اهو ٻڌائي سگهون ٿا ته خراب شين مان ڇا چڱو آهي.

اخلاقي عدميت موجب فرد اندر فطري طور ڪا به شيءِ اخلاقي يا غير اخلاقي قدر نه ٿي رکي. ڪنهن کي قتل ڪرڻ يا نه ڪرڻ اخلاقي طور فطرت عطا نه ٿي ڪري.[13]

تاثرائپ (Expressivism) پڻ اخلاقي عدميت جي صورت آهي. جڏهن ڪو تاثر ڏئي ٿو ته ڪا شيءِ غير اخلاقي آهي ته اهو ائين نه ٿو چوي، ڇا غلط آهي ۽ ڇا صحيح آهي. تاثرائپ ۾ سچ ۽ ڪوڙ بجاءِ تاثر يا احساس کي اهميت آهي ڇو جو اخلاقيات سچ ۽ ڪوڙ جا فيصلا نه ٿي ڪري، ان لاءِ اهڙا فيصلا تاثر يا احساس سان ٿين ٿا. تشدد جي مخالفت ۾ ان کي ننڊڻ اهميت رکي ٿو. ان سان تشدد نفرت انگيز تاثر ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو.[14]

سياسي عدميت (Political Nihilism) ۾ روس جي عدمي جدوجهد کي اهميت آهي. اهڙي جدوجهد هارين جي غلاميءَ خلاف هئي، جيڪا 1860ع ۾ هلائي وئي. جنهن جي نتيجي ۾ زار شهنشاهي سلسلي جي اليڪزينڊر II، جنهن جي بادشاهي 1855ع کان 1881ع، ان جي قتل تائين محدود رهي. ان 1861ع ۾ هارين جي آزاديءَ جو اعلان ڪيو جنهن کي تاريخ ۾ هارين جي آجپي (Emancipation of Russion surfs) جو اصلاحي قانون چيو وڃي ٿو. ان قانون تحت ٽيويهه لک هاري (Surfs) آزاد ٿيا. ان کان اڳ هاري قانوني طور زميندار جا غلام (Surfdom) هيا. انهن کي ڪو به اجورو نه ڏنو ويندو هيو. اهي اجازت کانسواءِ شادي ڪري نه سگهندا هيا، ڪين گهمڻ ڦرڻ نه ڏنو ويندو هيو. اهڙي قانوني اصلاح جي نافذ ٿيڻ واري ڏينهن الڪيزينڊ II کي قتل

ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ علمين بغاوت ڪئي ۽ روس ۾ وڳوڙ ٿيا.[15]

علميت (Nihilism) لفظ جو سڀ کان پهريون جرمن فلاسافر فريڊرڪ هينرخ جيڪبي (1743-1818ع) استعمال ڪيو.[16] پر ان لفظ کي شهرت 1862ع ۾ ملي جڏهن روس جي عظيم ليکڪ ايوان ترگنيف ان کي پنهنجي ناول "پيءُ ۽ پٽ" ۾ استعمال ڪيو. ان ناول جو هيرو يوجين بزاروف پاڻ کي علمي (Nihilist) سڏائي ٿو.[17]

وجودي علميت جي تاريخ ڪارينيڪس (Cyrenaics) جي اسڪول آف ٿاٽ کان شروع ٿئي ٿو، جيڪو اريئسٽپس (Aristippus) عيسا کان اڳ چوٿين صديءَ ۾ قائم ڪيو. انهن انفرادي وجود کي اهميت ڏني ۽ چيو جيڪي ڪجهه آهي اهو انسان جو اندر آهي. ايپيڪيورس جو فلسفو انهن وٽ عروج تي نظر اچي ٿو. ايپيڪيورس چيو "دنيا ۾ وجود جي معراج ان جي ذاتي خوشي، سانت ۽ سڪون (Ataraxia) ۽ خوف کان نجات (Aponia) ۾ آهي.[18]

شيڪسپيئر جي ڊرامن ۾ علمي اشارا موجود آهن، شوپنهار، ڪئرڪگارڊ ۽ نتشي اهڙن خيالن کي اڳتي وڌايو آهي.

دهريي علميت (Atheistic Nihilism) تحريڪ 1940ع ۾ ادب کي متاثر ڪيو. سارتر جو ڪتاب "وجود ۽ اڻ هوند" ڪاميو جو "سسيفس جي ڏند ڪٿا" ان جا مثال آهن. ٻيا جن ۾ هيڊگر، ڊريڊا جيڪو ساختيات پڄاڻان (Post Structurlism) جو وڏو فرانسيسي اديب آهي ۽ ارنسٽ بيڪر جنهن پنهنجي ڪتاب موت جو انڪار (Denial of death) تي پلرز پرائيز حاصل ڪيو، انهن اديبن جي لکڻين جو موضوع علميت آهي.[19]

علميت نراسائيءَ جي انتها آهي ۽ اهڙي ئي علميت مان نراس روپ مٽائي آس تي پوي ٿي. ناٽتا (Nocebo) دراصل وجود ڳولهڻ آهي. فرد جي اڪيلائي ان کي نمايان ڪري ٿي، ان کي ظاهر ڪري ٿي. انفراديت هجوم ۾ وڃائجي منفرد نه ٿي رهي. اهميت انفراديت کي آهي ۽ائين وجود ناٽتائي روين مان گذري آٽتا لاءِ تڙپي ٿو.

نراس (Pessimism) جو لفظ فلسفي ۾ پراڻو نه آهي، اهو ڪيٿولڪ چرچ جي پادرين (Jesuits) والٽيئر خلاف استعمال ڪيو. 1759ع ۾ والٽيئر جو ناول "ڪينڊٽ آردي آپٽيمسٽ" شايع ٿيو.

لاطيني زبان ۾ پيسيمس معنا بدترين (Worst) ۽ آپٽيمس معنا بهتر (Better) آهي.

والٽيئر جي ڪتاب تي سخت تنقيد ٿي، ڪن ان کي بهتر چيو پر پادرين ان کي بدترين ڪوٺيو ۽ چيو ته ان ۾ آس نه، پر نراس آهي

۽ ائين پهريون دفعو لفظ پيسيميزم پادرين هٿان استعمال ٿيو.[20]

نراس جو فلسفو دنيا کي بي ذائقي چوي ٿو، نراس حقيقت کان پري ۽ اهڙين اميدن ۾ قائل آهي، جن ۾ ماڻهو نظرين، ترقي ۽ مذهبي عقيدن جي خواهش رکي ٿو. جوشيا فوائڊنسٽنگ موجب ”وقت بوجهه آهي، تاريخ طنز (Ironic) آهي. آزادي ۽ خوشيءَ جو هڪ ٻئي سان جوڙ نه آهي ۽ انساني وجود بي معنا (Absurd) آهي. انسان جو ذاتي شعور ان جي وقتي شعور سان ڳنڍيل آهي جنهن ڪري سندس پوڻا جسماني سور کان وڌيڪ عذابناڪ آهي.

فلسفيانا نراسيءَ ۾ وقت سان ٿيندڙ ترقيءَ جا اثر سٺا نه، پر خراب آهن، نراسي دانشور، سائنسي ترقيءَ کي بهتر چوڻ بجاءِ ان تي طنز ڪري ٿو، جيئن روسو جو فلسفو آهي، جيڪو جاڳرتا (Reanissance) تي تنقيد ڪري ٿو . اهو ماحول کي فطري حالت ۾ ڏسڻ جو خواهشمند آهي.

نراسين جو چوڻ آهي ته ”زندگي، ماڻهو ۽ حياتيءَ وچ ۾ طلاق آهي.“ ڪن جو چوڻ آهي ته نراس، آس جا رستا ڪولي ٿي. سوپنهار جيڪو ڌرمي مذهبن کان متاثر هيو، سندس چوڻ موجب، ”نه آهيان، نه هيس.“ ريني ڊيڪارٽ آس جي اميد ۾ چوي ٿو ”زندگي سٺي هجي ها جيڪڏهن آلمين بابت اسان ۾ جذباتي رويا نه اپرن ها.“ اها جانور جي خاصيت آهي، جنهن کان انسان محروم آهي. ڪاميو زندگيءَ جي بي معنگيءَ کي خودڪشيءَ تي ختم ڪري ٿو.[21]

ڏراڪومو ليرڊي (Griacomo Leopardi) (1798-1837ع) اهڙو اديب آهي، جنهن کي اٽليءَ کان ٻاهر گهٽ ماڻهو سڃاڻن ٿا. اهو وقت جو وڏو اديب هيو جنهن شوپنهار ۽ ٽنشي جهڙن اديبن کي متاثر ڪيو، سندس لکڻين ۾ مزاح آهي. هن وٽ مَثل (Aphorism)، تمثيل (Parable) ۽ حڪايتون (Fable) آهن. سندس چوڻ موجب زندگي الوحي مذاق ۽ غلطي آهي، جيئن ته شعور سچ نه لتو آهي پر ڳولهي ٿو، انڪري زندگي مزيدار آهي. اهي پاڻ سان دوکو ڪن ٿا، جيڪي چون ٿا انهن علم وسيلي سچ ڳولهيو آهي.

ڳولهڻ لاءِ ولوڙڻ ضروري آهي، سندس قول آهي ”جنهن وٽ نهڪ ڏيڻ جي همت آهي اهو ئي زندگيءَ جو مالڪ آهي بنسبت انهن جي جيڪي مرڻ کي ترجيح ڏين ٿا.“[22]

ٽيڪنيڪل نراس موجب سائنسي ترقي انساني تباهيءَ جو پيغام آهي. اها صنعتي انقلاب کان پوءِ شروع ٿي اوڻويهين صديءَ ۾ هٿ جو پورهيو ڪري ڪپڙو ٺاهيندڙ ڪورين جن کي لڊائيٽس (Luddites) چيو وڃي ٿو، انهن احتجاج ڪندي ڪپڙو اٽندڙ مشينن کي

تباهہ ڪيو. انهن ڄاتو پئي تہ هڪ ڏينهن مشينون ماڻهوءَ جي جاءِ والارينديون ۽ هٿ جو پورهيو ختم ٿي ويڻ ڪري بي روزگاري وڌي ويندي.

مون کي سکر جو محمد بخش ميمڻ ياد آهي. جڏهن ننڍو هوندو هيس تہ ان جي ڪپڙي اڻڻ جو ڪارخانو هوندو هيو جنهن ۾ اٺ کڏيون هونديون هيون جن تي ڪاريگر ڪپڙو اڻندا هيا، پوءِ لومز (Lomes) آيون جيڪي بجليءَ تي پاڻ مرادو (Automatic) هلنديون هيون. انهن جي اچڻ جي ڪري هٿ جي پورهيي تي هلندڙ ننڍا ڪارخانا بند ٿي ويا. مون محمد بخش ميمڻ کي غربت جي حالت ۾ سکر جي روڊن تي پريشان گهمندي ڏٺو ۽ ڪسمپرسيءَ ۾ گذاري ويو.

لڊائيٽ تحريڪ (1811-1816ع) انگلينڊ جي نوٽنگم شهر ۾ شروع ٿي جنهن ۾ مل مالڪن ڪورين تي سڌيون گوليون هلايون، ڪيترا ماريا ويا، نيٺ فوج جي مداخلت تي اها تحريڪ پنهنجي انجام تي پهتي.[23]

رومانوي نراس جي تحريڪ پڻ ٽيڪنالاجيءَ خلاف هئي. وليم ورڊس ورٿ ۽ وليم بليڪ، جيڪي فطرت جا شاعر آهن، انهن چيو تہ ٽيڪنولاجي ماحولياتي سونهن کي خراب ڪري وجهندي.

نراسيت انسان جو دنياوي روين ڏانهن ناٽتائي (Nocebous) رجحان آهي. آس ۽ نراس ساهہ جي تند ۾ ٻڌل ٻہ پاسا آهن. انسانن جي اڪثريت دنيا ۾ خوش نہ آهي. سلوڪ (Behaviour) ارتقائي مخالف (Antievolution) آهي. انسان ماحول سان مطابقت (Adaptation) رکي سگهي ٿو، سلوڪن سان رکي نہ ٿو سگهي. ذلت هر حال ۾ برداشت جي قابل نہ آهي. ڪاميو جي ناٽتائي فلسفي هيٺ خودڪشيءَ کي ترجيح ڏيو يا ذيا ڪومو ليپرڊيءَ جيان هر شيءِ کي ٺهڪن ۾ اڏاري ڇڏيو.

اهو ناٽتائي خيال تہ زندگي ماڻهو ۽ حياتيءَ وچ ۾ طلاق آهي، نراس جي اهڙي حد آهي جيڪا حياتي ۽ ماڻهوءَ وچ ۾ ڏکي لڪير ڪڍي ٿي. زندگي عدت جا ڏينهن پورا ڪرڻ آهي. ڪن لاءِ آس، نراس آهي تہ ڪن لاءِ نراس، آس.

ڪيٿولڪ پادرين (Jesuit) والٽيئر خلاف اها فتوا ڏني تہ سندس لکيل ڪتاب آس نہ، نراس آهي. ان ڳالهہ جي گواهي ڏني تہ ڪا بہ راءِ حتمي (Conclusive) نہ آهي ساڳيو ميوو سيني لاءِ وڻندڙ نہ آهي. وجودي فلسفي تحت انسان آزاد آهي تہ وڻندڙ يا اڻ وڻندڙ ذائقي جو اظهار ڪري. ڪو بہ ذائقي جي تعريف ڪري ان کي وڻندڙ بنائي نہ ٿو سگهي. ذائقو حواس (Sense) آهي. نظرين جي ڄار ۾ ڦاٿل يورپ ٻئي جنگ

"**seven soulful secrets for finding your purpose and minding your mission**".

Crown publishing group. pp — 106.

Alan pratt (April 23-2001).

"**Nihilism**"

International Encylopedia of philosophy. Embry-Riddle university. Retrieved February 4-2012.

Flynn , Thomas (2006).

"**Existentialism. A very short introduction**".

New York : Oxford university press Inc.P-11.

Jon Bartley stewart .

"**Kierkegaard and Existentialism**".

Ashgate publishing limited-2011 , p.204.

Siegel , Liliane (1990)

"**In the shadow of Sartre**".

Collins (London).p.182.

Ann Fulton ,

"**Apostles of Sartre**"

Existentialism in America. 1945-1963. (Evanston , IL , Northwestern university press , 1999) 7.

Brassier , Ray (2007)

"**Nihil unbound : Enlightment and Extinction**"

New York : Palgrave Macmillan.

Khashaba , D.R (28 July 2002).

"**Subjectivism and solipsism**".

Philosophy of pathway (37).

Wood , Ledger (1962)

"**Solipsism in Runes**".

Dictionary of philosophy. Totowa , NJ : Littlefield , Adams and company.p.295.

Thornton , Stephen P. (24 october 2004).

"**solipsism and the problems of other minds**".

In fleser , James ; Dowen , Bradley — Internet Encyclopendia of philosophy.

Parvez Manzoor , S (2003).

" **Modernity and Nihilism. Secular history and loss of meaning**".

Retrieved at December 2 , 2009.

Horgan , Terry and Timmons , Mark (2006).

"**Cognitivist Expressivism**"

p.255.98.

Pushkarev , sergei G (April 1968)

"**The Russian peasants reaction to the Emancipation of 1861**".

Russain review. Hoboken , NJ: wiley — Black well . 27(2):199-214.

Carl von pranti (1881)

"**Jacobi Friedrich Heinrich**".

13 Leipzig: Duncker & Humblot , p-577-84.

Turgenev , Ivan (1941).

"**Father and sons , smoke and nine short stories**"

Greystone press.

Lampe , Kurt (2014).

"**The birth of Hedonism: The cyreniac philosophers and pleasure as a way of life**".

Princeton university press.

Jacques Derrida.

"**Structure , sign and play in the discourse of the human science**".

The week

"**The Jesuits : Gods marines**"

New York 23 march 2013. Retrieved 19 June 2017.

Todd , oliver (2000).

"**Albert camus: A life**".

Carroll & Graf p-249-50.

Oliphant , Margaret (1865).

"**Giacomo Leopardi**"

Blackwood's Magazine volume – 98 , p.459 -80.

Conniff , Richard.

**"What the Luddites realy fought against"**

Smithsonianmag. Com. Retrieved 18 June 2013.

John G. Demaray.(1966)

**"Milton's cosmos: the squel to a Masque of circle"**

Huntington Library quarterly volume 29, p-245-54.

# نرگسيت ۽ ناٽتا

**(Narcissism and Nocebo)**

نرگسيت انساني اڪيلائيءَ جو ناٽتائي الميو آهي. هڪ نفسياني مرض آهي جنهن ۾ انسان کي پنهنجي وجود ڪانسواءِ ڪاشيءِ نظر نہ ٿي اچي. ان کي محبوبا جو چهرو نہ ٿو وڻي پر هو پنهنجي چهري جو عاشق آهي.[1]

سگمنڊ فرائيڊ جي سائڪو اينليٽڪ نظريي ان وقت شهرت ماڻي جڏهن 1914ع ۾ هن نرگسيت کي نفسياتي بيمارين جي لسٽ ۾ شامل ڪيو آهي. ان کي ميگالو مينيا يا (Narcissistic Personality disorder) اين، پي، ڊي، پڻ چيو وڃي ٿو. جنهن ۾ انسان پاڻ کي حد کان وڌيڪ اهميت ڏئي ٿو. پنهنجي ساراهہ ٻڌڻ جي وڌيڪ توقع رکي ٿو ۽ ٻين جي جذبن کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ٿو ڪري.

سگمنڊ فرائيڊ لفظ نرگسيت يوناني ڏند ڪٿا مان ڪنيو هيو. نرگسيت جو لفظ ان کان اڳ واضح وصف ۾ موجود نہ هيو. سگمنڊ فرائيڊ نرگسيت جو پهريون دفعو نفسياتي ڇيد ڪري ان کي واضح ڪيو. تاريخ ۾ نرگسيت جا حوالا موجود آهن.[2]

روسو 1752ع ۾ پيرس ۾ نارڪيسس نالي ڊراموپيش ڪيو. روسو سياسي فلاسافر هيو جنهن فرانس ۾ جاگرتا کي جنم ڏنو ۽ سندس خيالن فرانس جي عظيم انقلاب جي راهہ هموار ڪئي. ان ڊرامي ۾ هن هڪ اهڙي شخص جو ڪردار پيش ڪيو جنهن لاءِ پاڻ ڪانسواءِ ڪنهن بہ شيءِ جي اهميت نہ هئي.[3]

1898ع ۾ هيوڪ ايلس نالي هڪ انگريز نفسياتدان نارڪيسس جهڙو لفظ استعمال ڪيو. جنهن ۾ هڪ شخص پاڻ تي ان حد تائين عاشق آهي جو آئيني ۾ عڪس ڏسي مشتزني ڪري ٿو.

1899ع ۾ پال نيڪ پهريون نفسياتي ماهر هيو جنهن نارڪيسيزم جو لفظ اصلي حالت ۾ استعمال هيٺ آندو. ان اهڙي لفظ سان نفرت واري جنسي عمل (Sexual Perversion) جي تشريح ڪئي.[4]

نارڪيسس جي ڏند ڪٿا جو ذڪر نبلس اويڊس ناسو (43BC-17AD)جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو. ان شاعر کي اويڊ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

اهو رومن شاعر هيو، تن ڏينهن آگسٽس جي حڪمراني هئي ۽ اهو ساڳيو وقت هيو جڏهن عيسا ڌرتيءَ تي آيو.[5]

اويد،ورجل ۽ هوريس جو همعصر هيو. نارڪيسس جو ڏند ڪٿائي قصو اويد جي پندرهن جلدن تي مشتمل ڪتاب ميٽامارفوسس ۾ ڏنل آهي.[6]

اهو قصو ائين آهي تہ نارڪيسس جو تعلق يونان جي شهر بيوشيا سان هيو.

سندس پيءُ درياهن جو ديوتا ڪيفيسوس (Cephissus) هيو. ان هڪ لائروپ (Liriope) نالي ناچ ديوي (Nymph) سان زوري ڪئي. جنهن مان نارڪيسس جايو. يوناني ڏند ڪٿا ۾ ان جو نالو نارڪيسوس ڄاڻايل آهي. نارڪيسس سهڻي هجڻ ڪري هر ڪنهن جي نگاهن جو مرڪز هوندو هيو. اهو ئي سبب هيو جو هن پاڻ کي دنيا جو حسين ترين وجود محسوس ڪيو. ان وقت تائين نارڪيسس پاڻ کي ڪنهن عڪس ۾ نہ ڏٺو هيو.

نارڪيسس بيوشيا جي جهنگ ۾ شڪار ڪري رهيو هيو تہ ايڪو (Echo) نالي هڪ پهاڙن جي ديوي ان تي عاشق ٿي پئي. ايڪو جيڪا ناچ ديوي (Nymph) پڻ هئي ڪڏهن اها زيوس ديوتا جي داسي رهي هئي. ان جي ڪرتوتن ڪري زيوس ديوتا جي زال هيرا کيس بددعا ڏني هئي تہ اها سڄي زندگي پنهنجو ڳالهايل جملو ورجهائيندي رهندي. ان بددعا ڪري ايڪو ڪڏهن بہ نارڪيسس سان ڳالهائي نہ سگهي. هڪ دفعي نارڪيسس ڪنهن کي پاڻ پويان ايندي محسوس ڪيو ۽ سوال ڪيو تہ "ڪير آهي؟"

ايڪو بہ جواب ڏنو. "ڪير آهي؟"

ايڪو هڪ دفعي نارڪيسس کي ڀاڪر وڌو پر نارڪيسس جيڪو پنهنجي وجود جي ڄار ۾ ڦاٿل هيو ان نفرت مان کيس ڌڪو ڏئي پري ڪيو. نفرت جو اهڙو اظهار ڏسي ايڪو جهنگ اندر اڪيلائيءَ جو موت مري وئي پر هن جو ورجهاءُ پڙاڏي جي صورت ۾ موجود رهيو.

جڏهن اها خبر نيميسس (Nemesis) ديويءَ کي پئي تہ ان نارڪيسس کي ايڪو کان نفرت جي ڏوهہ ۾ سزا ڏيڻ جو پهہ ڪيو. نيميسس اهڙن شخصن کي سزا ڏيڻ جي ديوي آهي جيڪي خودپرست، خوشفهم، حد کان وڌيڪ پراعتماد ۽ مغرور آهن. اهڙي شخصيت جنهن ۾ اهي صفتون هجن ان کي يونانيءَ ۾ هبرس (Hubris) چيو وڃي ٿو.

نيميسس ڪنهن طريقي سان نارڪيسس کي هڪ تلاءُ تي وٺي آئي. نارڪيسس جڏهن پهريون دفعو پنهنجو عڪس تلاءُ جي پاڻيءَ ۾ ڏٺو تہ پاڻ تي عاشق ٿي پيو. هو ڪيترا ڏينهن تلاءُ تي ويهي

پاڻ کي ڏسندو رهيو ۽ جڏهن ڏٺائين تہ ان جو عڪس ڪيس رخ نہ ڏئي رهيو آهي تہ هڪ ڏينهن مايوس ٿي ان آپگهات ڪيو. اتي سندس وجود مان هڪ گل پيدا ٿيو. نارڪيسس گلن کي ڊيفوڊلز چيو وڃي ٿو. اهڙو گل نرگس جي گلن سان پڻ ملندڙ جلندڙ آهي.[7]

نارسيسيزم احساس ڪمتريءَ جي انتها آهي ۽ اهڙو احساس ناڻتائي رويي ۾ احساس برتريءَ ۾ بدلجي ظاهر ٿئي ٿو. نارسسٽ اندر جو هيٺو انسان آهي، سندس غرور ۽ هٺ ان احساس جو ناڻتائي ردعمل آهي. اندر ۾ لڪيل خوف کيس خودپرست بنائي ٿو. اهو لاشعوري خوف واري حالت ۾ رهي ناڻتائي بخيل ٿي پوي ٿي.

نارسيسٽ جي عادتن ۽ نشانين جي باري ۾ هاچڪس (Hotchkiss) اُن جون ست صفتون ٻڌايون آهن.[8]

1. شرم، جيڪو چيندڙ سماجي احساس آهي، جيڪو پاڻ ۽ پنهنجي حيثيت کي ٻين سان ڀيٽڻ سبب پيدا ٿئي ٿو. نارسيسٽ جي غير فطري روين ۾ شرم لڪيل حالت ۾ موجود رهي ٿو ۽ اهي شرم جو اظهار فطري طريقي ظاهر ڪرڻ کان قاصر آهن.

2. سوچن جي ساحري (Magical thinking)، ان کي نفسيات ۾ خام خيالي چئجي ٿو. نارسسٽ پاڻ کي سدائين برحق سمجهن ٿا ۽ نفسياتي طور اهڙن غير منطقي خيالن ۾ رهن ٿا جيڪي انهن جي ڊپريشن ۽ خوف ۾ اضافو ڪن ٿا.

3. خود پرستيءَ (Arrogance) سبب انهن جي اندر جو خالي پڻو کين ڦوڪي وڏو ڪري ٿو. اهي پاڻ کي مغرور ثابت ڪن ٿا ۽ ٻين کي حقير سمجهن ٿا.

4. حاسد (Envy) ٿين ٿا، ٻئي جون ڪاميابيون ڏسي سڙن ٿا ۽ انهن کي گهٽائي پيش ڪن ٿا.

5. استحقاق (Entitlement) جي خوشفهميءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي مڙهين ٿا. اها اميد رکن ٿا تہ ٻيا کين تسليم ڪن.

6. استحصال (Exploitation) ڪندي ٻين جي جذبن جو خيال نہ ٿا ڪن، انسانن جي تذليل ڪن ٿا. پنهنجي مفاد جو سوچين ٿا.

7. ذاتي حدبنديون (Personal Boundries) روين جون اهي چوديوارون آهن، جن اندر اهي ذاتي حملن کان محفوظ رهن ٿا ۽ ٻين جي حدبندين جو ڪو خيال نہ ٿا ڪن.

شرم انسان جو اهڙو فطري رويو آهي جيڪو انا (Ego) جون حدبنديون ٽوڙي ٿو. شرم حيثيت جو احساس آهي ۽ بي شرمي ان جو ناڻتائي ردعمل آهي. انسان پاڻ ۽ پنهنجي حيثيت کي ڀيٽي، شرم:

پڇتاءُ، ڏک يا درد جي صورت محسوس ڪري ٿو. انسان جي حيثيت سندس لاشعور ۾ موجود هوندي آهي. اها خاصيت (Trait) آهي ته هو پنهنجي حيثيت کي ڪيئن محسوس ڪري ٿو. ڪي وڏي حيثيت رکندي به انا (Ego) کان آزاد آهن ۽ ڪي گهٽ حيثيت رکندي به پاڻ پڏائين ٿا.

انسان جي طبيعت سندس مورثيت ۽ سماجي روين جو ردعمل آهي. خودپرستي هڪ انسان جي خالي پڻي جو احساس آهي، اهميت جو ناٽتائي رويو آهي. ٻين جي ڪاميابين کي گهٽائي پيش ڪرڻ ۽ ائين چوڻ ته انهن جون ڪاميابيون دراصل ناڪاميون آهن، اهڙو حسد ناٽتائي احساس وسيلي انهن جي نارسسٽ طبيعت کي مطمئن ڪري ٿو.

ڏٺو وڃي ته دنيا جي هر انسان ۾ ٿوريون گهڻيون نارسسٽ خصلتون موجود آهن. ڪي اهڙا آهن جن ۾ اهي چرپائپ جي حدن کي ڇهن ٿيون.

ادب ۾ نارسيسزم جو ذڪر موجود آهي. اسٽينڌال جو ناول ”ڳاڙهو ۽ ڪارو“ تاريخي ۽ نفسياتي ناول آهي جيڪو 1830ع ۾ شايع ٿيو. اهو نيپولين جي وقت جو آهي جڏهن فرانس انقلاب ڪانپوءِ ڪَرَ ڪٽي رهيو هيو. ان ناول ۾ جولين سوريل جيڪو هڪ ڊکڻ جو پٽ آهي اهو ترقي ڪري وڏو عهدو ماڻي ٿو ۽ هڪ عورت ميٿلڊي لامول جي محبت ۾ گرفتار ٿئي ٿو. اها عورت نارسسٽ آهي ۽ ان کي پنهنجو پاڻ ڪانسواءِ ڪجهه نه ٿو وڻي.[9]

پورچوگيز زبان ۾ لکيل ناول الڪيمسٽ 1988ع ۾ شايع ٿيو، اهو پائلو ڪولهو جو لکيل آهي ۽ ستر زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي.[10] اهو هڪ علامتي ناول آهي جنهن ۾ الڪيمسٽ، هڪ اسپيني ڌنار سانتياگو سان مصر جي اهرامن تائين سفر ڪري ٿو. سفر جو سبب سانتياگو جو اهو خواب آهي جيڪو هو هر رات ڏسي ٿو، ان ۾ ڪيس خدا پاران بشارت ٿئي ٿي. اهو اهڙو خواب هڪ روماني (Romani) عامل عورت کي بيان ڪري ٿو جيڪا کيس ان جي تعبير ٻڌائي ٿي ته هو مصر جي اهرامن جو سفر ڪري جتي پوريل خزانو هن جو منتظر آهي.[11]

جيئن پهرين ذڪر ڪري آيا آهيون ته روماني جن ۾ ٻين سان گڏ سنڌ جا باگڙي ۽ جت به شامل آهن اهي خانا بدوش قبيلن جي صورت ۾ دنيا جي مختلف حصن ۾ ڦهليل آهن.[12] اهڙن خانا بدوشن تي ٿيل تازي تحقيق ۽ ڊي، اين، اي جي جين (Gene) تجزيي موجب اهي دلت آهن ۽ انهن مان سنٽي (Sinti) وچ يورپ جا خانا بدوش آهن،

ٿي سگهي ٿو اهي سنڌيءَ مان سنٽي ٿي پيا هجن.[13]

پائلو ڪولهو جي ناول ۾ الڪيمسٽ ڪي قافلي وارن ڪان هڪ ڪتاب ملي ٿو جنهن ۾ نارڪيسوس جو قصو آهي.

مشهور شاعر رلڪيءَ جي نظمن ۾ نارڪيسوس جو ڪردار ڪيترن ئي هنڌن تي علامتي طور موجود آهي. سيمس هينيءَ جو هڪ نظم "پرسنل هيليڪون" نارڪيسس بابت آهي. وليم فاڪنر جي ناول پناهگاهہ (Sanctuary) ۾ نارڪيسا جو ڪردار آهي. ان ناول ۾ نارڪيسا هڪ مغرور عورت ڏيڪاريل آهي.

هرمن هيس جو ناول "نارڪيسا ۽ گولڊ منڊ" 1930ع ۾ شايع ٿيو.

عالمي ادب ۾ اهڙا بيا بہ ڪتاب آهن جن ۾ نارسيسزم روين کي چٽيو ويو آهي.[14] انهن ۾ انسان جو نفسياتي ڪردار پيش ڪيل آهي. نارسيسزم کي ناٽڪائي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ڪردار پاڻ کي منفرد ڪندي انفرادي اڪيلائين جو شڪار ٿئي ٿو.

نارسيسزم نفسياتي سينڊروم آهي. سينڊروم (Syndrome) اهڙي صورتحال آهي جنهن ۾ گهڻين بيمارين جون علامتون هڪ ئي وقت بيماريءَ کي ظاهر ڪن ٿيون. اهڙو مثال گهرو ٽڪو (Darktriad) ۽ ڊوريان گري سينڊروم (Dorian Gray Syndrome) آهن.

## References:


Symington . Neville (1993).

"Narcissism: A new theory".

H. Karnac Ltd.p. 6-7.

Freud Sigmund.1914.

"On Narcissism : An introduction".

Darnton . Robert.

"Readers response to Rousseau. The fabrication or romantic sensitivity".

Lowen . Alexander (1997).

"Narcissism"

Denial of the true self. New York —p-45

William S. Anderson (1998).

"Ovid's metamorphosis".

Book 1-5 Norman: university of Oklahoma press.

Translation by A.D Melville ;

**"Metamorphosis"**,

introduction and notes by E,J , Kenney. Oxford university press 2008.

**"The Myth of Narcissus".(PDF).**

Hotchkiss , sandy & Masterson , James , F.

**"Why is it always about you?"**

The seven deadly sins of Narcissim (2003).

Stendhal C,K , scott. Moncrief.

**"The red and black",**

trans. 1926-p- xvi.

**Paulo Coelho in database –**

world cat. Retrieved 20 Dec :2016.

**"The Alchemist"**

(PDF). Good reads. Retrieved 20 Dec:2016.

sushma swarj . (PDF)

**"Romas are India's children":**

India.com. 12 Feb: 2016.

Nelson , Dean (2012).

**"Sinti".**

European Roma descended from Indian , untouchable genetic study shows. Telegraph.co.uk. Retrieved 15 Dec:2017.

Curk , Polona

**"Narcissism".**

A critical reader (PDF). London-Karnac Books.P-129.

# گهرو ٽڪوڻ ناتتا

## (Darktriad and Nocebo)

گهرو ٽِڪو (Darktriad) نفسيات جو موضوع آهي، جنهن ۾ مرض ٽن مورثي حالتن ۾ ظاهر ٿئي ٿو.[1]

1. نارسيسيزم —Narcissism
2. ميڪاوليئنيزم-Machiavellianism
3. سائڪوپيٿي-Psychopathy

ميڪاوليئنيزم حڪومت هلائڻ ۽ رايا کي قابو ڪرڻ جو اهڙو طريقو آهي جنهن ۾ ضروري آهي ته حڪمران هوشيار، چالاڪ، چالباز ۽ عيار هجي. وقت اچي ته بهروپيو ٿي دوکي ڏيڻ کان نه ڪيٻائي.

اهو اٽليءَ ۾ جاڳرتا (Renaissance) جي ڏينهن ۾ نڪولو ميڪاوليءَ ڏانهن منسوب ٿيل آهي. نڪولو ميڪاولي 1469ع ۾ ڄايو. جنهن شهزادو (Prince) نالي ڪتاب لکيو.[2]

سائڪوپيٿي جنهن کي سوشيوپيٿي پڻ چيو وڃي ٿو. جيڪڏهن آدم بيزاري به چئجي ته ڪو فرق نه پوندو. اها نفسياتي بيماري آهي جنهن ۾ سماج برخلاف (Antisocial Behaviour) همدرديءَ جي جذبي کان خالي، (Impaired Empathy) ڪنهن به پڇتاءَ جو نه هجڻ.[3] (Impaired Remose)، بغير ڪنهن خوف جي ڪي به حدبنديون نه قبولڻ جيئن سماجي رواج، ريتون رسمون ۽ نفعي نقصان جي سوچ شامل آهن. ڊارڪ ٽرايا؛ مورثي نفسياتي بيماري آهي. تحقيق ثابت ڪيو آهي ته ان جي خاصيت، (Trait) ڪروموسومز جي ڊي، اين، اي ذريعي منتقل ٿئي ٿي. هڪ پراڻو نظريو جنهن کي فطرت بمقابل پروان (Nature and Nurture) چيو وڃي، ٿو. ان جو تجزيو ڪبو ته فطرت جو واسطو علم الحيات (Biology) سان آهي ۽ پروان جو ماحول (Enviroments) سان آهي.[4]

فطرت جو دارومدار ماحول تي آهي. ماحول فطرت کي تبديل ڪري ٿو ۽ فطرت ماحول سان مطابقت ۾ تبديل ٿئي ٿي. اهو ارتقائي اثر آهي. ارتقائي عمل هيٺ ٿي فطرت ماحول سان پاڻ تبديل ڪري؛ جيئري رهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.

ڊارڪ ٽرائياڊ بابت جاڙن ٻارن (Twins) تي تحقيق ڪئي وئي آهي. ماءُ کي ڄمندڙ جاڙا ٻار ماءُ جي گرڀ ۾ ٻن الڳ قسم جي طريقن سان پروان چڙهن ٿا. اهي جاڙا يا ته مونوزائگوٽ (Monozygotic) آهن

جن کي مماثل (Indentical) چيو ويندو آهي يا اهي ڊائزائگوٽ (Dizygotic) آهن.(5)

انهن ۾ فرق اهو آهي تہ مونوزائگوٽڪ جاڙا ٻار گرڀ ۾ تڏهن پروان چڙهندا آهن جڏهن ماءُ جي ٻچيدانيءَ مان خارج ٿيل هڪ آنيارو (Ovum) پيءُ جي ٻن اسپرمز سان ڳيرجندو (Fertilized) آهي ۽ ڊائزائگوٽڪ جاڙن ۾ هڪ ئي وقت ماءُ جا ٻہ الڳ آنيارا، پيءُ جي ٻن الڳ اسپرمز سان ڳيرجندا آهن.

پيدا ٿيندڙ ٻنهي طريقن وارن جاڙن ٻارن تي ماحول (Enviroment) جو اثر سئو سيڪڙو ٿيندو آهي پر فطرت (Nature) جو اثر مونوزائگوٽڪ تي سئو سيڪڙو ۽ ڊائزائگوٽڪ تي پنجاهہ سيڪڙو ٿيندو آهي.

اهڙي لحاظ کان ماحول ۽ فطرت جو تجزيو ڪيو ويو. اهو انهن جي جين مان حاصل ڪيل نتيجو هيو جنهن مان ثابت ٿيو تہ "فطرت بمقابل پروان" جو نظريو ارتقائي طور انسان جي جينياتي سرشتي تي ڪيئن اثر انداز آهي ۽ ڊارڪ ٽرائياڊ پڻ ائين ماحول ۽ فطرت جو اهڙو ردعمل آهي جيڪو انساني روين منجهہ ظاهر ٿئي ٿو.(6)

ناٿتائي اثر انسان جي جين ۾ موجود ٿين ٿا. اهو ماحول تي مدار آهي تہ فطرت تي ڪهڙا اثر ڇڏي ٿو. هر ساهواري جو ڌاري ساڳيو ماحول نہ آهي ۽ هر ساهوارو موجود ماحول کي پنهنجي ادراڪ سان محسوس ڪري ٿو. جن مدرسن مان عالم ۽ ڪيميادان پيدا ٿين ٿا، انهن ئي مدرسن مان قرآن جا حافظ آپگهاتي بمبار. انسان جي طبيعت، عادت ۽ ڪردار جو مدار ان جي ماحول ۽ فطرت تي آهي. ماحول ناٿتائي (Nocebous) اثر سان فطرت کي جين جي حد تائين متاثر ڪري ٿو ۽ فطرت ناٿتائي ردعمل وسيلي ماحول سان مطابقت ۾ تبديل ٿي ان جهڙي ٿي پوي ٿي.

نڪولو ميڪاولي (1469-1527ع) اٽليءَ جو سياستدان، سفير، تاريخدان ۽ فلاسافر هيو. هن کي سياسي سائنس (Political Science) جو ابو چيو وڃي ٿو. هو شاعر بہ هيو. هن مٿان جن شخصيتن جا اثر هيا انهن ۾ ٿامس اڪيوناس، زينوفون، سسيرو، سقراط ۽ افلاطون شامل هيا هن جن شخصيتن کي متاثر ڪيو، انهن ۾ بيڪن، روسو، ڊيوڊ هيوم، جان آدم، نتشي، اسپنوزا، ڊديرو ۽ ٻيا شامل آهن. ان جي لکيل ڪتاب پرنس" کي شيطاني ڪتاب ڪوٺيو ويو. جنهن ۾ دنيا جي ظالم حڪمرانن کي ترڪيب ڏنل آهي تہ اهي پنهنجي حڪومت ڪيئن برقرار رکن

نڪولو ميڪاولي يورپ ۾ نفرت جي ذهنن جي پيداوار آهي. ميڪاوليءَ جنگ بغاوت ۽ ڪسمپرسيءَ جو پنهنجي مزاج مطابق مشاهدو ڪيو. ماحول جي نفرت انگيزي سندس فلسفي جو ناٽتائي (Nocebous) نتيجو آهي. يورپ جي حڪمرانن کان وٺي ويندي ترڪيءَ جي سلطانن تائين سندس ڪتاب پرنس جو مطالعو وڏي ذيان سان ڪيو ويو. ميسولينيءَ کان هٽلر تائين ۽ جنرل فرانڪو کان اسٽالن تائين هر حڪمران ان ڪتاب کي پنهنجي نظر سان ڏٺو.[۸]

اهو سچ به آهي ته امن پسند ۽ نرم دل انسان سٺو حاڪم ثابت نه ٿو ٿئي يا ته اهو شڪست کائي دشمن هٿان ماريو ويندو يا مخالفن هٿان پڪڙيل عوام جي بغاوت سبب پنهنجن ئي فوجين هٿان سوليءَ تي لٽڪايو ويندو.

شريف النفس حڪمرانن جا قصا صرف ڏند ڪٿائن ۾ آهن. حڪمران شريف ٿئي ته حڪمرانيءَ جي تخت سان ڦاسيءَ جي تختي تي راڄ ڪندو پر ميڪاولي حڪمراني ڪرڻ جا گُر ڏسيندي رحم جون سڀ حدون لتاڙي ويو آهي. حڪمرانيءَ بابت ميڪاوليءَ جو تجربو ناٽتائي آهي. ان وقت جي ماحول ۽ سندس جين جو اهڙو ميلاپ آهي جيڪو مطلق العنانيت جون حدون لتاڙي خوفناڪ صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

**References**:


Paulhus D . L: Williams , KM (2002).

**"The Dark triad of personality"**

Journal of research in personality-36:556-63.

Jones , Daniel N. Paulhus , Delroy (2009)

**"Machiavellianism"**.

Hand book of individual differences in social behavior. New York / London. The Guilford press. p.257-73.

D, L, L; Patrick C, ۽ Lilienfeld , S.O (2011).

**"Psychopathic personality ; bridging the gap between scientific evidence and public Policy"**. Psychological science public intrest. 12(3):95-162.

Furnham A , Richard S C , et al (2013). .

**" The dark triad of personality : A 10 year review"**.

Social and personality psychology compass — 7(3):199-216.

Vernon , P, A ; Martin , R, A ; schemer . J, A (2008).

"**A behavioral genetic investigation of humor styles and their correlations with the Big , 5 personality dimensions**".

Personality and individual differences — 44(5):1116-25.

Plomin , R ; Fulker , D.W ; Corley , R; DeFries , J, C (1997).

"**Nature , nurture and cognitive development form 1 — 16 years. A parent offspring adoption study**".

Psychological science — 8 (6): 442-47.

Giovanni Giorgini.

"**Five hundred years of Italian scholarship on Machiavellis prince**".

Review of politics (2013):75#4.p.625-40.

Baron , Hans (1961).

"**Machiavelli: The republican citizen of an author of the prince**".

The English historical review , 76:218.

# ڊوريان گري سينڊروم ۽ ناٽتا

## (Dorian Gray Synrome and Nocebo)

ڊوريان گري سينڊروم اهڙي نفسياتي حالت آهي جنهن ۾ ڪو پاڻ کي انتهائي اهم ۽ فخر لائق سمجهي ٿو، جنهن ۾ سندس شخصيت، ڏيک ۽ جسماني بيهڪ شامل آهن. اهو نفسياتي طور وڌندڙ عمر ۽ پوڙهائپ کان ڏنل رهي ٿو جو وقت سان سندس چهرو ساڳيو نه رهندو ۽ جسماني سونهن متاثر ٿيندي.[1]

ڊوريان گري سينڊروم ٽن نفسياتي حالتن تي مشتمل آهي.[2]

1. نارسيسيزم — Narcissim
2. جسم جي بگاڙ جو خوف — Dysmorphophobia
3. پوروچوٽ جنسون — Paraphillias

جسم جي بگاڙ جو خوف (Dysmorphophobia) هڪ عجيب نفسياتي بيماري آهي. اها دل تان نه لهندڙ اهڙن وسوسن (Obsessions) مان جنم وٺي ٿي ته منهنجي جسم جي حصي تي وقت حملو ڪيو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن ان ۾ بگاڙ ايندو وڃي ٿو. ان لاءِ ضروري آهي ته اهڙا اپاءَ وٺان جيئن اهو سلسلو رڪجي وڃي ۽ جسم جي سونهن مرجهائڻ کان بچي وڃي. اهڙي وهم ۾ قاتل شخص هر وقت ان باري ۾ سوچيندو رهندو آهي. جسم جي بگاڙ جي خوف کي شدت جي لحاظ کان پنجن ڊاڪن ۾ ورهايو ويو آهي. ان جو پنهنجو ڊاڪو پنهنجي انتها تي پهتل ٿئي ٿو ۽ ان کي شدت سان مڙهيل وسوسو (Obsessive compulsive spectrum) چئجي ٿو.[3] جنهن ۾ موٽائپ ۽ وزن وڌي وڃڻ جي سوچ کان متاثر ٿيل ڪاڌو پيتو ڇڏي ڏئي ٿو. ان خوشفهميءَ ۾ جلاب وٺي ٿو ته سندس پيٽ اندر ٿيندو، زوريءَ الٽيون ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهڙي حالت کي اينوريڪسيانرووزا (Anorexia Nervousa) چيو وڃي ٿو.[4]

اينوريڪسيا نرووزا دنيا جي آدمشاريءَ ۾ مختلف بيمارين ڪري 24 سيڪڙو آهي. اهڙي حالت گهڻو ڪري نوجوانيءَ ۾ ٿئي ٿي. مرد ۽ عورتون ساڳي تناسب ۾ متاثر ٿين ٿا. متاثر شخص پاڻ کي بين سان پيئي ٿو ۽ ان وسوسي کان ته سندس بيهڪ ۾ خامي آهي ماڻهن سان گهڻو ميل ميلاپ نه ٿو رکي. جيڪي خاميون سندس وهم ۾ آهن

انهن کي لڪائڻ لاءِ هيلا هلائي ٿو. اهڙا شخص تعليمي ۽ پيشاورانا ڪارڪردگيءَ ۾ پوئتي رهجي وڃن ٿا. سماجي اڪيلائيءَ جو شڪار ٿين ٿا. آپگهات بابت سوچين ٿا ۽ آپگهات ڪن ٿا. ان بيماريءَ جون ڪجهه علامتون اهي آهن ته انهن جي ڌيان جو مرڪز گهڻو ڪري چهرو، وار، پيٽ، سٿر ۽ ٻنڊڻ (Hips) ٿين ٿا. گهڻا پنهنجي چمڙيءَ لاءِ فڪرمند ٿين ٿا ۽ چمڙي جي ماهرن سان لهه وچڙ ۾ اچن ٿا. اهي آرائشي جراحي (Cosmetic Surgery) ڪرائين ٿا. اهو سڀ ڪرائڻ باوجود به ذهني طور مطمئن نه ٿا ٿين. ٻئي پاسي پنهنجو علاج پاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا جنهن ۾ چمڙي چلي داغن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش اهڙا داغ جيڪي بظاهر نظر نه ٿا اچن، اهي معاشري کان اهڙن وسوسن ڪري ڪٽجي وڃن ٿا ته ماڻهو چور نظرن سان سندن جسماني خامين ڏانهن ڏسن ٿا.

جيڪڏهن ڪنهن ۾ جسماني خامي ٿي پوي ته اهو ان کي لڪائڻ لاءِ ڪيموفلاز طريقو استعمال ڪري ٿو جيئن داغن کي آرائشي رنگن سان لڪائڻ، ڪپڙي سان ڍڪڻ يا اهڙو لباس پائڻ جيئن اهي ڍڪجي وڃن. اهڙا شخص هر هر پاڻ کي آئيني ۾ ڏسن ٿا ۽ ماڻهن کان پڇي پڪ ڪن ٿا ته سندن نقص نظر ته نه اچي ٿو؟ ڪڏهن اهي آئيني ڏسڻ کان پاسو ڪن ٿا. حد کان وڌيڪ هارسينگار ڪن ٿا ۽ ٿورو ڪائين ٿا. اهڙي دٻاءَ (Stress) سبب اهي شگر جا مريض ٿي پون ٿا.[5]

ڊوريان گري سينڊروم آسڪروائلڊ جي ناول ”پڪچر آف ڊوريان گري“ تان ورتل آهي. اهو ناول 1810ع ۾ شايع ٿيو.

ناول جو اختصار ائين آهي ته هڪ انتهائي خوبصورت جوان جنهن جو نالو ڊويان گري آهي. اهو آرٽسٽ آهي ۽ پنهنجي قد آدم تصوير ناهي ٿو. تصوير ڏسي خواهش ظاهر ڪري ٿو ته وقت هن بجاءِ سندس تصوير تي اثرانداز ٿيندو ۽ هو سدائين جوان رهندو. پر تصوير وقت سان پوڙهي ٿي ويندي. هن جي اهڙي خواهش پوري ٿئي ٿي ۽ اهو جوانيءَ ۾ ئي موت جي حوالي ٿي وڃي ٿو.[6]

جسماني بگاڙ جو خوف (Dysmorphophobia) فطرت سان متفق نه ٿيڻ جو نااتنائي اثر آهي. انسان فطرت جي ارتقائي گهاٽي مان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. وقت کي روڪڻ ڪنهن جي وس ۾ نه آهي. جڏهن صبح آهي ته سانجهي ٿيڻي آهي. جڏهن رات آهي ته ڏينهن کي ضرور نروار ٿيڻو آهي. اهو به سچ آهي ته انسان پنهنجي وس ۾ نه آهي. ان ۾ فطرت جيئن موجود آهي ائين نڪري نروار ٿئي ٿو. جيڪڏهن فطري طور انسان جي ارتقائي اوسر جو جائزو ورتو وڃي ته ان ۾ سندس ڪيل گناهن جو ڪٿي به ڏوهه ثابت نه ٿو ٿئي. فطرت جون

## پور وچوٽ جنسون ۽ ناتتا

### (Paraphilia and Nocebo)

پور وچوٽ جنسون غير فطري جنسي طريقا (Perverted sex) آهن، جنهن ۾ جنس بگڙيل (Atypical) شڪلين، حالتن، روين ۽ ڪن خاص شين (Objects) ڪي ڏسي جاڳي پوي ٿي.[1]

جڏهن مرد ۾ بي جان شين ۽ غير فطري جنسي عمل لاءِ اهڙي خواهش شدت سان جاڳي ته ان کي فيٽيشيزم (Fetishism) چيو ويندو آهي.[2] هڪ ذريعي موجب پيرافليا لاءِ استعمال ٿيندڙ غير فطري جنس جا 549 طريقا آهن.[3] هتي اهڙن ڪجهه جنسي طريقن جي ترتيب ڏجي ٿي.[4]

پور وچوٽ جنسي طريقن جي ترتيب. Classification of Paraphilia

1. غير انساني معروض Nonhuman Objects
2. بي.ڊي.ايس.ايم B.D.S.M
   - سوگهائپ B-Bondage
   - ضبط D-Discipline
   - حاوي ۽ نيازمندي D- Dominance and Submission
   - سيڊوميسوڪيزم SM-Sadomasochism
3. ٻارن سان جنسي بي راهروي
   - ٻار بازي Pedophilia
   - ابهم بازي Infentophilia
   - لونڊي بازي Hebephilia
4. زوريءَ جنسي عمل Rape
5. همجنس پرستي Homosexuality
6. جانور زني Bestiality

آمريڪن جنرل آف سائڪياٽريءَ موجب پيرافليا ۾ جن شين تي جنس جاڳي ٿي انهن ۾ غير انساني معروض (Nonhuman Objects)

سرفهرست آهن. گهڻن جو عقيدو آهي تہ غير جاندار شين ۾ پڻ روح ٿئي ٿو، جنهن عقيدي کي اينيمزم (Animism) چيو وڃي ٿو. اهو ڪن وڻ مذهبي عقيدو آهي. انهن شين ۾ جانورن، بوٽا، جبل، درياهہ، موسمون، انسانن جا تراشيل مجسما ۽ تصويرون شامل آهن.

ان جا ڪجهہ مثال اهي آهن تہ 2007ع ۾ ايريڪل ايفل، ايفل ٽاور سان شادي ڪئي.[6] 2010ع ۾ عورتن جي ڏهاڙي جي حوالي سان هڪ لسٽ جاري ڪئي وئي جنهن ۾ ماڻهن ۽ بي جان شين وچ ۾ عشق جا حوالا ڏنل هيا. بي جان شين ۾ برلن وال، وهاٽا، ورلڊ ٽريڊ سينٽر، آئي بوڪ، ٻاڦ واري انجڻ، ول فائر گرائونڊ جهولو، ويڊيو گيم، ڪار، هوائي جهاز ۽ سائيڪل شامل هيا.[7]

2011ع ۾ نيشنل جيوگرافڪ چينل شو (Taboo) پروگرامن ۾ ان موضوع تي فلم ٺاهي. چرڊ برگيءَ جو ٺاهيل پورٽريٽ جنهن ۾ هڪ پلاسٽڪ سرجن جو فرنيچر سان عشق آهي.

ليوي ٽڌهرجو افسانو جنهن ۾ هڪ عورت جو پُل سان پيار آهي. هڪ مشهور گانو جنهن ۾ عورت جو ڪنڊر سان پيار آهي. 2016ع ۾ هڪ شخص کي عدالت اها اجازت نہ ڏني تہ اهو ڪمپيوٽر سان شادي ڪري.[8]

انسان غير فطري جنسي رجحانن (Eroticism)سان پاڻ کي تسڪين پهچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.[9] جيئن سوگهائپ، (Bondage) جنهن ۾ عورت يا مرد جي رضامنديءَ سان، جنهن ۾ زور زبردستيءَ جو ڪو عمل داخل نہ آهي. هڪ ٻئي کي رسن، چمڙي جي پٽن، ٽيپ يا ٻين طريقن سان جسم کي ويڙهي، ٻڌي سوگهو ڪري جنسي تسڪين حاصل ڪئي وڃي ٿي. ائين ٻڌڻ يا سوگهو ڪرڻ سان انهن ۾ نفسياتي طور سونهن (Aesthetic) جو تاثر گهرو ٿئي ٿو ۽ بدني نسون (Sometosensory فرحت محسوس ڪن ٿيون.[10]

مرد عوت کي رسن يا چم جي پٽين سان ويڙهي ٿو تہ کيس پنهنجي طاقور جنسي سگهہ جو احساس راحت پهچائي ٿو، جڏهن تہ عورت کي هيٺائيءَ جو احساس جنسي تڪسين پهچائي ٿو. ساڳيو تاثر تڏهن ايري ٿو جڏهن عورت مرد کي ويڙهي سوگهو ڪري ٿي ۽ پاڻ کي جنسي طور آزاد محسوس ڪري ٿي.[11]

ضبط (Discipline) جنسي بي راهرويءَ ۾ تسڪين جو اهڙو وسيلو آهي جنهن ۾ عورت يا مرد کي ٻہ جنسي قائدا يا قانون ٽوڙي ٿو تہ کيس سزا ڏني وڃي ٿي. ان سزا ۾ بيدجي چهبڪ سان مخصوص جاين تي هلڪا ڌڪ هنيا وڃن ٿا ۽ اهڙا ڌڪ انهن جي جنسي تسڪين جو سبب بنجن ٿا. ڪڏهن جنسي قائدا ۽ قانون ٽوڙڻ جي ڏوهہ ۾ هڪ

ٻئي کي سرعام خوار ۽ خراب (Humiliation) ڪري ٻہ جنسي طور پاڻ کي مطمئن ڪيو وڃي ٿو. جيئن خاص ڪري عورت کي چم جي پڻن سان ويڙهي اگهاڙو، ماڻهن جي سامهون آڻڻ يا سيني جي سامهون ڪا اگهاڙي عورت حرڪت ڪري لچ، فخر يا برتريءَ جي احساس (Pride) کي خاڪ ۾ ملائڻ.[12]

حاوي ۽ نيازمندي (Dominance and Submission) جنسي روين جو اهڙو احساس آهي جنهن ۾ مخالف جنس جو ڪو ہ فرد ٻئي تي مسلط يا حاوي ٿي پنهنجي جنسي تسڪين جو پورائو ڪري ٿو ۽ ٻيو اطاعت ۽ نيازمنديءَ جي احساس هيٺ ساڳي لذت سان همڪنار ٿئي ٿو. اهو ضروري نہ آهي تہ اهڙو رويو آمهون سامهون هجي پر اهو فون، ايميل يا ميسيج وسيلي بہ ٿي سگهي ٿو.[13]

سيڊو ميسو ڪيزم (Sadomasochism) جنسي تسڪين جو اهڙو طريقو آهي جنهن ۾ مرد يا عورت هڪ ٻئي کي سور (Pain) پهچائي جنسي لذت ماڻين ٿا يا سور ڪائي جنسي حِس مان لطف اندوز ٿين ٿا. اهو ٻنهي جنسن جي رضامنديءَ سان ٿئي ٿو.[14]

لفظ سيڊو ميسوڪيزم، فرانسيسي اديب مارڪس ڊي سيڊ (1740-1814ع) سان منسوب ٿيل آهي. اهو سياستدان ۽ فلسفي پڻ هيو. ان افسانا، ناول ۽ جنس متعلق ڪتاب لکيا، سندس ڪتابن مان جسٽائين (Justine) کي اهميت حاصل آهي. جيڪو هن 1791ع ۾ لکيو.[15]

اهو ناول هن جيل ۾ فرانس جي انقلاب کان ڪجهہ وقت پهريان لکيو ۽ 187 صفحن تي مشتمل هيو. اهو ناول گمنام اديب جي نالي سان ڇپيو. نيپولين بوناپارٽ ان ڪتاب تي بندش وڌي ۽ گمنام اديب کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ڊي سيڊ کي ڳولهي لڌو ويو ۽ ان ناول لکڻ جي ڏوهہ ۾ ڪيس تيرهن سال قيد ڪاٽڻو پيو. ڊي سيڊ پنهنجين لکڻين ڪري ٻنيهہ سال قيدخانن ۽ پاگل خانن ۾ گذاريا.

جسٽائين ناول ۾ هڪ عورت جو مرڪزي ڪردار آهي جيڪا پنهنجن ڏوهن جي بچاءَ ۾ دليل ڏئي ٿي. ان ناول ۾ تشدد ذريعي جنسي تسڪين حاصل ڪرڻ جا طريقا ڏنل آهن. سور ۽ تذليل ذريعي ڪردارن کي جنسي حِض وٺندي ڏيکاريو ويو آهي.[16]

ٻار بازي (Pedophilia) نفسياتي بيماري آهي. جنهن ۾ نابالغ ٻارن کي جنسي تسڪين لاءِ نشانو بنايو وڃي ٿو. ڇوڪرين ۾ بلوغت ڏهن ۽ يارهن سالن جي وچ ۾ اچي ٿي جڏهن تہ ڇوڪرا يارهن کان ٻارهن سالن جي عمر ۾ بلوغت کي پهچن ٿا. انڪري ٻار بازيءَ جو شڪار ٿيندڙن جي عدالتي ۽ قانوني حد تيرهن سالن کان مٿي نہ آهي.

ٻار بازيءَ جي عدالتي وصف اها آهي تہ ٻار باز جي عمر گهٽ ۾ گهٽ سورهن سال هجي ۽ اهو جنسي طور شڪار ٿيندڙ نابالغ ٻار ڪان عمر ۾ پنج سال وڏو هجي. اهو ضروري نہ آهي تہ ٻار باز جنسي عمل مان تسڪين حاصل ڪن پر ائين بہ آهي تہ اهي ٻار جي موهہ مان اهڙو سرور حاصل ڪن.[17]

ابهم بازي (Infantophilia) ۾ نفسياتي مريض پنجن ڪان گهٽ عمر ٻارن ۾ جنسي ڪشش محسوس ڪندا آهن. پنجن سالن جي گهٽ عمر ۾ ابهم (Infants) ۽ طفل (Toddlers) شامل آهن. لفظ "انفينٽ" لاطينيءَ ۾ "ڳالهائي نہ سگهندڙ" لاءِ استعمال ٿيندو آهي ۽ "ٽوڊلرز" انگريزي زبان جو لفظ آهي جنهن جي معنا آهي هلڻ وقت "لڙ ڪڙائيندڙ" انهن ٻارن جي عمر هڪ سال کان ٽن سالن تائين ٿئي ٿي.[18]

جڏهن ڪنهن نفسياتي مريض لاءِ تيرهن چوڏهن سالن جا نوجوان جنسي ڪشش جو باعث آهن تہ انهن کي لونڊي باز (Hebephilus) چئجي ٿو.[19]

ڪرافٽ ايبنگ ٻار باز کي ذهني مفلوج ڪوٺيو آهي، سندس چوڻ موجب انهن ۾ اهو رجحان مورثي گناهہ جي صورت ۾ موجود هوندو آهي.[20] جڏهن اهڙن فردن جي مغز جو ايم، آر، آءِ (MRI) ڪيو ويو تہ خبر پئي انهن جي مغز جو اڇو مواد (White matter) مقدار ۾ انهن فردن جي مقابلي ۾ گهٽ آهي جن جو رجحان ان پاسي نہ آهي.[21]

ٻار بازي مذهبي لاڙو رکندڙن ۾ وڌيڪ ٿئي ٿي. مسجد جي حجري کان وٺي ويندي ويٽيڪن ۽ دنيا جي بين گرجا گهرن جي پادرين تائين اهو رجحان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پادرين تہ ٻار بازيءَ ۾ حد ڪري ڇڏي آهي. ڪيترا پادري ان عمل کي گناهہ نہ ٿا سمجهن ۽ ڪوشش ۾ آهن تہ ان عمل کي فطري عمل ثابت ڪري سگهن. دراصل وجود اهڙو آئينو آهي جنهن سان روشني ٽڪرائجي موٽ کائي ان وجود جو بگڙيل يا سنواريل عڪس ناهي ٿي. جهڙو وجود تهڙو عڪس، ٻارن سان جنسي بي راهروي اهڙوئي ناٽتائي عڪس آهي، جنس جي فطري چونڊ جو غير فطري نتيجو آهي.

زوري جنسي عمل (Rape) اهڙو ڏوهہ آهي، جنهن ۾ ٻئي جي رضامنديءَ کان سواءِ جنسي عمل ڪيو وڃي. پل اهڙي عمل ۾ انگ (Penis) کانسواءِ ڪنهن ٻيءَ شيءِ جو استعمال چو نہ ڪيو ويو هجي. اهڙو عمل جيڪو طاقت، زواوري (Coercion)، اختيارن جي غلط استعمال يا اهڙي شخص خلاف ڪيو وڃي جيڪو رضامندي ڏيڻ جي قابل نہ هجي، جيئن ڪو بي هوش، لاچار، ذهني معذور ۽ قانوني لحاظ کان گهٽ عمر وارو، جنهن جي عمر ارڙهن سال نہ هجي.[22]

2008ع جي رپورٽ موجب زوريءَ جي جنسي عمل ڪي هڪ لک ماڻهن جي تناسب سان پيٽيو ويو تہ سڀ کان گهڻ زوريءَ جا واقعا آذربائيجان ۾ ٿيا، جيڪي هڪ لک ۾ ڏهائي بہ (0.2/100000) هيا. زوري گهٽو ڪري مردن طرفان ٿي ۽ اها غيرن کان گهڻ، پنهنجن کان وڌيڪ ٿي. زوريءَ جي عمل ۾ مردن هٿان مرد ۽ عورتن مٿان عورتن جا واقعا پڻ ٿيا.[23]

جنگ دوران مخالفن سان زوريءَ ڪي نسل ڪشي (Genocide) چيو وڃي ٿو. خاص ڪري جڏهن اهڙي زوري مذهب، فرقي ۽ نسل جي نانءَ ڪئي وڃي. زوريءَ جو شڪار ٿيل اهڙي لڳل ضرب ڪانپوءِ ذهني ڪرب (Post traumatic stress disorder) ۾ مبتلا رهي ٿو. عورت حاملا (Pregnant) ٿي سگهي ٿي ۽ جنسي بيماريون پڻ منتقل ٿين ٿيون.[24]

پورو وچوٽ غير فطري جنسي رويا (Paraphilia) ساهواري جي احساس محرومي ۽ مايوسيءَ (Frustration) جا ناٽتائي اثر آهن. غير جاندار شين سان عشق، سونهن (Aesthetic) ۽ جنسي تسڪين ڪي اياري ٿو. چنڊ جي عاشق ڪي چريو (Lunatic) چيو وڃي ٿو. سونهن جو معيار انفرادي ۽ شخص جي نفسياتي قبوليت تي مدار رکي ٿو. اهو اندر جي چاٽيءَ تي منحصر آهي تہ ان مان ڪهڙيون شيون چاڻجي پار ٿين ٿيون ۽ ڪهڙيون رهجي وڃن ٿيون. مونا ليزا جي مرڪ جو عاشق ان تصوير کي سخت پهري مان چوري ڪري ڪٺي وڃي ٿو. مجسمن سان عشق، بوٽن، درياهن، جبلن سان عشق، سائيڪلن، ٽاورن، فرنيچر، هوائي جهاز ۽ ڪمپيوٽرن سان شادي، لاشعوري ۽ نفسياتي طور انسان، انسان مان مايوس ٿي چڪو آهي. انسان جنسي خواهش جو پورائو غير جاندار شين ۾ ڳولهي ٿو.

غير فطري جنسي لاڙا، ناٽتائي طريقي جنسي رجحان جي خواهش (Fetishism) کي جاڳائي وجهن ٿا. ماڻهو جنسي بي راهرويءَ ۾ ديوانو ٿي پوي ٿو، گناهہ سندس جنسي حِس جاڳائي وجهن ٿا. اهو ايروٽڪ (Erotic) ٿي تسڪين جي تلاش ۾ دوزخ جي باهہ ۾ وهنجي سرور حاصل ڪري ٿو. جنس ناٽتا (Nocebo) جي غير فطري انداز ۾ فطرت کان پري پنهنجي ذات ۾ وجود وننڊ لاشعوري خواهش جي پورائي ۾ حجاب ۽ شرم جون ليڪون لتاڙي ناٽتائي اظهار ڪري ٿي. سوگهائپ (Bondage)، ضبط (Disipline)، چمڙي جي شين (Kinks) جن ۾ جيڪيٽيون، ڏگها ڪهين وارا بوٽ، باديون، چڊا، دستانا، پٽا ۽ بيا چمڙي پوش شامل آهن. اهي پائي پاڻ کي قيد يا آزاد ڪرڻ جو احساس، غير فطري نماءَ جا طريقا، سرعام توهين (Humialiation) مان جنسي گهرجن جو پورائو. ڏاڍائي ۽ نٽڙت جي نفسياتي طريقن سان هڪ ٻئي

کي زير ۽ زبر ڪري تسڪين وٺڻ. انسان تراوٽ ۽ تسڪين جي تلاش ۾ پاڻ کي ڏنپ ڏئي لطف اندوز ٿئي ٿو. غير فطرت هن جي فطرت کي مڪمل ڪري ٿي. فطرت کان بيزاري ناٽتا (Nocebo) ۾ پناهه آهي.

اهڙي پناهگاهه جنهن جي ڇت ڪمزور آهي، ان مان بي راهروي، محرومي، مايوسي ۽ ڪوٽ (Uncontainted) جو مينهن ٿمي ٿو.

همجنسپرستي (Homosexuality) اهڙي رومانوي جنسي ڪشش يا جنسي عمل آهي جيڪو ساڳي جنس يا صنف سان ڪيو وڃي.

همجنسپرست لاڙو شخص جي جين (Gene)، رتوبتن (Hormones) ۽ ماحول تي مدار رکي ٿو.

همجنسپرست عورتن کي لسبين (Lesbian) ۽ مردن کي گي (Gay) چيو وڃي ٿو. جڏهن تہ ”گي“ لفظ مرد ۽ عورت ٻنهي لاءِ پڻ استعمال ٿئي ٿو.[25]

لفظ لسبين يونان جي هڪ ٻيٽ ليسبوس تان ورتل آهي. مشهور شاعرا سيفو (Sappho) (630-570BC) جي پيدائش ان ٻيٽ تي ٿي. اهو ٻيٽ يونان جي اتر اوڀر واقع آهي ۽ پکيڙ جي لحاظ کان ملڪ جو ٽيون وڏو ٻيٽ آهي. سمنڊ جي هڪ سنهي ليڪ ان کي ترڪيءَ کان الڳ ڪري ٿي ۽ اهو ڪڏهن بازنتائين سلطنت جو حصو هيو.[26] تاريخ جي پراڻن ورقن مان ملي ٿو تہ سيفو جا ڏينهن نوجوان عورتن جي صحبت ۾ گذريا، سندس شاعريءَ ۾ ساڳي جنس جي ڪشش جا اشارا ملن ٿا.[27]

لفظ ”گي“ جيڪو همجنسپرستن لاءِ استعمال ٿئي ٿو، ان جي اصل معنيٰ، بي فڪر، لاپرواهه، خوش، سهڻو ۽ شوباز آهي، اهو لفظ اوڻويهين صديءَ جي آخر ۾ همجنسپرستن لاءِ استعمال ٿيو.

همجنسپرستي جانورن ۾ بہ ٿئي ٿي.

وحداني مذهبن ۾ همجنسپرستيءَ کي سوڊامي (Sodomy) چيو ويو پر هاڻي وسيع معنا ۾ استعمال ٿئي ٿو. اهو اهڙو فطري ڏوهہ آهي، جنهن ۾ ڪو الاهي قائدن ۽ قانون جي پڪڙي ڪري سزا جو مستحق ٿئي ٿو.

سوڊامي اينل سيڪس (Anal Sex) ۽ مائوٿ سيڪس (Mouth Sex) آهي. جڏهن شخص ڪنهن جانور کي وحشت جو نشانو بنائي ٿو تہ اهو سوڊاميءَ جو حصو آهي ۽ اهڙي فعل کي جانور زني (Bestiality) چيو وڃي ٿو.[28]

سوڊومي لفظ مذهبي ڪتابن ۾ موجود شهر سدوم مان ورتل آهي. بوڪ آف جينيس ۾ سدوم ۽ گمراهہ (Sodom and Gomorrah) جو

قصو آهي. توريت موجب سدوم ۽ گمراهه نالي بہ شهر اردن نديءَ ڪناري ڪنعان (Cannan) جي علائقي ۾ موجود هيا. اڄڪلهہ اتي بحرالمردار (Dead Sea) آهي. مذهبي ڪتابن موجب شهر گمراهه ۽ سدوم همجنسپرستيءَ ڪري مشهور هيا. خدا پنهنجي پيغمبر ابراهيم کي ارشاد فرمايو تہ اهو پنهنجي ڀائٽي لوط کي اوڏانهن موڪلي جيئن اهو ماڻهن کي تاڪيد ڪري تہ ان برائيءَ کان پاسو ڪن. انهن شهرن جا ماڻهو لوط جي چوڻ ۾ نہ آيا. الاهي عذاب نازل ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ جنهن جاءِ تي اهي شهر غرق ٿيا، اتي بحرالمردار واقع آهي. ان ڏينهن کانپوءِ سوڊومي لفظ مروج ٿيو.[29]

موضوعاتي لحاظ کان همجنسپرستي ناٽتا (Nocebo) جو هڪ وڏو مثال آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ان عمل کي قانوني طور تسليم ڪيو ويو آهي. گرجائن ۾ همجنسپرست نڪاح ڪري شاديون ڪن ٿا.

آئيس لينڊ جي عورت وزيراعظم جوهانا (Johanna) جنهن 2009ع ۾ پنهنجي عهدي جو قسم کنيو. سرعام ان ڳالهہ جو اقرار ڪندي هئي تہ اها همجنپرست آهي. اهڙي اقرار کانپوءِ بہ جمهوري طريقي اقتدار ۾ اچي وئي.[30]

اينسي پارڪر جيڪا پڻ همجنسپرست عورت هئي، اها 2010ع کان 2016ع تائين هوسٽن ٽيڪساس جي ميئر رهي.[31]

دراصل همجنسپرست پنهنجي فطرت هٿان مجبور آهن. هڪ بين الاقوامي جرنل موجب انهن ۾ اهڙي جين (Gene) موجود آهي. جيڪا کين فطري طور ان غير فطري عمل ڏانهن راغب ڪري ٿي. اهي مجبور آهن ڇو جو فطرت اهڙو عمل ڪرائي ٿي.

انسان، ناخوش، ناراض، باغي ۽ ناشڪريو آهي، انسان جو ڪروڌ حاصل شين مان بيزار. ناحاصل شين جي کوج ۾ ڪيس پٽڪائي ٿو. هن جون حسرتون، خواهشون ۽ کوٽ جو احساس جين (Gene) جي حد تائين اثرانگيز ٿي نسل درنسل هڪ نئين خاصيت (Trait) جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. انسان جو ڪردار انسان ۾ قيد آهي. فطرت ساهواري کي آزاد ڇڏيو آهي تہ اهو پنهنجين خواهشن جي آڌار بدلجي وجودي اطمينان حاصل ڪري. خواهشون نسل در نسل جسماني ڦير ڪانسواءِ عادتون بہ بدلائي وجهن ٿيون.

انسان ازل کان ناٽتا (Nocebo) جو شڪار آهي. فطري جستجو ناٽتا ذريعي آٽتا تي پوي ٿي ۽ اڳتي هلي آٽتائي رويا وري ناٽتائي ٿي تبديلين وسيلي آٽتا (Placebo) ڳولهين ٿا.

همجنسپرستي جيڪو ناٽتائي عمل آهي اهو يورپ ۽ آمريڪا

جي ڪجهہ ملڪن ۾ مذهب ۽ قانون جي حد تائين آئتائي عمل آهي. قانون ان کي تحفظ ڏئي ٿو ۽ پادري همجنسپرست جوڙن جا نڪاح پڙهائين ٿا.

**References:**

American psychiatric association. (June 2000).

"**Diagnostic and statistical manual of mental disorders**"

— IV — Arlington , VA , USA. American psychiatric publishing , Inc - p-566-76.

**The journal of sexual medicine.**

Volume — 12 , issue , 2 Feb:2015.

Aggrawal , Anil (2009).

"**Forensic and Medico - Legal aspect of sexual crimes and unusual sexual practices**".

Boca Raton: CRC press.

Spintzer , R.L (1981).

"**The diagnostic status of homosexuality in DMS - III. A reformulation of the issues**".

The American journal of psychiatry- 138(2):210-15.

Marsh , Amy (2010-03-01).

"**Love among the objectum sexual**".

Electronic journal of human sexuality.

Snow , kate ; bradly , janann (2009-04-08)

"**Woman proves love for Eiffel tower with commitment ceremony**"(PDF).

"**Inanimate attachment: Love objects**"

The Globe and mail. Aug 21 , 2009.

"**Man sues uttah county clerk for refusing to issue license to marry computer**".

(PDF). 29 June 2016.

"**Eroticism**".

Merriam — Webster. Retrieved 7 Aug: 2011.

Wiseman , Jay (2000).

**"Erotic Bondage"**

Handbook. Oakland Greenery press.

Ernulf , K ; Innala , S , M (1995).

**"sexual bondage : A review and unobtrusive investigation":.**

Archives of sexual behavior 24(6):631-54.

**"Bound and shagged: Discipline".**

Swarthmore college daily , oct.2012.

Makal , Michael (Sept: 2013) chapter 6: The Collar.

**"Domination & Submission: The BDSM relationship".**

Hand book. Createspace – p.152-61.

Richters, et al (2008-07-01).

**"Demographic and psychological features of participants in bondage and discipline , Sadomasochism or dominance and submission ( BDSM )"**

(PDF) The Journal of sexual medicine. 5 (7):1660-68.

Perrottet , Tony (Feb:2015).

**"Who was the Marquis de sade"?**

(PDF). Smithsonian magazine – Retrieved 25 Jan.2015.

Deming , Mark

**"Justine"**

(1977) PDF- Retrieved Jan 8 , 2017.

Section . 4 . Pedophilia.

**"The ICD – 10 Classification of mental and behavioural disorders , diagnostic criteria for research world"**

(PDF) world health organization. Retrieved -2012-10-10.

Hall RC, (2007).

**"A profile of pedophilia: definitions , characteristics of offenders , recidivism , treatment outcomes and forensic issues".**

Mayo clin , proc – 82(4):45-71.

Blanchard , R , et al (June 2009).

**"Pedophilia , herbephilia and the DSM – V".**

Arch sex Beha. 38(3):335-50.

Gaffney GR , Lurie SF. ( Sept: 1984).

**"Is there familial transmission of pedophilia"?**

J. Nerv. Ment. Dis. 172(9):546-8.

Cantor . JM; Kaban ; N. et al (2008).

**"Cerebral white matter deficiencies in pedophilic men"**

Journ of psych research. 42(3):167-83.

World health organization.2002.

**"Sexual violence",**

chapter 6 (PDF).

**"Rape at the national level , number of police recorded offenses".**

United nation.

**"Post — traumatic stress disorder in rape survivors".**

The American academy of experts in traumatic
stress.1995.retrieved2013-04.30.

**"sexual orientation , homosexuality and bisexuality".**

American psychological association archived from original. 8
Aug:2013.

Harissis , et al (2000).

**"A palaeolithic site on Lesbos island , Greece"**

Archaeology and Arts — (76):83-87.

Greene , Ellen (1996).

**"Reading Sappho"**

(PDF). Berkeley : university of California press.

David Newton(2009)

**"Gay and Lesbian rights".**

A reference hand book. Second edition —p-85.

J, D , Douglas ; Merrill C , Tenney (2011)

**"Zondervan illustrated bible".**

Dictionary zondervan p — 15-84.

Moody — Jonas (2009-01-30).

**"Iceland picks the worlds first open Gay PM".**

Retrieved 2009.02.01.

James C. Mackinley (2009).

**"Houston is largest city elect openly Gay mayor"**

New York times. Retrieved December 13 , 2009.

## موت ۽ ناتتا

### (Death and Nocebo)

موت ساهواري اندر زندگيءَ جي نظام جي پڄاڻي آهي، موت جا سبب گهڻو ڪري عمر، بيماري، ڪاڌي جي کوٽ، آپگهات، قتل، بک، پاڻيءَ جي کوٽ ۽ حادثا آهن. ساهواري جو شڪار ٿي وڃڻ پڻ موت جو ڪارڻ آهي.[1]

موت کانپوءِ جسم تحليل (Decompose) ٿئي ٿو. جسم جيڪو ڪيميائي ترتيب (Compose) آهي، موت کانپوءِ تحليل ٿي ڪيميا ۾ تبديل ٿئي ٿو.[2]

ڪاڌي جي کوٽ (Malnutrition) ۽ بک (Starvation) ۾ فرق آهي. ڪاڌي جي کوٽ ان حالت کي چئجي ٿو. جڏهن ڪاڌو جسم جون ضرورتون پوريون نہ ڪري ۽ صحت جا مسئلا پيدا ٿي پون. بک ڪاڌي جي انتهائي کوٽ جنهن سبب ساهوارو جيئرو رهي نہ سگهي.[3]

پاڻيءَ جي کوٽ (Dehydration) مان مراد جسم ۾ پاڻيءَ جي ان حد تائين گهٽتائي هجي جو تحول (Metabolism) جو سرشتو متاثر ٿئي. تحول جو سرشتو هاضمي جي نظام کان وٺي ويندي جيو گهرڙي (Cell) اندر ڪيميائي تبديلين تائين جاري رهي ٿو. ان نظام ۾ جيوگهرڙن اندر مواد ڪيميلز ۾ تبديل ٿي جسم جي اڏاوت (Compose) ڪري ٿو. جڏهن تہ موت ڪيميڪلز جي ان ترتيب يا اڏاوت کي تحليل ڪري ٿو.

پاڻيءَ جي کوٽ جو سبب جسم مان خارج ٿيندڙ پاڻيءَ جي پيٽ ۾ گهٽ پاڻي پيئڻ آهي، جيئن گرميءَ ڪري، بيمارين يا ڪثرت (Exercise) ڪري پاڻيءَ جي ضرورت وڌي وڃي ٿي پر پاڻي گهٽ واپرايو وڃي ٿو.[4]

موت انڪري صدمي جو باعث آهي جو مري ويل جي جدائيءَ جو احساس جهوري وجهي ٿو.

انسان مٿان موت ڪري وچوڙي جا جيڪي اثر (Necrophobia) پون ٿا. انهن ۾ موت جو خوف، لاش، ڪفن، دفن، قبرستان جو منظر، پريشاني (Anxiety)، ڏک (Sadness)، درد (Sarrow)، غم (Grief)، اداسي (Depression)، همدردي، اڪيلائي، مري ويل جون يادون (Sauded) ۽ سڪتو آهي.[5]

مذهبن ۾ دل مطمئن ڪرڻ لاءِ تصور آهن تہ مرحوم کي جنت نصيب ٿيندي، اهو جيئرو رهندو، معاشري ۾ مري ويل لاءِ لفظ "مرڻ" بجاءِ ان جا متبادل لفظ استعمال ٿين ٿا، جيئن گذاري ويو، موڪلائي ويو، دم ڏٺيءَ حوالي ڪيائين، ابراهيمي ۽ ڌرمي عقيدن موجب موت انسان جي پڄاڻي نہ آهي.[6]

ابراهيمي (Ibrahimi) مان مراد اهي مذهب آهن جيڪي وحدانيت ۾ يقين رکن ٿا ۽ ڌرمي (Dharmic) مذهب ڀارت سان لاڳاپيل آهن، جن ۾ هندو، ٻڌ، سک، جين ۽ ٻيا ڪيترائي مذهبي عقيدا شامل آهن.

عمر رسيدگي (Senescence) ساهواري جي اهڙي جاکوڙ کي چئجي ٿو، جنهن ۾ هو حياتيءَ جي لاهن چاڙهن کي منهن ڏئي پوڙهائپ ڪري موت جو منهن ڏسي ٿو. انگلينڊ، آمريڪا ۽ جرمنيءَ ۾ روز جيڪي بہ موت ٿين ٿا، انهن جو نوي سيڪڙو عمر رسيدگيءَ سبب ٿئي ٿو. جڏهن تہ دنيا ۾ روز ڏيڍ لک ماڻهو مرن ٿا، انهن ۾ ستر سيڪڙو عمر رسيدگيءَ سبب ۽ ٽيهہ سيڪڙو ٻين سببن ڪري مرن ٿا.[7]

ترقي پذير ملڪن ۾ اهو تناسب اجان بہ گهٽ آهي. ترقي پذير ملڪن ۾ عمر رسيدگيءَ سبب موت کي رسندڙ انسانن جو تناسب انڪري گهٽ آهي جو اتي بک، بدحالي، دهشتگردي ۽ جنگ سبب انسان وقت کان پهريون ئي موت حوالي ٿي وڃن ٿا.[8]

قدرتي موت هاڻي عملي طريقو (Process) نہ رهيو آهي پر اهو واقعو (Event) ٿي پيو آهي. سائنس موت جي وصف بدلائي وڌي آهي.

عملي طريقو (Process) موت ۽ حياتي کي ورهائيندڙ قدرتي لڪير آهي. حياتيءَ جون نشانيون (Vital Signs) جن ۾ جسم جو گرم هجڻ، رت جو دٻاءُ، نبض ۽ ساهہ کڻڻ شامل آهن. عملي طريقي ۾ جيڪڏهن اهي چار نشانيون موجود نہ آهن تہ فرد کي مئل قرار ڏئي سگهجي ٿو. اهو طريقيڪار صدين کان نافذ آهي پر هاڻي سائنسي دور ۾ اهڙي فرد کي مئل قرار نہ ٿو ڏئي سگهجي جو تہ فرد کي انهن حالتن مان واپس زندگيءَ ڏي موڙي سگهجي ٿو.[9]

وينٽيليٽر تي رکيل انسان، جنهن جي دل ۽ ڦڦڙن جو ڪم مشين ڪري ٿي، ان وقت تائين مئل قرار نہ ٿو ڏنو وڃي جيستائين ان جو دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي نہ ڏي.[10]

جانورن ۾ جيلي فش، ڪيڪڙ (Lobster) ۽ هائيڊرا (Hydra) اهڙا جانور آهن جن کي امر (Immortal) چيو وڃي ٿو، سواءِ ڪيڪڙ جي جنهن جي موت جو سبب عمر رسيدگي نہ آهي پر عمر سان وڌندڙ جسم آهي جيڪو گهونگهي (Shell) جي سائيز کان وڌو ٿي ان ۾ نہ ٿو

ماپي ۾ سندس موت واقع ٿئي ٿو.[11]

جيلي فش (Turritopsis dohrnii) جيڪا ميڊيٽرينين سمنڊ ۾ جپان جي ڍنڍن ۾ رهي ٿي، اها ڪڏهن فنا نہ ٿي ٿئي. اها جيلي فش عمر رسيدگيءَ کي پهچي ٿي ۽ ائين وري جوان ٿي عمر رسيدگيءَ کان موٽ کائي ٿي.

سائنسي طور ساهواروءَ آنياري (Ovume) ۽ نرنياري (Sperm) جي ميلاپ سبب پيدا ٿيندڙ ٽڙيائي جيوگهرڙن (Stem cells) جي نرواريت (Differentiation) سبب وجود ۾ اچي ٿو. نروار ٿيندڙ جيو گهرڙا انهن ۾ موجود ٽيلوميريز اينزائيم جي مقرر مقدار جي حد تائين ورهائجي، وڌيڪ ورهائجڻ جي قابل نہ ٿا رهن. اها عمر رسيدگي (Senescence) آهي، جتي پهچي ساهوارو موت حوالي ٿئي ٿو، پر ان جي پيٽ ۾ ان مخصوص جيلي فش اندر نرواريت (Differentiation) بجاءِ ڦير واريت (Transdifferentiation) ٿئي ٿي، جنهن ۾ جيو گهرڙا نرواريت حاصل ڪري ڦري وري نرواريت حاصل ڪن ٿا، جيلي فش جا اهڙا اينزائيم انسان ذات لاءِ ڪارائتا ثابت ٿي رهيا آهن، ڇو جو اهي انساني جين (Gene) جي علاج لاءِ ڪم ايندا ۽ انهن سان انساني عضوا پيدا ڪري سگهبا.

ان جيلي فش جي موت جو سبب عمر رسيدگي نہ پر اها پاڻيءَ ۾ ٻي مخلوق جو شڪار ٿي وڃي ٿي.[12]

هائڊرا (Hydra) جيڪو مٺي پاڻيءَ جو ترندڙ جرثومو آهي، هڪ سينٽي ميٽر ڊگهو ٿئي ٿو. اهو زهريلو جرثومو آهي، جنهن جي وات چوڌاري ڏنگ ٿين ٿا جن مان دماغ کي مفلوج ڪندڙ زهر (Neurotoxin) خارج ٿئي ٿو. جڏهن پاڻيءَ اندر ان لاءِ حالتون سازگار هونديون آهن تہ اهو ڪائي پي لڳ ڪانسواءِ (Asexully) جسم تي مکڙيون (Buds) پيدا ڪندو آهي ۽ هر مکڙي وڌي ٿي هائڊرا جو روپ ڌاري ان جي جسم کان الڳ ٿي ويندي آهي. اهو هر ٻن ڏينهن ڪانپوءِ هڪ مکڙيءَ کي وجود ڏيندو آهي.

جڏهن حالتون سازگار نہ هونديون آهن جيئن سرديءَ جي موسم ۾، تہ لڳ (Sexually) لاءِ ان جي جسم تي ٻچي داني (Ovary) يا خصيا (Testes) نڪري ايندا آهن. خصيا پاڻيءَ ۾ اسپرمز ڇڏيندا آهن جيڪي ڪنهن ٻئي هائڊرا جي آنياري (Ovume) کي ڀيري (Fertilize) وجهندا آهن.[13]

هائڊرا حياتياتي امر جرثومو آهي. ان ۾ ٽرانسڪرپشن فيڪٽر فاڪس هيڊ، او (Transcription factor foxhead,o) ڳولهي لڌو ويو آهي، جيڪو هائڊرا کي امرتا بخشي ٿو. هائڊرا جي موت جو سبب عمر

رسيدگي نہ پر اهڙي ڪوڊ جو بدلجي پوڻ آهي.[14]

انسان ۾ عمر رسيدگي ٽيلوميريز اينزائيم جي ختم ٿي وڃڻ ڪري ٿئي ٿي. ٽيلوميريز اينزائيم جيوگهرڙن اندر مرڪز ۾ ڪروموسومز جي ڇيڙن وٽ ٿئي ٿو جيوگهرڙن جي مسلسل ورهائجڻ ڪري عمر سان استعمال ٿي وڃي ٿو ۽ ان جي خرچ ٿي وڃڻ ڪانپوءِ جيو گهرڙا وڌيڪ ورهائجڻ جي قابل نہ ٿا رهن. جسم جي مرمت ۽ اڏاوت رڪجي وڃي ٿي. انساني جسم ۾ جيوگهرڙن جي ورهاست جي حد مقرر آهي. اهي حياتيءَ دوران وڌ ۾ وڌ ستر دفعا ورهائجي سگهن ٿا.[15]

برودت (Cryonic) جديد سائنس جي اهڙي شاخ آهي، جنهن ۾ مري ويل شخص جي مڙهہ کي برف ۾ ڄمائي محفوظ ڪيو وڃي ٿو. محفوظ ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ هن وقت اهڙو علاج موجود نہ آهي، جنهن سان انهن جي ناسورن کي ٺيڪ ڪري سگهجي. ان آسري کين برفاني حالت ۾ رکيو وڃي ٿو جيئن مستقبل ۾ جڏهن انهن مرضن جون دوائون ايجاد ٿين تہ کين وري جيئرو ڪري علاج ڪيو وڃي يا سائنسي وسيلن ذريعي امر ڪيو وڃي.[16]

ڪرايوس، گريڪ لفظ آهي، جنهن جي معنا آهي ٿڌ. سائنس ثابت ڪيو آهي، مڙهہ کي جيڪڏهن خاص حالت ۾ ڪاٿو، °196- تي رکيو وڃي تہ اهو ڊگهي عرصي تائين محفوظ رهي سگهي ٿو.

جڏهن جيوگهرڙن، ٽشوز ۽ عضون کي پاڻياڻي نائٽروجن ۾ ڪاٿو °196-تي ڄمايو وڃي ٿو تہ انهن ۾ ڪيميائي عمل بند ٿي وڃي ٿو ۽ اينزائيمز ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏين ٿا، جنهن ڪري جسم تحليل (Decompose) نہ ٿو ٿئي. اهڙي حالت ۾ جيوگهرڙن اندر برف جا ڪلم (Crystals) نہ ٿا ٺهن ۽ اهي محفوظ ٿي ساڪت (Dormant) رهن ٿا.[17]

ٿڌ بچاءَ (Cryoprotectants) انهن جي حفاظت ڪن ٿا. ڪن جانورن ۾ ٿڌ بچاءَ قدرتي طور موجود ٿين ٿا، جيئن هڪ قسم جا ڏيڏر جيڪي برفاني علائقن ۾ ڊگهو عرصو ڇيڙغشي (Hibernation) ۾ گذاريندا آهن. اهي برف ۾ ڄمي يخ ٿي ويندا آهن پر قدرت انهن کي اهڙو سرشتو عطا ڪيو آهي جو موسم جي ڦيري سان اهي ٻيهرجيئرا ٿي پون ٿا. برفاني حالت دوران انهن جي جسم جو يوريا (نائٽروجن) ۽ گلوڪوس گڏ ٿي ٿڌ بچاءَ (Cryoprotectants) ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا ۽ جسم جي جيوگهرڙن کي برفاني اثر کان بچائي ساڪت رکن ٿا.[18]

انسانن ۾ اهڙا قدرتي نظام موجود نہ آهن جو انهن کي ساڪت رکي وري جاڳائي سگهجي پر مستقبل ۾ اهڙي اميد رکي سگهجي ٿي تہ ائين ٿي سگهندو ۽ هٿرادو ٿڌ بچائن وسيلي محفوظ

ڪيل جسم وري جيئرا ڪري انهن جي پيڙائن جو مدائو ڪري سگهبو، بشرط تہ انهن مري ويل انسانن جا دماغ اڃان سالم هجن ۽ دماغي طور مئل نہ هجن.[19]

مرڻ جي وصف بدلجي چڪي آهي. حياتيءَ جي چئن نشانين (Vital Signs) کانپوءِ جسم جا عضوا ڪجهہ عرصو انفرادي طور جيئرا رهن ٿا ۽ ان محدود وقت ۾ ڪين ڪڍي محفوظ (Preserve) ڪري سگهجي ٿو. جيئن گڙدا يا بيا عضوا جيڪي ڪنهن ٻئي انسان جي ڪم اچي سگهن ٿا. ائين مرڻ کانپوءِ دماغ بہ ڪجهہ دير ڪم ڪندو رهي ٿو. ان ۾ ياداشت، شخصيت ۽ خواب جيئرا رهن ٿا. ان لاءِ ٿڌ بچائڻ وسيلي جسم کي يخ ڪرڻ کان اڳ ضروري آهي تہ دماغ جي جيئري هجڻ جي تصديق ٿيل هجي.

بروديت طريقي جو اختيار تڏهن ملي ٿو جڏهن مري ويل شخص کي قدرتي طور مئل تسليم ڪري موت جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو وڃي ٿو ۽ پوءِ هڪدم ٿڌ بچاءَ وسيلي ان کي محفوظ ڪيو وڃي ٿو.[20]

دنيا ۾ ان طريقي جيڪو انسان سڀ کان پهريون محفوظ ڪيو ويو، اهو ڊاڪٽر جيمس بيڊ فورڊ هيو، جنهن جي مڙهہ کي 1967ع ۾ ڄمايو ويو. آمريڪا ۾ 2014ع تائين بہ سئو پنجاهہ شخصن جا مڙهہ محفوظ ڪيا ويا آهن ۽ ڏيڍ هزار ماڻهن راضپو ظاهر ڪيو آهي تہ ڪين مرڻ کان پوءِ مڙهہ محفوظ ڪيو وڃي.[21]

2011ع ۾ ٿڌ بچاءَ وسيلي مڙهہ کي محفوظ رکڻ جي فيس ويهن هزارن کان اٺاويهہ هزار ڊالرن تائين هئي. دنيا ۾ مڙهہ محفوظ رکڻ لاءِ هن وقت دنيا ۾ چار جايون آهن، جن مان ٽي آمريڪا ۽ هڪ روس ۾ آهي.[22]

پاڪستان ۾ بہ سال اڳ اهڙو ادارو کولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي ۽ ان جو هڪ اشتهار يونيورسٽي روڊ تي لڳل هوندو هيو پر اهو مذهبي اعتراضن سبب هلي نہ سگهيو.

مشهور شخصيتون جن جا مڙهہ اهڙي طريقي محفوظ ٿيل آهن، انهن ۾ هيرالڊ ٿامس فني، جيڪو ڪمپيوٽر جو ماهر هيو ۽ ڪيترين ئي وڊيو گيمس ايجاد ڪيون. اسٽيفن ڪولس، جيڪو جينياتي سائنسدان هيو ٽيڊوليم، جيڪو بيس بال جو مشهور آمريڪي رانديگر هيو، ٻيون شخصيتون جن ۾ والٽ ڊزني بہ آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو اهڙي طريقيڪار جو حامي هيو، مشهور ناول نگار رابرٽ هينلن، جيڪو پنهنجي لکڻين ۾ اهڙي طريقيڪار جو حامي رهيو پر مرڻ کانپوءِ سندس مڙهہ ساڙي بحرالڪاحل ۾ رک اڇلائي

وئي. نموني لبري، جنهن سڀني ڇمار برودت جي وڪالت ڪئي پر مرڻ وقت وصيت ڪئي تہ سندس مڙهہ دفنايو وڃي.[23]

ناٽتائي (Nocebous) طور موت وڇوڙي جو احساس آهي، درد جي انتها آهي، اهو جيڪو مري ويو، ان ي موت جي ڪهڙي خبر؟ موت انهن لاءِ آهي جيڪي جيئرا آهن. موت محسوس ڪرڻ جو ناڻءُ آهي ۽ محسوس اهي ڪندا آهن جيڪي زندگيءَ جي سلسلي مان گذرن ٿا. زندگي ڪيئن بہ آهي، ڏکي آهي، سکي آهي پر جيئري هجڻ جو احساس آٽتا (Placebo) آهي. مرڻ مري ويل لاءِ ڪا حيثيت نہ ٿو رکي، ڇو جو احساساتي عمل موت تي ختم ٿئي ٿو.

ابراهيمي ۽ ڌرمي مذهب موت جي ناٽتائي احساس کي سهارو ڏين ٿا، ٻئي زندگيءَ جو تصور موت کي آسان بنائي ٿو. لاش، ڪفن ۽ قبر جو دل ڏاريندڙ منظر (Necrophobia) زندگيءَ جي اهميت کي وڌائي وجهي ٿو. موت مئل جي ڳالهہ نہ آهي پر موت جيئري جي ڳالهہ آهي. جيئرو اهڙو دل ڏهڪائيندڙ منظر ڏسي لڪڻ جي جاءِ ڳولهي ٿو. مذهب هن کي آٿت ڏئي ٿو. مري ويل مئو نہ آهي، گذاري ويو آهي، اهو اٿندو، ڪيس جاڳايو ويندو. جنت ۽ دوزخ جو وارث ٿيندو. روپ مٽائي (Reincarnate) موٽي ايندو. جيئرو هر حال ۾ آٿت ڳولهي ٿو. دهريو تہ پري جي ڳالهہ آهي پر لاادري (Agnostic) هڪ لڪير جي فقير جي مقابلي ۾ موت کي ٻئي صورت ۾ محسوس ڪري ٿو. اها صورت موت جو حقيقي احساس آهي. ڏک، پيڙا ۽ خوف، ناٽتائي (Nocebous) شدت آهي.

برودت (Cryonic) هڪ دهريي ۽ لاادريءَ لاءِ موت جي ناٽتائي احساس کي آٽتائي بنائڻ جو جديد سائنسي طريقو آهي. ان وٽ ٻئي دنيا جو تصور نہ هجڻ ڪري موت عذابناڪ آهي ۽ بروديت ڪيس احساس ڏياري ٿي تہ جڏهن مستقبل ۾ انسان وجود اندر موت جي ڪوڊ کي کولي پڙهي، ان تي ضابطو آڻيندو تہ زندگي امر ٿي ويندي، ڪيس برودت مان جاڳائي، جين جي مرمت ڪري لافاني بنايو ويندو.

**References:**

Zimmerman . Leda (19 October 2010)

**"Must all organisms age and die?"**.

Massachusetts institute of technology school of engineering.

**"Corbon Q I"**

reptools Rutgers — edu. Retrieved 2018-03-04.

Facts of life (PDF) 4th edition.

New York : united nations children s fund. 2010-p-61-75.

Ashcroft F.

**"Life without water"**

life at extremes. Berkeley and Los Angeles . 2000 , p-134-38.

Samir hossain Mohammad ; Gilbert peter (2010)

**"concept of Death : A key to our adjustment"**

Illness , crisis and Loss , 18 (1).

**"Death".**

On line Etymology Dictionary. Archived from the original on 13 October 2016. Retrieved 5 November 2013.

Ainsworht . C. Lepage . M (2007).

**"Evolution's greatest mistakes".**

New scientist . 195(16):36-39.

Campisi , Judith (February 2013).

**"Aging , cellular scenescene and cancer".**

Annual review of Physiology — 75:685-705.

Crippen , David.

**"Brain failure and brain death".**

Scientific American surgery. Critical care — April 2005.

Hening , Robin Maranz ( April 2016).

**"Crossing over; How science is redefining life and death".**

National Geographic. Retrieved 23 October 2017.

Guerin , J (2004).

**"Emerging area of aging research : Long — Lived animals with negligible Senescence".**

Ann NY Acad sci. 1019:518-20.

Bavestrello , Giorgio Christian sommer. Michele sara (1992).

**"Bi — directional conversion in Turritopsis"**

scientia Marina. 56(2-3):137-40.

Martinez . DE ( May 1998).

**"Mortality patterns suggest lack of senescence in hydra".**

Experimental Gerontology. 33(3):217-25.

Klostermeler , Lopez – Quintero et al

**"Fox O is a critical regulator of stem cell maintenance in immortal Hydra"**

proceedings of the National Academy of science. 109(48):196-97.

Feng J , Funk WD- et al (1995).

**"The RNA component of human telomerase".**

Science. 269(5228):1236-41.

Mckie , Robin (13 July 2002)

**"Cold facts about cryonics".**

The observer , Retrieved 1 December 2013.

Wowk , B (2014).

**"The future of death".**

Journal of critical care. Elsevier.29(6)1111-13.

Larson , D et al (2014).

**"Wood frog adaptations to overwintering in Alaska: New limits of freezing tolerance".**

Journal of experimental biolgy. 2017:2193-200.

Best BP (2015).

**"Cryoprotectants Toxicity , Facts , Issues and Questions".**

Rejuvenation Research. 18(5):422-36.

Crippen , DW. Whetstine L (2007)

**"Ethics review"**

Dark angels. The problem of death in intensive care". Bio Medical central. 2 (1):202.

**"Death to dust":**

what happens to dead bodies? 2nd edition – chapter 7. "Souls on Ice".

Moen , OM (2015).

**"The case of cryonics"**

Journal of medical ethics. 41(18):493-503.

**"Patients who are frozen in time".**

The guardian -13 February 2008. Retrieved 21 February 2016.

# سنو موت ۽ نائتا

## (Euthanasia and nocebo)

يوٿينسيا يوناني لفظ آهي، جنهن جي معنا آهي سنو موت، Eu معنا سنو ۽ Thanatos معنا موت.

ان کي سنو موت انڪري چئجي ٿو جو جڏهن زندگي خراب ٿي وڃي تہ موت سنو لڳي ٿو. يوٿينسيا درد ۽ پيڙا مان نجات جو وسيلو سمجهيو وڃي ٿو. ان ۾ شخص موت کي راضي نامي سان قبول ڪري ٿو. يوٿينسيا اهڙو موت آهي جنهن ۾ ڪنهن کي موت جي انجام تائين پهچائڻ لاءِ اهڙو طريقو اختيار ڪيو وڃي ٿو جو مرڻ ۾ ڪيس سور يا تڪليف محسوس نہ ٿي.[1]

اهو آپگهات (Suicide) کان انڪري مختلف آهي جو آپگهات شخص جو ذاتي فعل آهي، جنهن ۾ هو پاڻ کي ڪربناڪ طريقي موت حوالي ڪري ٿو. جڏهن تہ يوٿينسيا ۾ موت جو بندوبست ٻيا ڪن ٿا ۽ اهو ڪربناڪ نہ آهي. يوٿينسيا لاءِ ڪيترن ئي ملڪن ۾ مختلف قانون آهن پر آپگهات جي اجازت ڪو بہ قانون نہ ٿو ڏئي.[2]

انگلينڊ ۾ طب جي اخلاقياتي قانون موجب يوٿينسيا راضي نامي سان ڄاڻي واڻي اهڙي زندگيءَ کي موت جي انجام تائين پهچائڻ جو قانون آهي، جيڪا زندگي گهارڻ مشڪل ٿي وئي هجي.[3] بيلجيم ۽ هالينڊ ۾ اهڙي قانون جي وضاحت ائين ٿيل آهي تہ ”يوٿينسيا مريضن جي راضي نامي سان هڪ ڊاڪٽر وسيلي زندگيءَ جو خاتمو آهي.“[4]

يوٿنيسيا جا ٽي قسم آهن.[5]

1. رضاڪاري (Voluntary)
2. لارضاڪاري (Non-Voluntary)
3. غير رضاڪاري (Involuntary)

رضاڪاري يوٿنيسيا ڪن ملڪن ۾ جائز آهي، پر لارضاڪاري ۽ غير رضاڪاري جيڪا شخص جي راضي نامي، ارادي ۽ منشا جي خلاف آهي، ان کي قتل تصور ڪيو وڃي ٿو.[6]

بائيوايٿڪس (Bioethics) جيڪو طب ۽ اخلاقيات جو گڏيل موضوع آهي، ان هيٺ 2006ع ۾ يوٿنيسيا سڀ کان وڏو تحقيقياتي موضوع رهيو.[7]

تاريخي لحاظ کان يوٿنيسيا قديم يونان ۽ روم ۾ جائز هئي. ان لاءِ هيملاڪ زهر استعمال ڪيو ويندو هيو.[8] هيملاڪ ٻوٽن جي ڪونيم (Conium) ڪٽنب جو قسم آهي، جيڪو تمام زهريلو آهي. اهو ٻوٽو يورپ، اتر آفريڪا ۽ اولهه ايشيا ۾ ٿيندو آهي.[9] يوٿنيسيا وسيلي موت جي حمايت سقراط، افلاطون ۽ سينيڪا پڻ ڪئي آهي. جڏهن ته حڪيم هپوڪريٽس ان جي مخالفت ڪئي آهي.[10]

تاريخ جو اهو وڏو الميو آهي ته جنهن سقراط هيملاڪ وسيلي يوٿنيسيا جي حمايت ڪئي، ان هيملاڪ جو هو پاڻ شڪار ٿيو. ڪيس ان الزام هيٺ ته هو پنهنجن خيالن سان يونان جي نوجوانن کي گمراهه ڪري رهيو آهي، غير رضاڪاري (Invountary) يوٿنيسيا جو منهن ڏسڻو پيو. هن کي هڪ پيالي ۾ هيملاڪ پري ڏنو ويو ۽ سقراط زهر جو پيالو پي دنيا مان روانو ٿيو.

قرون وسطيٰ جي پهرين دور ۾ يوٿنيسيا جو لفظ فرانسس بيڪن (1516-1626ع) استعمال ڪيو. بيڪن اهو لفظ ٻن صورتن ۾ استعمال ڪيو. باطني يوٿينسيا ۽ ظاهري يوٿنيسيا. باطني يوٿنيسيا هن دوزخ لاءِ استعمال ڪيو جيئن موت کان اڳ روح تيار رهي ته ان کي نڪرڻو آهي، ظاهري يوٿنيسيا کي هن جسم جي سور ڪانسواءِ ارادي موت ڪوٺيو.[12]

حڪيم ڪارل مارڪس (1796-1836ع) جنهن موت جو معيار وڌائڻ تي زور ڏنو آهي (اهو ساڳيو ڪارل مارڪس نه آهي جنهن ڪميونزم جو نظريو ڏنو) سو حڪمت جو ماهر هيو ۽ ان چيو ته يوٿنيسيا وسيلي مرندڙ جي موت جي معيار کي وڌايو وڃي جيئن اهي وڌيڪ سڪون ۽ فرحت سان مري سگهن.[13]

ٿامس ايڪيوناس (1225-1274ع) جيڪو هڪ پادري ۽ فلاسافر هيو. پڻ وقت جي وڏي پراسرار شخصيت هيو. ان يوٿنيسيا متعلق چيو ته اهڙي ڪرت جي ڪڏهن به اجازت نه تي ڏئي سگهجي جيڪا فطرت جي خلاف هجي.[14]

1800ع ڌاري مارفين دوا جو استعمال ڪيو ويو جيئن اها ناسور ڪري مرندڙ ماڻهوءَ جا عذاب گهٽائي سگهي 1806ع ۾ اهڙن مريضن لاءِ ڪلوروفارم استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي.

ايني بسنت (1874-1933ع) جيڪا مشهور ٿيو ساقسٽ ۽ انساني حقن لاءِ وڙهندڙ سوشلسٽ عورت هئي، ان چواڻي "انسان کي حق حاصل آهي ته جيڪڏهن پاڻ کي بوجهه سمجهي يا ٻين لفظن ۾ جيئڻ ان لاءِ عذاب بڻجي وڃي. جيئن لا علاج مرضن ۾ مبتلا ماڻهو جن جي بچڻ جي ڪا اميد نه هجي ۽ بيماري جي عذاب کان ڇيڪلائيندا هجن

انسان جنهن جاءِ ۾ رهندو آهي، ان جي مرمت، رنگ ۽ روگن ڪرائيندو آهي جيئن آساني، آرام ۽ سڪون سان رهي سگهي، جسم کي به اهڙي مرمت ۽ نظرداريءَ جي ضرورت پوي ٿي جيئن روح کي تڪليف نه اچي، نه ته روح جسم کي تڪليف ڏيندو ۽ لاشعوري طور راضي ڪندو رهندو ته جان ڇڏ، اڏامي وڃان، تون ڪڏ ۾ پؤ.

”منهنجي عقيدي ۾ روح نه آهي.“ ان جملي تي غور ڪيو. ڪيڏو غلط جملو آهي. روح عقيدي جو بنياد آهي، جيڪڏهن روح نه آهي ته عقيدو ڇا جو؟ پر پوءِ به منهنجو عقيدو آهي. انڪري مان منجهيل ۽ حيرت ۾ مبتلا ماڻهو آهيان.

آمريڪا جي حوالي سان يوٿنيسيا بابت قانون سازيءَ جي شروعات 1906ع ۾ ٿي جڏهن هينري هنٽ اهڙو مسودو اوهائيو رياست جي جنرل اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو. هنٽ اهڙو مسودو ايناهال، جيڪا هڪ دولتمند گهراڻي جي عورت هئي ان جي ماءُ جيري جي ڪينسر سبب لاڏاڻو ڪري وئي. موت کان اڳ پنهنجي ماءُ جي برداشت نه ٿيندڙ عذابناڪ زندگي ڏسي ڪيس خيال آيو ته شخص کي اهو اختيار حاصل هجڻ گهرجي ته پنهنجن عذابن کان آجو ٿيڻ لاءِ رضامندي يوٿنيسيا وسيلي زندگيءَ جو خاتمو ڪري سگهي. ايناهال ان سلسلي ۾ هڪ مهم هلائي جنهن جو گهڻن دانشورن ۽ قانوندانن ساٿ ڏنو. ان مهم کي يوٿنيسيا جي حق ۾ ويهين صديءَ جي شروعاتي ڏينهن جي وڏي مهم چيو وڃي ٿو.[14]

اوهائيو کان پوءِ اهڙو ئي مسودو لووا (Lowa) رياست جي اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو ويو. لووا رياست آمريڪا جي اولهه ۾ مسسپي درياهه جي ڪناري تي آهي. ان مسودي ۾ چيو ويو ته اهڙو شخص جنهن جي عمر ڏهن سالن کان مٿي آهي، اهو لاعلاج مرض ۾ مبتلا آهي، ان جي بچڻ جي اميد نه آهي، مرض ڪارڻ سور ۽ پيڙا کان بي حال آهي، اهو هوش ۽ حواس سان راضي ٿئي ٿو ته پوءِ ڪيس موت وسيلي ان دردناڪ زندگيءَ کان نجات ڏياري وڃي. ان کانسواءِ اهڙا ابهم ٻار جيڪي پيدائشي نقص سبب زندگي گهارڻ جهڙا نه آهن ته اهڙن ٻارن کي انهن جي والدين جي خواهش مطابق لارضاڪاري (Non-Volunatry) يوٿنيسيا جي اجازت ڏني وڃي جيڪڏهن ڪو ڊاڪٽر ان قانون تي عمل نه ڪري ته ڪيس ڇهن کان ٻارهن مهينن تائين قيد جي سزا ڏني وڃي ۽ به سئو کان هڪ هزار ڊالرن تائين ڏنڊ وڌو وڃي پر اهو مسودو اسيمبليءَ ۾ وڏي بحث کانپوءِ پاس نه ٿي سگهيو.[15]

انگلينڊ ۾ يوٿنيسيا رضاڪار سوسائٽي 1935ع ۾ قائم ٿي، جنهن جو باني چارلس ملرڊ هيو، جنوري 1936ع ۾ انگلينڊ جي بادشاهه

جارج (پنجون) کي مارفين دوا جو موتمار مقدار ڏئي موت حوالي ڪيو ويو. بادشاهہ جارج دل ۽ ڦڦڙن جي ڪمر ڇڏي وڃڻ سبب دردناڪ زندگي گهاري رهيو هيو. يوٿنيسيا جو فيصلو سندس ڊاڪٽر لارڊ ڊائوسن بادشاهہ جي رضامنديءَ سان ڪيو. ان جي مرڻ کانپوءِ پنجاهہ سالن تائين هن جي اهڙي موت کي راز ۾ رکيو ويو. اها ڳالهہ تڏهن ظاهر ٿي جڏهن آسيمبليءَ ۾ يوٿنيسيا جي حمايت ۾ بل پيش ٿيو.[19]

چوويهہ جولاءِ 1939ع ۾ نازي جرمنيءَ ۾ اپاهج ٻارن کي غير رضامندي (Invountary) يوٿنيسيا حوالي ڪيو ويو. هٽلر مخالفن ان کي انساني قتل عام قرار ڏنو.

نازي جرمنيءَ ۾ اپاهج ٻارن کي يوٿنيسيا حوالي ڪرڻ جي شروعات تڏهن ٿي جڏهن هڪ ٻار جنهن جو نالو گرهارٽ هربرٽ ڪريشمر هيو، ان جي والدين لکت ۾ هٽلر کي عرض ڪيو تہ سندس پٽ کي يوٿنيسيا وسيلي موت جي انجام تي پهچايو وڃي. اهو ٻار پيدائشي طور نابين هيو ۽ ان جا هٿ نہ هيا. هٽلر ان عرض کي قبول ڪندي ٻار کي پنهنجي خاص ڊاڪٽر ڪارل برنڊٽ وسيلي يوٿنيسيا ڪرايو. ان کانپوءِ اهو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ غير رضامندي يوٿنيسيا وسيلي اٺ هزار ٻارن کي موت حوالي ڪيو ويو. جڏهن تہ بالغن کي ملائي ڪل تعداد ٿي لک هيو.[20]

رضاڪاري (Voluntary) يوٿنيسيا جنهن ۾ شخص جو ارادو شامل آهي، ان کي بيلجيم، لڪسمبرگ ۽ هالينڊ ۾ قانوني حيثيت حاصل آهن، آمريڪا ۽ سئزرلينڊ ۾ يوٿنيسيا بجاءِ ان کي مددگار آپگهات (Assisted suicide) جو نالو ڏئي قانوني شڪل ڏنل آهي. اتي اهڙي موت جي اجازت آهي جنهن ۾ ڪو مريض ڊاڪٽر جي مدد سان مرڻ چاهي ٿو.[21]

لارضاڪاري (Non-Voluntary) يوٿنيسيا تڏهن عمل ۾ اچي ٿي جڏهن مريض جي رضامندي فراهم ٿيل نہ هجي، جيئن ٻارن جي يوٿنيسيا، جنهن ۾ ٻار ان قابل نہ هوندا آهن تہ اهي پنهنجي موت جو فيصلو ڪري سگهن يا مريض جيڪي سڪرات (Coma) ۾ هجن. يورپ ۾ اهڙو موت بحث هيٺ آهي.[22]

غير رضا ڪاري (Invountary) يوٿنيسيا ان کي چئبو آهي جڏهن شخص هوش ۽ حواس ۾ پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو ڪرڻ جي قابل هجي ۽ ڪيس خواهش کانسواءِ موت ڏنو وڃي.[23]

چون ٿا تہ موت جو وقت مقرر آهي، اهو لکيل آهي تہ حياتيءَ جو انجام ڪهڙيءَ گهڙيءَ تي ٿيندو. انسان ڪنهن حد تائين حياتيءَ جو مالڪ آهي پر اهو موت جو مالڪ نہ آهي.

دراصل اسين موت کي فيصلاتي بنايون ٿا، موت قبولڻ جي لاشعوري صلاحيت اڀاريون ٿا. حياتي ڪٿي ماڻهو مري ويو، اهو سوچي دل مطمئن ٿئي ٿي تہ ڪيس پاڻ ۾ جيڪا حياتي هئي اها نپائي ويو. ان ۾ حادثي، بيماري يا مقدر جو ڏوهہ نہ آهي، انسان پاڻ ڪي موت جي تصور ڪان آجو رکڻ لاءِ رستا ڳاهيا آهن.

يوٿنيسيا کي قسمت جي ڪهڙي خاني ۾ رکي سگهجي ٿو؟ اها هڪ ناٽتائي (Nocebous) سوچ آهي، بقول لطيف جي تہ "جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، مون وڏا وس ڪيا."

اها سڀ ارتقا جي وصف کي پاڻ ۾ ائين سنڀالي ٿي جيئن زندگيءَ جي موت سان ويڙهہ، جيئڻ جي جدوجهد، انسان جو هر انگ زندگيءَ لاءِ تڙپي ٿو. ڪڏهن سير ڏنل جانور کي ڏسو، مرڻ وقت زندگيءَ جي تمنا ۾ سندس رڳ رڳ تڙپي ٿي. انسان آٽتا (Placebo) ۽ راحت جو طلبگار آهي، زندگي جيڪا آٽتا تي برقرار آهي، اها وقت سان ناٽتا ۾ بدلجي سگهجي ٿي. موت جيڪو ناٽتا جو انجام آهي، اهو آٽتائي موت کي يوٿنيسيا جو روپ ڏئي ٿو. اهو هڪ راضي نامي سان کيس ڏکن ۽ پيڙائن کان نجات ڏئي ٿو.

ڪهڙي بہ آهي، ڪيئن بہ آهي، زندگي عزيز آهي! ڪر مرڻ چاهيندو؟ جيسين حالتون ان کي نہ مارين، انسان ڪڏهن حياتيءَ جو مالڪ انڪري آهي جو پئسن سان خريد ڪري سگهجي ٿي. هڪ غريب موت اڳيان ايڏو ئي ڪمزور آهي جيڏو امير پئسي جي طاقت سان موت جو مقابلو ڪري ٿو. صحت معاشري جو سماجي طبقاتي مسئلو آهي. ٽي بيءَ جي بيماري غريب کي ورثي ۾ مليل آهي، سٺي خوراڪ ڪيترين ئي بيمارين جو علاج آهي. ڪينسر ٿي تہ غريب ٽڏي تي مرندو. امير آپريشن ڪرائي، ڪيموٿراپي، ريڊيو ٿراپي ۽ اميونوٿراپي ڪرائي زندگيءَ جا ڏينهن وڌائي وٺندو.

انسان ناٽتا (Nocebo) کي آٽتا (Placebo) بنائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ڊسٿينيسيا (Dysthanasia) جنهن جي معنا "بڇڙو موت" آهي، اهو جديد طب جو وڏو ڏوهہ ليکيو وڃي ٿو.

ڊسٿينيسيا، مرندڙ ماڻهوءَ جي خواهش آهي تہ کيس زندگيءَ کي جيترو ٿي سگهي جديد سائنسي سهولتن سان برقرار رکيو وڃي پل اها ڪيتري بہ دردناڪ ڇو نہ هجي. اها يوٿينسيا جو ضد آهي.

جديد سائنسي ٽيڪنالوجي جنهن ۾ دل جي ردم کي برقرار رکڻ لاءِ ڌڙڪڻ جا خود ڪار همواري اوزار (Defibrillator) دل جي خانن ۾ آپريشن وسيلي داخل ڪيل ڊوائيسز، هٿرادو ساهہ کڻڻ جا وينٽيلٽر، دل ۽ ڦڦڙن کي ڳنڍيندڙ جهليون، جيڪي سٺي طريقي ساهہ نہ کڻندڙ

مريضن کي لڳايو وڃن ٿيون جيئن دل ۽ ڦڦڙن جي رابطي جو سهارو بنجي ساهہ کڻڻ جي سرشتي کي جاري رکي سگهن.

ڊسٽينيسيا اهڙي صورتحال کي چئجي ٿو جڏهن شخص جي بچڻ جي اميد نہ هجي ۽ اهو ممڪن هجي تہ هٿرادو طريقي کيس جيئاري سگهجي ٿو.

اهو تخفيفي (Palliative) طريقو نہ آهي.

تخفيفي طريقو يوٿينيسيا ۽ ڊسٽينيسيا کان انڪري مختلف آهي جو کيس نہ مرڻ ۾ مدد ڏني وڃي ٿي ، نہ مرڻ کان بچڻ ۾ مدد ڏني وڃي ٿي. پر هڪ مرندڙ کي فطري موت تائين آساني فراهم ڪئي وڃي ٿي جيئن اهو پاڻ پنهنجي حياتيءَ جي پڇاڙيءَ تي پهچي موت حوالي ٿي وڃي. ان لاءِ مريض ۽ مريضن جي خاندان جي نفسياتي مدد ڪئي وڃي ٿي. مريض کي سور ۽ پيڙا کان مقرر خوراڪ ۾ دوائون ڏنيون وڃن ٿيون، اهڙي طريقي ۾ مريض جو علاج پڻ جاري رهي ٿو. اهڙي علاج لاءِ اسپتال ۾ خاص انتظام هوندا آهن، ماهر ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي جو بندوبست هوندو آهي.

ڌرتيءَ تي انسان جو جيئرو هجڻ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ موت اڃان فتحمند نہ ٿيو آهي. زندگي راحت ۽ فرحت کان پاڪ نہ آهي. راحت ۽ فرحت اهڙيون برائيون آهن جيڪي لڳن تہ عادت جيئن انسان انهن مان پاڻ ڇڏائي نہ ٿو سگهي، جيئن منشيات جو عادي پئسن سان نشو خريد ڪندو آهي ائين عام انسان جا پئسا راحت ۽ فرحت تي خرچ ٿيندا آهن.

سسيفس سزا انڪري قبول ڪئي تہ کيس پڪ هئي تہ سزا جو انبار جزا تي ٿيندو، هر ڪنهن کي مقدر جا پٿر چيلهہ سان ٻڌل آهن ۽ اهو جبل جهاڳي ٿو. زندگي ظلم آهي ۽ اسين رحم جا طلبگار، رحم جي اميد نہ رکندي بہ اسين زندگيءَ کي قبول ڪيون ٿا.

ناٿتا (Nocebo) رچ آهي ۽ آٿتا (Placebo) مرگهہ جي ٻوڙ، ڪائنات جو پاٿي ڪنهن پيتو آهي؟ انسان ڳوڙهن جا ڍڪ پيري اڃ اجهائي ٿو. ڏک سيني ۾ وڻ جيان ڦٽي، پاروتو ڦل ڏئي ٿو، صبر جا ڦل تازا نہ هوندا آهن.

اي رب ناٿتا (Nocebo) کان پناهہ ڏي، ڍڪَ ڍڪِ. اوگهڙ تو اڳيان چڱي. لوڪ کان لڄ بچاءِ. اي رب آٿتا (Placebo) جا در کول. مون لئي دلاسا ڪافي، تون سوغاتون سنيال!

**References:**

(standford encyclopedia of philosophy).

**"Voluntary euthanasia"**

Plato. Standford edu. Retrieved 2017.07.06.

Hawton K, van Heeringen K. (April 2009).

**" suicide".**

Lancet . 373(9672):1372-81.

Harris , NM (October 2001).

**"The euthanasia debate".**

Jour Army Med corps. 147(3):367-70.

BBC. Last reviewed June 2011.

**"Euthanasia and assisted suicide"**

Accessed 25 July 2011. Archived from the original archived 19 July 2011.

La Follete , Huge (2002).

**"Ethics in practice an anthology".**

Oxford : Black well. pp. 25-26.

Wreen , Michael (1988).

**"The definition of euthanasia:".**

Philosophy and phenomenology Research. (4):637-53.

Borry P , Schotsmans P, Dierick x k (April 2006).

**"Epirical research in bioethical journals. A quantitative analysis".**

J Med Ethics. 32 (4):240-45.

Mystakidou et al (2005).

**"The evolution of euthanasia and its perceptions in Greek culture and civilization".**

Perspective in biology and medicine. 48(1):97-98.

Geographic names information system.

**"Hemlock Indiana".**

United states Geological survey. Retrieved 2009-10-17.

Stolberg Micheal (2007).

**"Active euthanasia in pre-modern society"**

social history of medicine. 20(2):206-7.

Gesundheit et al , (2006).

**"Euthanasia: An overview and the Jewish perspective"**

— cancer investigation.24(6):622.

Bacon . Francis.

**"The essays and counsels".**

All three volumes in single file B&R samizdat Express. 2014.

August Hirsch (1884).

**"Marx, Karl , Friedrich Heinrich".**

20. Leipzig. Duncker & Humblot , pp. 540-541.

Historical time line.

**"History of euthanasia and physician. Assisted suicide".**

Pro cong org-23 July 2013.

Emanul , Ezekiel (1994).

**"The history of euthanasia debates in the united states and Britain".**

Annals of internal medicine. 121(10):796-99.

Jyoti Chandra ,

**"Annie Besant: from theosophy to nationalism".**

KK publications , 2001,p.17.

Christopher M. Nichols. Nancy C, unger

**"A Companion to the Gilded age and progressive era"**

John wiley & sons-2017,p.7.

Appel , Jacob (2004).

**"A duty to kill ? A duty to die ? Rethinking the euthanasia controversy of 1906".**

Bulletin of the history of medicine.78(3):618-796.

Gurney , Edward (1972).

**"Is there a right to die?. A study of the law of euthanasia".**

Cumberland. Samford Law review.3:237.

Irene Zoech.

**"Name the baby Boy, who was Nazi's first euthanasia victim"**

Telegraph.co.uk. retrieved 4 July 2017.

Taylor Bill (7 July 2017)

**"Physician assisted suicide"**

Archived from the original (PDF).

**Concluding observation of the human rights committee.**

Netherland. 27 August 2001.

R.cohen- Almagor (2009).

**"Belgian euthanasia Law; a critical analysis".**

J Med Ethics. 35(7):436-39.

# سنا تخم ۽ ناڪتا

## (Eugenics and Nocebo)

يوجينڪس لاطيني لفظ آهي، جنهن ۾ يو (Eu) معنا سٺو ۽ جينڪ (Genic) معنا تخم، نسل يا اولاد آهي.[1]

ان جو مقصد انساني نسل جو سڌارو آهي ۽ اهو سڌارو، عقيدي ۽ تجربن سان حاصل ڪري سگهجي ٿو. اهڙو لفظ 1883ع ۾ فرانسسس گيلٽن استعمال ڪيو ۽ ان وقت کان وٺي اهو موضوع بحث هيٺ رهندو آيو آهي.[2]

ڪڏهن ائين به ٿئي ٿو جو فطرت (Nature) ساهواري سان انصاف نه ٿي ڪري، انسان جو مفاهمتي (Adaptive) سرشتو پاڻ مرادو آهي. ان جي تبديليءَ جو دارومدار ماحول جي ڦير گهير تي منحصر آهي، ساهوارو فطرت مطابق پنهنجو پاڻ تبديل ٿئي ٿو. جيڪڏهن ماحول پاڻ سان مفاهمت جي ڪليل آزادي ڏئي ها ته موت جو وجود نه هجي ها. ارتقا جي حوالي موت تي بحث هڪ پاسي رکي جيڪڏهن بيماريءَ تي سوچيو ته بيماريءَ جي وصف اها آهي. "بيماري جسم ۽ جسماني سرشتن جو نقص آهي. اها ارتقا جي ناموافق صورت آهي. بيماري مفاهمت جي ناڪامي ۽ فطري چونڊ جي نافرماني آهي."

(A disease consists of a disorder of structure or function usually serving as an evolutionary disadvantage. A disease is failure of an adoptive capability of organism and disobidience to law of natural selection.)[3]

سنا تخم (Eugene) انسان جو فطرت ڏانهن ناڪتائي (Nocebous) رويو آهي. جن جو فطرت پورائو نه ٿي ڪري انسان اها کوٽ پاڻ پرڻ چاهي ٿو. ٿي سگهي ٿو ساهواري اندر فطرت پاران رهجي ويل اهي نقص ناموافق نه هجن پر ساهواري جي فطري حق ۾ هجن ۽ انسان ناڪتا (Nocebo) جو شڪار ٿي، اهي نقص دور ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هڪ وڏي هانجي جو شڪار ٿي وڃي.

اهو موضوع افلاطون جي فلسفي ۾ پڻ موجود آهي، جنهن عيسا کان چار سئو سال اڳ چيو ته "چونڊ جم (Selective breeding) سان سنا نسل پيدا ڪري سگهجن ٿا."

چونڊ جم مان مراد مذڪر ۽ مونث ساهوارن وچ ۾ هٽرادو تجرباتي ميلاپ وسيلي اهڙو پيوند (Hybrid) حاصل ڪجي جيڪو پنهنجن اصلوڪن کان سٺو ۽ ڪارآمد هجي. ارتقا ۾ اهڙو عمل فطري چونڊ (Natural Selection) وسيلي پڻ جاري رهي ٿو. ڊارون جي 1859ع ۾ لکيل ڪتاب نوع جو نسب (The origin of species) ۾ فطري چونڊ موجب اهو عمل نسل درنسل جاري رهي ٿو. اهو عمل هٽرادو نه، پر قدرتي آهي جنهن ۾ نسل ماحول سان مطابقت ۾ ٺهڪندڙ شين سان جوڙ ڪري بهتر صورت ۾ نروار ٿئي ٿو.[4] فطري چونڊ جو ٻيو مثال جنس جي چونڊ (Sexual Selection) پڻ آهي. جنس جي چونڊ جو مدار مذڪر يا مونث جي جنسي ڪشش تي آهي. فطري طور هڪ مادي وڻندڙ نر مان متاثر ٿئي ٿي.[5]

جيئن مينهن جي موسم ۾ ڏيڏر ڪنا ٽي "ٽان ٽان" ڪن ٿا، مادي گهڻو ڪري ان کان متاثر ٿئي ٿي، جنهن جو آواز وڌيڪ گونجندڙ ۽ گهرو آهي، انڪري اهڙو ڏيڏر جنهن جو آواز سيني کان ڳرو آهي، اهو هڪ ئي وقت ڪيترين ئي مادين کي دام ۾ ڦاسائي وجهي ٿو. جڏهن ته گهٽ آواز وارن ڏيڏرن جو نسل وقت سان فنا ٿي وڃي ٿو.[6] نر ۽ مادين کي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ جو جستجوءِ ۾ فطرت ارتقائي طور انهن کي سنواري ۽ سينگاري ٿي جيئن هڪٻئي کي متاثر ڪري سگهن. هڪ مور جا ڪنپ ماديءَ کان وڌا آهن. فطرت اهڙيءَ طرح نر پکين کي پرڪشش بنائڻ لاءِ وڌيڪ سگهارو ۽ گهاٽن کنين سان رعبدار بنايو آهي. جڏهن مور کنپ کنديري ماديءَ سامهون بيهي ٿو ته مادي اهڙي مور مان وڌيڪ متاثر ٿئي ٿي جنهن جي کنين تي گهرا، گهاٽا ۽ گهڻا نشان آهن. جڏهن ته اها اهڙن نرن کان متاثر نه ٿي ٿئي جن جي پرن جا نشان اوڌا ۽ ڇدا آهن. ائين سهڻي نر پکيءَ جي هڪ هٽي (Monopoly) قائم ٿئي ٿي ۽ ان جو نسل اڳتي هلي ٿو. ساڳيو معيار هڪ نر وٽ ماديءَ جي ڪشش جو آهي.[7]

رونالڊ فشر جي 1930ع ۾ پيش ڪيل هڪ مفروضي Sexy son hypothesis موجب عورت ان وقت سهڻي نظر اچي ٿي، جڏهن ان ۾ ايسٽروجن (Estrogen) هارمون جي سطح وڌي وڃي ٿي ۽ مرد ان وقت پرڪشش ٿي وڃي ٿو، جڏهن سندس ٽيسٽو اسٽيران (Testosterone) هارمون جي سطح وڌيل آهي. جڏهن ته ڪي حياتيات جا ماهر اهڙي خيال سان متفق نه آهن.[8]

پکين ۽ گلن جا مختلف رنگ جنسي چونڊ جو نتيجو آهن، فطرت پاڻ سٺي تخم (Eugene) لاءِ موقعا فراهم ڪري ٿي.

فطري چونڊ (Natural Selection) ساهواري لاءِ ڪليل آزادي آهي

تہ اهو ماحول سان مطابقت ۾ پاڻ کي موافق ڪري، ارتقا جي آزاد ماحول کي ريتن رسمن ۽ رواجن ۾ قيد ڪري جيڪڏهن فطري چوندِ جو موقعو فراهم نہ ٿو ڪيو وڃي تہ تخمن جو بگاڙ نسل در نسل جاري رهي ٿو. جيئن جاندار فطري تبديليءَ وسيلي مماثلت (Camouflage) حاصل ڪري ماحول جي روپ ۾ رنگجي وڃي ٿو. ائين ان کي جنس جي چوندِ (Sexual Selection) جي بہ آزادي هجڻ گهرجي. انسان قبيلي ۽ ڪٽنب جو حصو بنجي اهڙي موقعي کان محروم رهي ٿو، ائين بيڪار نسلن جو بينل پاڻي ڪنو ٿي وڃي ٿو. اهڙي معاشري ۾ ڪا بہ ذهني ترقي نہ ٿي ٿئي. مجموعن جا مڙهيل فيصلا انسان جي انفراديت کي ختم ڪري ارتقا جو دڳ روڪين ٿا. معاشري جا اهڙا ناٽتائي رويا فطرت سان بغاوت آهن. جيئن جانورن، ٻوٽن ۽ پکين کي جنس جي چوندِ جي آزادي حاصل آهي، انسان کي بہ اهڙي آزادي هجڻ گهرجي. جيڪڏهن قبائلي ۽ ذاتياتي پابنديون ختم نہ ٿيون تہ نسل ناٽتائي انداز اختيار ڪري وڏيڪ بگڙيل صورت ۾ نروار ٿيندا.[9]

1937ع ۾ فريڊرڪ اوسبارن، پنهنجي مقالي "سٺي تخم جي پرورش" ۾ اهو نظريو ڏنو تہ هٽرادو تخم وسيلي سٺين جنسن سان سٺا نسل پيدا ڪيا وڃن، اهڙن ئي خيالن ڪري ويهين صديءَ جي شروعاتي دور ۾ نسل پرستيءَ جو رواج پيو. اها انگلينڊ کان شروع ٿي پوءِ آمريڪا ۽ ڪينيڊا تائين ڦهلجي وئي. ان نظريي کي سياسي طور قبول ڪيو ويو ۽ يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ رائج رهيو. اهڙا فرد جن جو آءِ، ڪيو (IQ) گهٽ هيو، ڏوهن ۾ ملوث هيا، اپاهج ۽ پيدائشي نقص هيا ۽ اقليتن ۾ هيا، انهن کي خصي (Sterile) ڪيو ويو. شادين تي بندش هنئي وئي ۽ ماريو ويو. انهن جي پيٽ ۾ جيڪي هوشيار، سگهارا، چست ۽ سياسي ڊانچي ۾ فِٽ هيا انهن جي نسلي حوصلا افزائي ڪئي وئي. ٻئي جنگ عظيم ۾ نازي جرمني ان جو مثال آهي. اهڙن الميَن کانپوءِ انساني حقن جي تنظيم جي احتجاج سبب گهڻن ملڪن ۾ انهن پروگرامن کي ختم ڪيو ويو پر آمريڪا ۾ اڄ بہ زوري نس بندي نافذ آهي.[10]

1985ع کان سترِيل ملڪن ۾ ڪجهہ عورتون شادي شدا جوڙن لاءِ اهم ڪم ڪن ٿيون تہ ماءُ جي جاءِ تي، ماءُ ۽ پيءُ جا جزا ڪٺي ان متبادل عورت کي حاملا (Pregnant)ڪيو وڃي ٿو ۽ ٻار جي پيدائش کانپوءِ اها اجورو وٺي، ٻار حوالي ڪري هلي وڃي ٿي. ان کي سروگيسي (Surrogacy) چيو وڃي ٿو.[11]

ڳيرجڻ کان اڳ توليد جي شناخت (Preimplantation genetic diagnosis) اهڙي ٽيڪنالاجي آهي، جنهن وسيلي ڳيرجڻ (Fertilization)

ڪان اڳ آنياري (Ovum) جو تخميائي (Genetic) تجزيو ڪري اهو معلوم ڪيو وڃي ٿو تہ ان اندر ڪو نقص تہ نہ آهي؟ نقص جي صورت ۾ ان کي ضايع ڪيو وڃي ٿو جيئن بيڪار نسل پيدا نہ ٿي سگهي. جڏهن تہ نقص کان پاڪ آنياري کي ٻيرجڻ جي اجازت ڏني وڃي ٿي.

مائٽو ڪونڊريل علاج وسيلي ماءُ جي آنياري جي جيو گهرڙي اندر موجود مائٽو ڪونڊران (Mitochondron) ۾ ڊي، اين، اي کي ان صورت ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو جڏهن ان ۾ خامي هجي. ان حالت ۾ ڪنهن ٻئي صحتمند عورت جي مائٽو ڪونڊران مان ڊي، اين، اي ڪڍي ان ۾ وڌو ويندو آهي، جيئن عورت جو متاثر توليد نئين ڪوڊ سان صحتمند ٿي سٺي ٻار کي جنم ڏئي سگهي.[12]

ياد رکڻ گهرجي تہ جيئن گهرڙي (Cell) جي مرڪز ۾ ڊي، اي، اي آهي، ائين جيوگهرڙي جي عضويات (Organelles) جنهن مان مائٽوڪونڊران هڪ آهي، ان ۾ وري الڳ ڊي، اين، اي آهي. اهو مائٽوڪونڊران، جيوگهرڙي اندر هڪ الڳ جيو گهرڙي جي حيثيت رکي ٿو. ان عضويات جي اهميت انڪري آهي جو ارتقائي طور ساهواري جي جيو گهرڙي اندر هڪ جراثيم پنهنجو گهر ڪيو هيو. اهو جراثيم مائٽوڪونڊران آهي ۽ ان جراثيم ڪري ئي جيو گهرڙي ارتقائي منزلون طي ڪيون هيون.

سروگيسي، آنياري جي شناخت ۽ مائٽوڪونڊريل علاج وسيلي بيمارين کان پاڪ سٺا نسل تہ پيدا ڪري سگهبا. پر اهڙي عمل سان دنيا ۾ صرف امير ماڻهو رهجي ويندا. غريب جن وٽ اهڙن وسيلن لاءِ پئسو نہ آهي، اهي دنيا جي ڊڪ ۾ پوئتي رهجي ويندا. امير ۽ غريب جو فرق وڌي ويندو.

ڪائنات جي تاريخ ۾ انسان جيئن باشعور ٿيندو ويو، تيئن مفروضياتي فلسفي، ڪيميا ۽ طب جو موجد ٿي، تجرباتي سائنس جي نتيجن سان ان حد تي پهتو آهي جو جنهن فطرت کي هو نسل در نسل سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آيو آهي، هاڻي ان فطرت جي ڪتاب ۾ ڪيس هر صفحي تي پروف جون غلطيون نظر اچڻ ٿيون. هن پروف جون غلطيون درست ڪندي ان ڪتاب جي جملن جون معنائون ڦيرائي وڌيون آهن، ٿي سگهي ٿو بظاهر فطرت جو رهجي ويل اهڙو نقص ارتقائي درستگي هجي ۽ انسان پاران ڪنهن غلطفهميءَ ۾ ان جو سڌارو غير ارتقائي غلط نتيجي جي صورت ۾ ظاهر ٿئي.

فريڊرڪ اوسبان جو نظريو جيڪو فطرت کان اهو حق کسي ٿو تہ اپاهجن ۽ معذورن کي بہ ساڳيا حق حاصل هجن جيڪي هڪ تندرست کي آهن. فنا (Extinction) جو حق فطرت کي حاصل آهي. فطرت

پاڻ ناموافق ساهوارن کي ارتقائي طور فنا سان همڪنار ڪري ٿي. انسان ناٽتائي ٿي فطرت جي ڪلهن تي سوار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

سنن تخمن (Eugenies) جو تاريخي جائزو ونبو ته افلاطون جو اهڙو خيال جنهن ۾ هن چيو "ميلاپ کان اڳ سني نسل جي پيدائش لاءِ نهڪندڙ جوڙن جي چونڊ ڪئي وجي، اج بہ هڪڙو فطري طور قابل قبول خيال آهي. تخم (Gene) سان ڪا بہ هٿچراند ڪرڻ ڪانسواءِ سنو نسل پيدا ڪري سگهجي ٿو.

سعودي عرب جهڙي ملڪ ۾ جتي تعليم جي ڪوٽ آهي، اتي ٿيليسيميا بيماريءَ کي انڪري ضابطي هيٺ آندو ويو آهي جو اتي شاديءَ کان اڳ مرد ۽ عورت جي جين چڪاس ڪئي وجي ٿي ۽ جيڪڏهن انهن جي جين ۾ ان بيماريءَ جو نقص نہ آهي تہ پوءِ ڪين شاديءَ جي اجازت ڏني وجي ٿي.

مان سعودي عرب جي واديالدواسير جي بيابان اندر هڪ خوبصورت شهر السليل جي اسپتال ۾ پٿالوجسٽ رهيو آهيان، سعودي عرب ۾ اهو قانون آهي تہ شاديءَ کان اڳ جوڙا رت وسيلي پنهنجي جين ٽيسٽ ڪرائين. بارن جون پيدائشي بيماريون والدين جي دي، اين، اي ۾ موجود هونديون آهن. جيڪڏهن اها بيماري زال ۽ مڙس ٻنهي جي جين ۾ هوندي تہ اولاد ۾ پڪ سان ظاهر ٿيندي. اهڙي چونڊ سان معاشري مان اها بيماري پنهنجو پاڻ ختم ٿي ويندي. ايران کان وني ويندي سعودي عرب تائين ڪيترن اسلامي ملڪن ۾ شاديءَ کان اڳ چڪاس (Premarriage test) ذريعي ٿيليسيميا مرض جو خاتمو ڪيو ويو آهي پر اسان جيڪي پاڻ کي ايٽمي طاقت سمجهون ٿا اتي ٿيليسيميا جي مرض کي ختم ڪرڻ جو اهڙو ڪو بہ پروگرام نہ آهي.

ٿيليسيميا اهڙو مرض آهي جنهن ۾ جمندڙ بار جي رت ۾ موجود ڳاڙهن جيو گهرڙن (Red blood cells) ۾ پيدائشي نقص ٿئي ٿو. ان نقص ڪري رت جي ڳاڙهن جزن اندر هيمو گلوبن جو مقدار گهٽ ۽ ڪوالٽيءَ جي لحاظ کان صحتمند هيمو گلوبن جهڙو نہ ٿئي ٿو، جنهن ڪري ڦڦڙن کان جسم جي ٻين حصن ڏانهن انهن جي آڪيسجن پهچائڻ جي سگهہ اها نہ ٿي رهي جيڪا جسم کي صحتمند رکڻ لاءِ گهربل هوندي آهي.

سنن نسلن جي افزائش جو پهريون قانون 516ع ۾ منظور ٿيو، جيڪو عيسائي مذهب جو قانون هيو، اهڙو قانون جنهن کي اگدي ڪائونسل (Council of Agde) نافذ ڪيو، ان موجب سوٽن جي وچ ۾ شاديءَ تي بندش وڌي وئي. اگدي جيڪو بحر اوقيانوس (Mediterranian)

سمنڊ ڪناري وسگوٿڪ سلطنت (Visisgothic kingdom) جو علائقو هيو ۽ هاڻي فرانس ۾ شامل آهي. اتي ڪڏهن رومن حڪومت هئي ۽ اهڙو قانون چرچ جي پنجٽيهه مها پادرين (Bishops) رائج ڪيو.[13]

وليم گڊيل (1894ع-1829ع) اهڙي قانون جي وڪالت ڪئي جنهن ۾ سٺي نسل جي پيدائش لاءِ گهٽ عقل وارن مردن کي خصي (Castration) ڪيو وڃي ۽ ساڳي ريت عورتن جي ٻچيدانين کي ڪڍي سنڌ (Spaying) ڪيو وڃي، جيئن گهٽ ذهن وارا ٻار پيدا نہ ٿي سگهن.[14]

ويهين صديءَ جي شروع ۾ اهڙو قانون آمريڪا ۽ يورپ جي ڪيترن ملڪن ۾ نافذرهيو، پر پوءِ حقن جي تنظيم ان قانون خلاف آواز اٿاريو، چيو تہ "سٺي نسل پيدا ڪرڻ جا طريقا انسانن کي ناس (Genocide) ڪرڻ برابر آهن. اهڙن طريقن ۾ آنياري (Ovum) ۽ ڄٽيڻ (Embryo) جا تخمياتي تجزيا ۽ اهڙن تجزين ڪانپوءِ گرڀ جي اجازت، ڄم روڪ، شاديءَ جا اجازت ناما، زوريءَ خصي ۽ سنڌ ڪرڻ، زبردستي ٻار ڪيرائڻ ۽ پيدا ڪرائڻ، اهي سڀ انساني حقن جي لتاڙ آهن.

نازي جرمنيءَ ۾ شادي ڪرڻ ڪانسواءِ آرين جو نسل وڌائڻ لاءِ جوڙن کان زبردستي ٻار ڄڻايا ويندا هيا، جيئن آرين جو نسل وڌي سگهي. جڏهن تہ ٻيا جن ۾ يهودي ۽ روماني (Romani) شامل هيا، انهن کي گهٽ درجي جو سمجهي خصي ڪيو ويندو هيو جيئن سندن نسل اڳتي هلي نہ سگهي. رومانين جو تعلق اهڙن خانا بدوشن سان آهي جيڪي يورپ جي مختلف حصن ۾ آباد آهن.[15] رومانين جو بنيادي تعلق هندوستان سان آهي جن ۾ راجستان ۽ سنڌ جا خانا بدوش شامل آهن.[16]

هلندڙ دور ۾ انسانن جي چونڊ وسيلي سٺي تخم جي پيدائش بدران سٺي تخم ذريعي سٺن انسانن جي پيدائش ممڪن ٿي پئي آهي. جيئن تخم جي ترتيب (Genome editing). تخم جي ترتيب جديد دور ۾ تخم جي انجنئرنگ آهي، جنهن وسيلي جيو گهرڙي اندر موجود ڊي، اين، اي کي مرضيءَ مطابق ترتيب (Editing) ڏئي سگهجي ٿي. ان طريقي موجب جين ۾ هٽرادو طريقي ٻئي جين ملائي سگهجي ٿي. غير ضروري جين کي ڪٽي سگهجي ٿو، يا ان کي بدلائي سگهجي ٿو، بلڪل ائين جيئن ڪنهن رسالي يا اخبار جو ايڊيٽر مضمون مان چڪون ڪڍي ترتيب ڏيندو آهي. ائين انسان فطرت پاران گهڙيل ڊي، اين اي کي هڪ ايڊيٽر جيان جاچي جيڪڏهن ان ۾ چڪون هجن تہ ڪڍي ٻاهر اڇلائي سگهي ٿو، جيڪڏهن لفظن جيان ڪا جين ڪٽيل هجي تہ ان کي پُر ڪري سڌاري سگهجي ٿو ۽ سٽون هيٺ مٿي هجن

تہ انهن کي ڦيرائي گهيرائي سگهي ٿو.

ڊي، اين اي کليل ڪتاب جيان سائنسدانن سامهون اچي چڪو آهي. انهن کي اهو اختيار حاصل ٿي ويو آهي تہ فطرت جي غلطين جي اصلاح پنهنجن هٿن سان ڪري سگهن. ڊي، اين، اي جي اهڙي اصلاح سان انهن بيمارين جو خاتمو ممڪن آهي جيڪي پيدائشي صورت ۾ وڏڙن کان وراثت ۾ ملن ٿيون. تخم جي ترتيب، ڊي، اين. اي جي هٿرادو اصلاح آهي. ائين جيڪو سڌارو آيو آهي اهو نسلن جي حق ۾ آهي باقي وقت سان ان جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا آها هن وقت ڪنهن کي خبر نہ آهي.[17]

ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ تخم جي ترتيب يا درستگي (Editing) سائنس جي ڪينچيءَ جو فطرت جي سيني اندر دل ۾ پهريون چيد آهي. انسان فطرت کي آپريشن ٿيٽر ۾ ٽيبل تي بيهوش ڪري سمهاريو آهي ۽ ان جي چير ڦاڙ ڪري سندس ڳجهہ ۾ هٿ وڌا آهن. فطرت ڪٽيندڙ جي چرخي جي ڪوٽ آهي، ان جي بي ترتيبيءَ کي سلجهائڻ پاڻ کي الجهائڻ آهي. انسان پاڻ مان مطمئن نہ آهي، اهو اطمينان ماڻڻ جي ڪوشش ۾ ناٽتائي ٿي پيو آهي. انسان جيڏو پاڻ کي کولي ٿو، تيڏو ئي ڪلندو وڃي ٿو. ظهور جي حد نہ آهي، ماٺهو مظهر آهي، ان جي اظهار جا رستا ايڏا تہ الجهيل آهن جو نظر ناڪافي آهي تہ اها پيچيدگين جو مشاهدو ڪري ڪنهن حل تي متفق ٿئي. انسان آٽتا جي ڳولها ۾ ناٽتائي ٿي پيو آهي.

انسان فطرت کي پنهنجي قبضي هيٺ آڻڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي، هو چاهي ٿو تہ فطرت کي پنهنجي مرضيءَ مطابق استعمال ڪري ۽ ائين ارتقا جا رخ ضرورت موجب موڙي سگهي. اهو فطرت جو آٽتائي رخ ٿڏي ان جي ناٽتائي رخ ۾ جيئڻ چاهي ٿو. جيئن سڌي ارتقا (Direct evolution) جو محاورو. سائنس جون تيز ڌار شعاعون فطرت ۽ قدرت جي آر پار ٿي ان جو اندر جاچي، هاڻي اهو ذمو پاڻ کڻڻ چاهين ٿيون تہ ارتقا جنهن جو فطري اثر ظاهر ٿيڻ ۾ لکين سال لڳي وڃن ٿا، ان ارتقا کي سڌو سنئون متاثر ڪري منٽن ۾ موڙي سگهجي، اهڙي عمل کي تجرباتي ارتقا (Experimental evolution) جو نالو ڏنو ويو آهي. سائنسدانن اهڙي عمل کي ناقابل يقين ڪاميابي (Holy Grail) قرار ڏنو آهي. جيڪا انسان ذات جي وسيع سڌاري (Transhumanism) ڏي وٺي ويندي.[18]

لفظ هولي گريل (Holy Grail) اصل ۾ حضرت عيسا جي ان استعمال ڪيل پيالي ڏانهن اشارو آهي جيڪو ان مصلوب ٿيڻ کان هڪ رات اڳ پيئڻ استعمال ڪيو ۽ روايت آهي تہ صليب تي ٽنگيل

عيسا جو ٽمنڊڙ رت ان پيالي ۾ ڪريو.[19]

ٽنشي چيو "خدا مري چڪو آهي، هاڻي انسان راڄ ڪندو." سائنس ٽنشي جي لفظن کي سچ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي، انسان هڪ گهڙيءَ ۾ گهڻو ڪجهه ڏسڻ جو خواهشمند آهي. انتظار عاشق جو دشمن ۽ وقت جو دوست آهي.

ٽنشي جي فلاسافيءَ کي سائنس جو روپ ڏيندي، وسيع انسان (Transhuman) ڏي وڌندڙ ڪوجنا جي وکن کي ڳڻيندي جولين ساولسيڪيو چوي ٿو. "انسان ذات اڄ ڏينهن تائين ارتقا جي محتاج هئي. اسان هاڻي ارتقا بابت نئين دور ۾ داخل ٿي رهيا آهيون، جتي انسان پنهنجي قسمت جا مالڪ پاڻ هوندا. طاقت جي توازن رخ ڦيرائي وڌو آهي. پهريون اهو فطرت وٽ هيو ۽ هاڻي انسان ان طاقت جو مالڪ آهي."

يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا، لاس ايجنلز جي حياتياتي طبعدان گريگري اسٽاڪ موجب "انسانذات پنهنجي بالڪپڻ مان نڪري هاڻي نوجوانيءَ طرف وڌي رهي آهي ۽ ان جي سگهه اسان جي پهچ کان پري اڳتي نڪري چڪي آهي."

اينڊريو اسڪلينڊ، وسيع انسان (Transhuman) تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته ارتقا هڪ قدرتي ۽ فطري لقاءُ آهي، جيڪو صدين تي ڦهليل (Ateleogical) آهي. اهڙي لقاءُ کي پنهنجي مرضيءَ موجب ڦيري منزل تي پهچائڻ يا نتيجا ڪڍڻ (Teleological) فطرت سان بغاوت آهي.

وسيع انسان (Transhuman). انسان (Human) ۽ انسان پڄاڻان (Posthuman) جي وچ واري حيثيت آهي. وسيع انسان جنهن جي شڪل ۽ صورت ته بلڪل انسان جهڙي هوندي پر ان جي قابليت انسان کان بهتر هوندي، اهو تمام ذهين هوندو، باخبر هوندو ۽ وڌيڪ سگهه ۽ پائيداري هوندي، وسيع انسان جين جي ڦير يا علاج سان حاصل ڪري سگهبا.[20]

پيءُ ۽ ماءُ کي اهو حق حاصل آهي ته اهي گرڀ ۾ موجود آنياري (Ovum) جي جاچ ڪرائي ان کي پيدائشي نقص کان آجو ڪرائي سگهن ۽ چاهين ته تخمي علاج (Genotherapy) وسيلي اهڙي آنياريءَ مان پيدا ٿيندڙ ٻار کي وڌيڪ سهڻو، هوشيار ۽ ڏاهي بنائڻ جو جين پيوند (Graft) ڪرائين.

وسيع انسان کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ تياريون مڪمل آهن ۽ ان تي ڪنهن حد تائين عمل به ٿي رهيو آهي. اهڙي سائنسي جرئت کي تنقيد جو نشانو به بنايو ويو آهي ته "فطرت جي اصولن خلاف ڪم جا نتيجا چڱا نه نڪرندا."

آمريڪن ميڊيڪل ايسوسيئيشن جي چوڻ موجب ”جين سان هٿ چراند ان صورت ۾ ڪئي وڃي جڏهن ان جي اشد ضرورت محسوس ڪئي وڃي، جين ٽيڪنالوجيءَ کي صرف پئسي وارن تائين محدود نہ رکيو وڃي، پر اهڙو رستو ڳولهيو وڃي جيئن عام ماڻهو بہ ان پهچ ۾ شامل ٿي سگهي. جين جو علاج هڪ حد تائين محدود هجڻ گهرجي.“

جين وسيلي علاج سڀ کان پهريون 1980ع ۾ ڪيو ويو جيڪو مارٽن ڪلائن سرانجام ڏنو، پر حقيقي ڪاميابي 1989ع ۾ حاصل ٿي، جنهن کي نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هيلٿ مڃتا ڏني. اهو علاج گرپ وٽي عورتن تي آزمايو ويو. ان پروگرام ۾ اهڙن مريضن کي شامل ڪيو ويو جن ۾ انهن جي اينزائيم سرشتي ۾ پيدائشي نقص ڪيا ۽ ان اينزائيم جي کوٽ سبب جسماني بيماريون هيون.[21]

جين جي علاج ۾ گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ يا وسيع انسان جي حاصلات لاءِ، جيو گهرڙي اندر مرڪز ۾ ڪروموسومز جي ڊي، اين، اي سان هٿ چراند ڪئي وڃي ٿي. ان جو طريقيڪار اهو آهي تہ وائرس ۽ جراثيمن جي ڪروموسومز مان گهربل ڊي، اين، اي ڪڍي خاص مرڪزي اينزائيم (Nuclease) جي مدد سان انساني ڊي، اين، اي ۾ پوند ڪيو وڃي ٿو.

اهو سڀ انهن مرڪزي اينزائيمز (Nucleases) جو ڪمال آهي، جيڪي پنهنجي خاص مخفين (Codes) وسيلي انساني ڊي، اين، اي کي ٽوڙي مخصوص ۽ گهربل جاءِ والارين ٽيون، ائين ڊي، اين، اي جي تبديلي بيمار جيو گهرڙن کي صحتمند بنائي ٿي، انهن کي مرڪزي اينزائيمز جذياتي ڪينچيون (Molecular Scissors) پڻ چيو وڃي ٿو، ڇو جو اهي ڪينچيءَ جيان ڪم ڪري ڊي، اين، اي کي خاص هنڌن تان ڪٽي يا تہ ڦٽو ڪن ٿيون يا جڳهہ ناهين ٿيون تہ جيئن مرڪزي اينزائيمز اها خالي جاءِ والاري سگهن. هن وقت بازار ۾ ڇهہ سئو قسم جا اهڙا اينزائيمز مهيا آهن، جن کي خريد ڪري ڊي، اين، اي جي مرمت ڪرائي سگهجي ٿي.

هڪ اهڙو ئي اينزائيم جيڪو جينياتي انجنئرنگ وسيلي ترتيب ڏنل آهي، اهو سائنسدانن تازو متعارف ڪرايو آهي. ان کي CRISPR-cas چون ٿا. اهو اينزائيم جراثيمن جي مدافعتي (Immune) سرشتي مان ڪٽي ڊي ڪوڊ ڪري انجنيئرڊ ڪيو ويو آهي. جراثيمن جي مدافعتي سرشتي ۾ اهو اينزائيم ڪين وائرس جي حملي کان بچائي ٿو.[22] ياد رکڻ گهرجي تہ هڪ ساهوارو جتي ٻئي ساهواري کي جيئڻ ۾ مدد ڏئي ٿو، اتي هڪ ساهوارو ٻني ساهواري جي بيماريءَ جو

سبب پڻ آهي، انسان، جانور، وڻ ٻوٽا، جراثيم ۽ وائرس هڪ ٻئي تي سنا ۽ خراب اثر ڇڏين ٿا.

هڪ جراثيم تي وائرس حملو ڪري کيس بيمار ڪري ڇڏين ٿا. جراثيم ۽ وائرس ۾ فرق آهي. جراثيم مڪمل جيو گهرڙو آهي، جڏهن ته وائرس اڌ جيو گهرڙو. جيئن ڪي جراثيم انسان دوست (Symbiont) آهن، ائين ڪجهه وائرس جراثيمن اندر رهي جيئڻ جي سگهه پڻ فراهم ڪن ٿا. CRISPR-cas به جراثيمن جي اهڙي سرشتي مان حاصل ٿيل اينزائيم آهي جنهن کي استعمال ڪرڻ جا نتيجا ٻين جي مقابلي ۾ سنا آهن.

ايم، ايف 2030، جيڪو هڪ پروفيسر جو نالو آهي، اهو مستقبل جي مطالعي (Futurology) جي مضمون جو دنيا ۾ پهريون پروفيسر هيو. ايم ايف (1930-2000ع) ايراني نژاد آمريڪي هيو، سندس پورو نالو فريدون اسفند يار هيو.

ان 1960ع ۾ وسيع انسان (Transhuman) جو نظريو پيش ڪيو. سائنسي ترقيءَ کي ذهن ۾ رکي مستقبل جي باري ۾ اها راءِ ڏني ته نئين ارتقا (New evolution) وسيلي اهڙي انسان جو ظهور ٿيندو جنهن جي جسماني ۽ ذهني قوت وڌيڪ هوندي. ان کي هٿرادو عضوا (Prostheses) لڳل هوندا. سرجريءَ وسيلي ان جو روپ ۽ جسم سڌاريل هوندو. رابطي ۾ هر هنڌ موجود هوندو. انسان جو روپ عالمي هوندو.

شڪلين ۾ تفاوت نه ڪري سگهبو، ماءُ ۽ پيءُ جا جزا ڪٺي ٻارن کي گرڀ کان ٻاهر جنميو ويندو. انسانن جي هڪجهڙائي مذهبي عقيدا ختم ڪري ڇڏيندي. رواج، رسمون، تهذيبون، زبانون، قومون، ذاتيون ۽ خانداني تعلقات ختم ٿي ويندا.[23]

انسان پڄاڻان (Post human) هڪ مفروضو آهي، جنهن تحت مستقبل جي انسان بابت اهي خدشا ظاهر ڪيا ويا آهن ته اهو انسانذات يا انسان بابت مقرر وصف جي معيار کان مٿانهون هوندو. اهو سائبرنيٽڪ (Cybernetic) ٿي ويندو.[24]

"سائبر" يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو سائيبرانو مان نڪتل آهي، جنهن جي معنا آهي ڪَلَ کي قابو ڪري هلائڻ (Navigation) يا دِڳ لائڻ (Steer) يا حڪومت ڪرڻ ۽ تسلط ڄمائڻ (Govern). موجودا سائبرنيٽڪ ۾ ڪيترائي شعبا آهن.

علم الانسان، ارتقائي حياتيات، نيورو سائنس، مڪينيڪل، انجنئرنگ، برقي قاعدا ۽ ٻيا ڪيترائي علم ان جو حصو آهن.

1948ع ۾ نائبرو وينر، سائبرنيٽڪس کي ائين بيان ڪيو هيو

تہ اها اهڙي حڪمت آهي جنهن سان ساهوارن ۽ مشينن کي ڪنٽرول ڪيو وڃي.[25]

انسان پڄاڻان روبوٽ کان مختلف آهي. روبوٽ هڪ هٽرادو ڪَل يا مشين آهي. انسان پڄاڻان جو تصور مستقبل جو مشيني انداز ۾ بدليل انسان هوندو، جنهن ۾ هٽرادو حافظو، ياداشتون ۽ شعور جي ديٽا پريل هوندي. اهو سائبورگ (Cyborg) هوندو، جنهن ۾ ارباتي ٽيڪنولوجي (Nanotechnology) هوندي.[26]

ارباتي (Nano) معنا ڪنهن شيءِ جو ان کان هڪ ارب دفعا ننڍو حصو، اها ٽيڪنولوجي جنهن ۾ تمام ننڍين ذرن (Atomic) پرزن سان انسان اندر مرمت ڪري ڪيس ٺاهيو ويندو جو اهو انسان پڄاڻان (Post human) ۾ تبديل ٿي ويندو.

لفظ سائبورگ، مين فريڊ ۽ ناٿن 1960ع ۾ استعمال ڪيو. انهن موجب اهو روبوٽ نہ هوندو پر اهي خصلتون هڪ جيئري انسان اندر موجود هونديون. هن وقت تائين اهڙو تصور صرف فلمي دنيا تائين محدود آهي پر اهو ممڪن آهي تہ مستقبل ۾ انسان تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ ماحولياتي حالتن جو فطري ارتقا سان غير مفاهمت (Unadoptive) ٿي. انهن سائبورگ تبديلين سان مفاهمت ڪري وجهي ۽ جيئري رهڻ جي جدوجهد لاءِ پاڻ کي تيار ڪري سگهي جيئن حالتون هن لاءِ سازگار ٿي سگهن.

جيڪڏهن ائين ٿيندو تہ اها انسان جي ناٽتائي (Nocebous) خواهش جي انتها هوندي.

## References:


Greek world study tool.

**"Eugenic"**.

Medford , Massachusetts : Tufts university.2009. Retrieved 19 Oct: 2017.

Galton , Francis (1883).

**"Inquiries into human facility and its development"**.

London J.M Dent & Co.

Emson HE (April 1987)

**"Health , disease and illness: matters for definition"**.

CMAJ.136(8):811-13.

Haldane , J.B.S (December 1957).

**"The cost of natural selection".**

Journal of Genetics.55(3):511-24.

Darwin , Charles ; A.R. Wallace (1858).

**"On the tendency of species to form varieties and species by natural means of selection".**

Journal of the proceedings of the Linnean society of London. Zoology .3:46-50.

Lande , R (1981)

**"Models of speciation by sexual selection on polygenic traits".**

PNAS.78(6):3721-25.

Hosken , David J ; House , Clarissa M, (January 2011).

**"Sexual selection".**

Current biology. 21:62-65.

Kruskal , William H. (1980)

**"The significance of fisher: A review of R.A Fisher. The life of scientist, by Joan Fisher Box"** Journal of American statistical Association. 75:1019-30.

Planka , Eric R (November.1970)

**"on r-and k-selection".**

The American naturalist. 104(940):592-97.

Barry Mehler,

**"Eliminating the inferior; American and Nazi sterilization programs":**

science for the people (1987) p.14-18.

Golomboks, Murray C et al (May 2004).

**"Famillies created through surrogacy arrangements : parent — child relationships in the first year of life".**

Developmental psychology. 40(3):400-11.

Handyside A.H et al (April 1990),

**"Pregnancies from biopsied , human preimplantation embryos sexed by Y-specific DNA amplification".**

Nature. 344(6268)-768-70.

Todayl found out. Com , Mellissa.

**“The science of marrying your cousins”.**

Gizmodo. Retrieved 2017-08-13.

Goodell . william (1881-1882).

**“Clinical notes on the extirpation of the ovaries for insanity”**

The American journal of insanity. Utica , New York : state Lunatic asylum. xxxvii. Retrieved 2 May 2015.

Michaelis , Meir (1972).

**“A survey of the literature on Hitler’s plan of world dominition”.**

Historical journal 15(2):331-60.

Sindhya N. Bhanoo (11 Dec:2012).

**“Genomic study , traces Roma to Northern India”.**

New York times.

Tan , WS. et al .(2012).

**“Precision editing of large animal genome”.**

Adv Gent. 80:37-97.

Bostrom , Nick (2005).

**“A history of transhumanist thought”.**

Journal of evolution and technology. Retrieved February 21-2006.

Merium — Webster.

**“Definition holy grail”.**

Retrieved December 18-2017.

Bostrom , Nick (2002-2005).

**“The transhumanist FAQ”**

world transhumanist Association. Archived from the original (PDF).

Rosenberg SA et al. (August 1990)

**“ Gene transfer into human — immunotherapy of patients with advanced melanoma , using tumor infiltrating lymphocytes modified by retroviral gene transduction”.**

The New England journal of Medicine. 323(9):570-78.

Zhang F — wen Y, Guo X (2014).

**“CRISPR/cas 9 for genome editing : progress , implication and chal-**

lenges"

Human molecular genetics , 23(RI): R 40-46.

Chamberlain , Fred (2000).

**"A tribute to FM. 2030"**

(PDF). Alcor life extension foundation. Retrieved 2009-08-25.

Bredenoord , Annelian L et al (2010).

**"Towards a post human diginity area".**

The American Journal of Bioethics.10(7):55-57.

Stuart umpleby (2008)

**"Definitions of cybemetics".**

The larry Richards reader. 1997-2007-(PDF).p.9-11.

Nathan S. Kline ; Manred E.Clynes (September 1960)

**"Cyborg and space".**

Astronautics.

## تعلقي جادوءَ ناتتا

### (Sympathetic magic and nocebo)

تعلقي جادو اهڙو سحر تصور ڪيو وڃي ٿو، جيڪو لاڳاپن سان اثر ڪري ٿو.[1]

اهو جادو ايشيا ۾ صدين کان رائج آهي پر يورپ ۾ ان کي هڪ نئين انداز ۾ دريافت ڪري تعلقي جادوءَ جو نانءُ ڏنو ويو.

1889ع ۾ جيمز جارج فريزر پنهنجي ڪتاب سوني شاخ (Gold bough) ۾ پهريون دفعو اهڙي جادوءَ بابت خيالن جو اظهار ڪيو، سندس چوڻ موجب، انسانذات مذهب جي جادوءَ سهاري ترقي ڪري سائنسي تخيل تي پهتي آهي.

تعلقي جادو ٻن طريقن سان اثرانداز ٿئي ٿو. هڪ ساڳيائپ (Similarity) سان ۽ ٻيو وچڙائپ (Contagion) سان.[2]

ساڳيائپ جو تصور ائين آهي ته ”جهڙي جو تخليل جهڙو“ آهي يا اثر، سبب جو مماثل آهي. جڏهن ته وچڙائپ کي ائين بيان ڪري سگهجي ٿو ته شيون جيڪي ڪڏهن هڪ ٻئي سان لاڳاپيل هيون اهي الڳ ٿيڻ ڪانپوءِ به هڪ ٻئي تي اثر انداز آهن. انهن وچ ۾ ڪيترو به فاصلو ڇو نه هجي، اهي هڪ ٻئي ۾ وچڙيل آهن. ساڳيائپ ۽ وچڙائپ جي سحر انگيزيءَ کي جادوئي عمل وسيلي ائين استعمال هيٺ آندو ويو ته ساڳيائپ ۾ ساڳي شيءِ سان ملندڙ ساڳي شيءِ ٺاهي، ان تي جادوئي عمل ڪري ساڳي شيءِ تي اثرانداز ٿي سگهجي ٿو.

وچڙائپ جي سحر انگيزيءَ ۾ اهڙو مواد جيڪو ڪڏهن ڪنهن جي وجود سان لاڳاپيل رهيو هجي، ان مواد تي جادوئي عمل ڪري مواد سان لاڳاپيل وجود کي جادوءَ وسيلي متاثر ڪري سگهجي ٿو.

جهڙي جو تخليل جهڙو آهي (Like Produces like) ساڳي جهڙو ساڳي تي اثرانداز ٿئي ٿو. ساڳي جي ان جهڙي نقالي (Imitation) به جادوئي اثر هيٺ ساڳي سحر ۾ آڻي ٿي. ڪنهن جي مجسمي، فوٽوءَ يا ٻوتي تي عمل ڪري ان کي متاثر ڪري سگهجي ٿو.

وچڙائپ جي قانون (Law of contagion) ۾ ڪنهن جا وار، ڪپڙا يا جسم سان لاڳاپيل ڪا به شيءِ حاصل ڪري ان کي مٿان جادوئي عمل وسيلي شخص کي سحر انگيز ڪري سگهجي ٿو.[3]

تعلقي جادو هڪ ساحر جو ناڻتائي (Nocebous) محرومين جي احساس کان آجو ٿيڻ جو طريقيڪار آهي. جيڪا شيءِ جسم کان پري آهي، اها خيال جي دائري ۾ آهي. جتي پهچ ناممڪن آهي اتي تصور پهچي ٿو. زماني جو شڪست کاڌل خوابن ۾ فتحياب ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

هڪ بکايل شڪاري اونداهي غار ۾ پٿر تي هرڻ جي شڪار جي تصوير ڪوڙي ان تي منتر پڙهي اهو سوچي ٻاهر نڪري ٿو ته جهنگ ۾ به هو تصوير ۾ موجود ساڳي هرڻ جو شڪار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو. انسان ناحاصلات جي تڪميل لاءِ توهم جون سڀ حدون پار ڪري ٿو، ان جي بي چيني، تڙپ ۽ بي قراري ناڻتائي (Nocebous) احساس جا انداز آهن. انسان خدا جو بت ٺاهي، خدا تي اثر انداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. انسان جي منهن ۾ خدا جو منهن ڏسي ٿو. جيمز جارج فريزر مذهب کي جادو چوي ٿو. مذهب اهڙا شبد يا منتر آهي، جنهن سان ماڻهو پٿر کان تصور تائين خدا جي جوڙيل وجود اڳيان اهي پڙهي ڪيس پنهنجي حق ۾ ڪرڻ جا جتن ڪري ٿو. خدا روحاني يا جسماني شڪل ۾ نقش ٿيل آهي. بندو خدا جي وجود جو جسماني احساس ڪائنات جي هر شيءِ ۾ ڳولهي ٿو. سرپرستيءَ جي ڳولها ۽ بي وسيءَ جي احساس انسان کي ناڻتائي بنائي وڌو آهي. هو پنهنجيون ٻانهون پاڻ کي ويڙهي پاڻ کي سهارو ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

وچڙائپ جو قانون (Law of contagion) ضرور ڪنهن نڪرايل عاشق جو محبوب بابت ناڻتائي رويو هوندو. ان پاڻ کي آٿتا (Placebo) لاءِ اهو تصور جوڙيو هوندو ته به لاڳاپيل شيون الڳ ٿي، دور رهي به لاڳاپيل اثر زائل نه ٿيون ڪن، ان عاشق پنهنجي ڪلهي تي رهجي ويل محبوب جا زلف ساڙيا هوندا.

لاڳاپا (Correspondonces) اهڙو تصور آهي جنهن موجب ڪائنات جون هڪجهڙائيون هڪ ٻئي تي اثرانداز آهن. لاڳاپو يا مشابهت اثر ڏيکارين ٿا. جيڪڏهن لوڪ طب (Folk medicine) جي حوالي سان ڳالهه ڪبي ته حڪمت ۾ اهڙا ڪيترائي عقيدا ۽ خيال آهن ته ٻوٽا، ڦل، جڙي ٻوٽيون ۽ سبزيون جيڪي انساني جسم جي عضون سان مشابهه آهن، انهن جي استعمال سان ساڳين عضون جي بيمارين ۾ فائدو ٿئي ٿو.[4] اهو تعلقي جادو (Sympathetic magic) جو اثر آهي. اهو دسخطي حڪمت (Doctrine of signature) جو موضوع آهي پر پهريان لاڳاپن (Correspondonces) جو رمزي (Mystic) جائزو وٺون ٿا.

رمزي يا مذهبي لحاظ کان لفظ ”لاڳاپا“ امانل سويڊنبو

(Emunul swedenboug) ارڙهين عيسوي صديءَ ۾ استعمال ڪيو، جڏهن هن آسماني رمزون (Arcana caelestia) نالي ڪتاب لکيو.[5]

سويڊنبو موجب لاڳاپو وجود جي ٻن رخن جو تعلق آهي، جيئن روشنيءَ جو لاڳاپو ڏاهپ سان آهي ڇو جو ڏاهپ ذهن روشن ڪري ٿي ۽ نظر کي جلا بخشي ٿي. گرمجوشي پيار جو لاڳاپو آهي، ڇو جو پيار ذهن کي ائين حرارت بخشي ٿو جيئن مچ جسم کي. هر شيءِ ٻئيءَ سان لاڳاپيل آهي ۽ اهي ڪيفيتون هڪ ٻئي جي ترجماني ڪن ٿيون.

جڏهن ٻولي ۽ لفظ نہ هيا تہ اظهار جو وسيلو لاڳاپن جو تاثر هيو، لاڳاپو اظهار جو واحد وسيلو هيو. خدا بائيبل کي لاڳاپن جي زبان ۾ لکيو ۽ لاڳاپائي هيا جيڪي روح کي بيان ڪرڻ جي قوت رکندا هيا.

سويڊنبو لکي ٿو تہ اوائلي دور ۾ فرشتا لاڳاپن جي زبان ڳالهائيندا هيا ۽ انسان پڻ لاڳاپن وسيلي غيب سان تعلق جوڙيندا هيا. ان وقت بہ هڪ پاڪ ڪتاب هيو جيڪو لاڳاپن جي زبان ۾ هيو، اهو ڪتاب اڄ بہ عرش ۾ پڙهيو وڃي ٿو. جيئن انسان برائين طرف مائل ٿيو، تيئن اهو لاڳاپن جي زبان پڙهڻ جي صلاحيت وڃائي ويٺو، آڳاٽي تاريخ لاڳاپن ۾ لکيل هئي، انسان اها پڙهڻ کان معذور ٿي ويو، ائين اها آڳاٽي تاريخ ضايع ٿي وئي.

ڪڏهن خدا ڌرتيءَ تي قيام ڪندو هيو ۽ لاڳاپن ۾ رمزي اظهار ڪندو هيو. ڌرتيءَ تي موجود هر رمز خدا جي لاڳاپن جي تمثيل (Parable) آهي. حضرت عيسا لاڳاپن جي علم کان واقف هيو پر ان اهڙو اظهار انڪري نہ ڪيو جو ڪيس خبر هئي تہ ماڻهو سادا ۽ ابوجهہ آهن، اهي اهڙو اظهار برداشت نہ ڪري سگهندا. اهو ئي سبب هيو جو هن چيو "مان گهڻو ڪجهہ ٻڌائڻ چاهيان ٿو، پر توهان اهڙو بوجهہ برداشت نہ ڪري سگهندين." (John 16:12)

آڳاٽي وقت انسان لاڳاپيل شين کي مقدس سمجهندا هيا ۽ علامتي تشبيهون ٺاهيندا هيا جيئن اهي لاڳاپا برقرار رهن، پوءِ وقت سان انسان لاڳاپن کان پري ٿيندو ويو. شبيهن ۽ تصور جو لاڳاپو رمزن سان نہ رهيو، ائين انسان خودپرست ۽ بت پرست ٿي ويو.

مذهبي طور پاڪ ڪتاب پڙهڻ لاءِ لاڳاپن کان واقفيت ضروري آهي. پاڪ شبد حڪمت کانسواءِ سمجهي نہ ٿا سگهجن. حڪمت انهن جي حصي ۾ اچي ٿي جيڪي خدا سان لاڳاپيل آهن ۽ جيڪي لاڳاپن کي سمجهي نہ ٿا سگهن اهي مذهب جي نالي ۾ ڪفر جي تبليغ ڪن ٿا. لاڳاپائي اهڙو رستو آهن جن وسيلي بندو خدا سان ملي هڪ ٿئي ٿو.

(6)

ايڊنيو نہ صرف مذهبي خيالن کي جلا بخشي پر سندس اثر ان وقت جي شاعري ۽ ادب تي پڻ پيو. ان تشبيهن ۽ علامتن جو انداز ئي بدلائي ڇڏيو.

چارلس بودلئر (Charles Baudelaire) (1821-1867ع) فرانسيسي علامتي شاعر هيو. هن پنهنجو هڪ پورو نظم لاڳاپن تي لکيو آهي.[7] نظم فرانسيسي زبان ۾ آهي. اهو نظم اظهار جي قوت سان پريل آهي. اهڙن نظمن کي ترجمو ڪرڻ ڏکيو آهي ڇو جو ترجمي سان تاثر فنا ٿي وڃي ٿو. اهو نظم انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيو ۽ پوءِ مون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، لاڳاپن جو اظهار ڪندي بودلئر، لاڳاپن جي ان اوائلي فنا ٿي ويل تعلق کي وري پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙا نظم جيڪي فرانس ۾ بودلئر، ملارمي ۽ پال ورلن لکيا، سمجهڻ لاءِ حڪمت جي ضرورت آهي.

بودلئر جو نظم هيٺ ڏجي ٿو.

Correspondonces

Nature is a temple of living pillars
Where often words emerge, confused and dim
Eyes of symbols always watching him

Like prolonged echoes mingling for away,
In a unity tenebrous and profound
Vast at night and limpid days,
Perfumes, sounds and colour correspond.

There are perfumes as cool as a children flesh
Sweet as aboes, as meadows green and fresh
Others, triumphant and corrupt and rich

With power to fill the infinite expenses
Like amber, incensce, musk and benzoin, which
.Sing the transport of soul and senses.

ترجمو

## لاڳاپا

دنيا گرجا گهر،
زندگيءَ جي ٿنڀن تي بيٺل
اندر لفظ ايرن ٿا
منجهيل ۽ گهٽيل
انسان لنگهي ٿو فطرت جي جهنگ مان
هر شيءِ علامتن جون
اکيون سڃاڻي

تيز ۽ هلڪن آوازن سان
بي ربط پڙاڏن جو الاپ
رات رنگين، ڏينهن شفاف
خوشبوءِ، آوازن ۽
رنگن جو ميلاپ

پرفيوم اهڙو ٿڌو
جيئن ٻارن جو ساهه
ميوي جهڙو مٺو
تازو سائو گاهه
ٻئي پاسي ظالم، فاتح
جن جو پئسي ساهه

روح ۽ حواسن جو وجدان
اڻ کٽ خواهشن جو پورائو
عنبر، عطر، مشڪ ۽ لوبان

تعلقي جادو (Sympathetic magic) ۽ دستخطي حڪمت (Doctrine of signatures) ٻه ساڳين لاڳاپيل شين سان چوٽڪارو ڳولهڻ آهي.
دستخطي حڪمت ڊائو سڪو رائيڊز (Dioscorides) (40-90 A.D) ۽ گيلن (Galen) (129-200 A.D) جي ڏينهن کان اڄ ڏينهن تائين آزمائي

وجي ٿي.

ان حڪمت موجب جڙي ٻوٽيون (Herbs) جيڪي ٻيهڪ ۾ جسم جي عضون سان مشابهه آهن، اهي انهن عضون کي شفاياب ڪن ٿيون، ڇوڻ آهي ته "خدا انسان کي علامتن سان حقيقت جو دڳ ڏيکاري ٿو." انڪري ٻوٽن ۾ پڻ اهڙيون الاهي علامتون موجود آهن جيڪي اشارو ڪن ٿيون ته انهن جي شبيهه جسم جي ڪهڙي عضوي سان مشابهه ۽ فائدو ڏيندڙ آهي.[8]

جيڪب بومي (1575-1664ع) چيو، "ڪائنات جي هر شيءِ خاصيت جي لحاظ کان خدا جو الڳ دستخط (Signature) آهي. حڪمت موجب جيئن ته اخروٽ مغز جهڙو آهي، انڪري اهو مغز کي فائدو ڏئي ٿو. نرگس جي گلن جو عرق اکين لاءِ اڪسير آهي. ائين ڪيترائي ٻوٽا، گل ۽ پاڙون جيڪي ڏسڻ ۾ جسم جي عضون جهڙا آهن، اهي ان عضوي لاءِ علاج طور استعمال ٿين ٿا، جيئن ڦڦڙ ٻوٽي (Lung wort)، تري ٻوٽي (Spleenwort)، ڏند ٻوٽي (Tooth wort)، جگر ٻوٽي (Liver wort) آهن.[9]

وچين دور ۾ انسان مذهبي طور ڪائنات کي ٻئي رنگ ۾ ڏٺو ۽ چيو "جيئن مٿي، تيئن هيٺ" دنيا عرش جو دسختط آهي، ذرو ذري سان ڳنڍيل ۽ ٻئي ذري جو ترجمان آهي، سمنڊ جي قطري ۾ پوري سمنڊ جي خاصيت موجود هوندي آهي، رمزي (Mystically) طور دستخطي حڪمت کي ڪائناتي لحاظ کان ٻئي رخ کان جاچيو ويو. ڪل ڪائنات ۽ جز ڪائنات (Macrocosm and Microcosm) جي حڪمت موجب "مٿي نهاريان ٿو ڇڻ هيٺ نهاريان ٿو." ۽ "هيٺ نهاريان ٿو ڇڻ مٿي نهاريان ٿو." هر شيءِ ٻئي شيءِ جي علامت آهي ۽ اها علامت خدا جو دستخط آهي، جيڪو ان دستخط کي سڃاڻي ٿو، سو علامتن جا راز کولي نروار ڪري ٿو.[10]

ڪائنات ائين نروار آهي جو جز ۾ ڪل سمايل آهي ۽ ڪل ۾ جز. ڪائنات لاءِ ڪاسموز (Cosmos) لفظ فيثاغورث (570-495 B.C) استعمال ڪيو. جيڪو سواد اعظم (Chaos) يا خول (Void) جو ٻيو رخ آهي. جڏهن ڪائنات نه هئي؛ هڪ ڊگهي ڪاري رات (سواد اعظم) هئي. هڪ خول هيو، جيڪو پُر نه ٿيو هيو. پوءِ ڪائنات وجود ورتو ۽ مونجهه جي ماٺ ٽٽي.[11] اهي فيسا غورث جا لفظ آهن، ان جي خيالن ارسطو ۽ افلاطون کي متاثر ڪيو.

جز ڪائنات (Microcosm) نظريي موجب انسان پنهنجي ذات ۾ ڪل ڪائنات (Macrocosm) آهي. ان جي جسم جو هر عضوو ڪائنات سان مشابهه آهي.

معروضي طور مٿو، روشني ۽ تجلو (Emphyrical) آهي، سينو، ذرتيءَ کان مٿانهون، پاڪ ۽ صاف ماحول، ايٿر جھڙو شفاف (Etheral) آهي ۽ پيٽ، زمين، هوا، باهه ۽ پاڻي (Elementry) آهي.[:2]

انسان هر حال ۾ هيٺو آهي، اهو اڻ ڏٺل توانائيءَ سان رشتا جوڙي پاڻ کي سهارو ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ناٽتا (Nocebo) انسان کي مورثي (Hereditary) عطا ٿيل آهي، هو هر روپ ۾ رب ڏسي آجو ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، لاڳاپن جي زبان ۾ ڪائنات جي هر شيءِ کي خدا جو دستخط ڪوني ٿو. فنا ٿي ويل رمزي زبان جا شبد ڳولهي ٿو. شفا لاءِ وهمي (Superstitious) وسيلا ڳولهي ٿو. جڙي ٻوٽيون جيڪي انساني عضون سان مشابهه آهن، انهن ۾ پنهنجن عضون جو علاج ڳولهي آٽتا (Placebo) لاءِ واجهائي ٿو پر ناٽتا (Nocebo) هن جو مقدر آهي.

ڪل ڪائنات ۽ جز ڪائنات ۾ پاڻ کي جذب ڪري نئين وجود ۾ ظاهر ٿيڻ جي انساني ڪوشش ان جو ناٽتائي فرار آهي، بي درد دنيا ۾ انسان جي اڪيلائيءَ جو ناٽتائي احساس لاڳاپن جو سبب پيدا ڪري پاڻ لاءِ آٽتا (Placebo) جو سهارو ڳولهي ٿو.

**References:**

**"sympathetic magic".**

The skeptic's dictionary.

The golden Bough , Bartleby 1992.

**"sympathetic Magic ; Part I : The principles of Magic".**

The golden bough

**"Rainmaking as sympathetic magic".**

project Gutenberg.

Harrison , Regina (1989).

**"Signs , songs , and memory in the Andes"**

Translating Quechua language and culture university of Texas press.p.178.

Cf. Michelle Grier ,

**"Swedenborg and Kant on spiritual intuition"**

in on the true philosopher : Essay on Swedenborg , ed.stephen McNeilly ( London Swedenborg society 2002), P.I. Accessed.

November 11 , 2010.

In the standard edition of the

**"Arcana coelestia"**

revised and edited by Rev. John Faulkner Potts and published by the Swedenborg Foundation in 1956, the prefatory notes by the reviser contains a summary of publishing history for the work. Originally published by Swedenborg.

Charles Baudelaire , Richard Howarad. Les Fleurs Du Mal. David R. Godine. Publisher , 1983 , p.xxv.

Science Museum

**"Doctrine of signatures".**

Retrieved February 8, 2014.

Pearce , J.M.S ( May 16,2008).

**"The doctrine of signatures"**

(PDF). European Neurology. Karger. Com. 60(I):51-52. Retrieved August 31,2008.

Antoine Faivre.

**"Access to western esotericism"**

state university of New York press, 1994,P 10-11.

Cornelia J. de Vogel :

**"Pythagoras and early Pythagoreanism"**

Assen 1966,s. 148-150.

**Robert Fludd in utriusqu cosmic Historia ; quoted by pierre A. Riffard in dictionnaire de lesoterisme , Paris**

Payot 1983,P-34.

## ڪارو جادو ۽ ناتتا

**(Black magic and Nocebo)**

رواجي طور ڪارو جادو برائين جي ماورائي (Supernatural) سگهه آهي.[1]

جيڪڏهن سڄي ۽ کٻي هٿ واري راهه جي سوچ کي ذهن ۾ رکبو ته جادو ٻن قسمن ۾ ورهايل آهي. کٻي هٿ وارو ڪارو جادو ۽ سڄي هٿ وارو اڇو جادو.[2]

کٻي ۽ سڄي هٿ واري راهه (Left hand path and right hand path) اولهه جي لغت ۾ جادوءَ کي بيان ڪرڻ جو ٻقسمي (Dichotomy) محاورو آهي، جنهن تحت جادو ڳجهو (Occult) ٿي سگهي ٿو يا بظاهر تقريباتي (Ceremonial).[3]

ڳجهو جادو ڪارو جادو آهي ۽ بظاهر تقريباتي اڇو جادو.

هندستان جي تنتر (Tantra) يا منتر کي سڄي هٿ وارو اڇو جادو سمجهيو وڃي ٿو جيڪو گهٽو ڪري ماڻهن جي ڀلائين لاءِ استعمال ٿئي ٿو ۽ روايتن کي ٽوڙيندڙ تدريد(Taboo) کي کٻي هٿ واري ڪاري جادوءَ ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.[4]

تحديد (Taboo) اخلاقي طور معاشري ۾ منع ٿيل اهڙو عمل آهي، جنهن سان مروج روايتن جي ڀڃڪڙي ٿئي ٿي.[5]

سڄي ۽ کٻي هٿ واري راهه جو محاورو سڀ کان پهريون ميڊم بلاوسڪي (Balvatsky) استعمال ڪيو. اوڻويهين عيسوي صديءَ ۾ ان ٿيوسافيڪل سوسائٽيءَ جو بنياد وڌو. ان هندستان ۽ تبت جو دورو ڪيو، جتي سنڌس ڪيترن ئي ساڌن سان ملاقاتون ٿيون. اتي ان ساڌن کان اهڙا محاورا ٻڌا. کٻي هٿ واري راهه کي هنديءَ ۾ وماچر (Vamachra) چيو وڃي ٿو. اهي وماچر هندو مذهب جي ريتن رسمن خلاف تحديد (Taboo) واري زندگي گذاريندا هيا. عورتن سان غلط طريقي همبستري ڪندا هيا، شراب پيئدا هيا ۽ حرام گوشت کائيندا هيا. بلاوسڪي انهن جي اهڙي تحديد کي برائين سان ڀيٽ ڏني ۽ چيو ته ”کٻي هٿ واري راهه بدڪاريءَ جو رستو آهي.“[6]

جيرالڊ گارڊ، (1884-1964ع) ان کي وڪا (Wicca) چيو وڃي ٿو. جنهن ”نئي پيگان جدوجهد“ نالي تنظيم جو بنياد وڌو. پيگان (Pagan) ان کي چئبو آهي، جنهن جو دين ابراهيمي يا وحدت ۾ ايمان نہ هجي. دين ابراهيمي يا وحدت جي بنياد تي دنيا ۾ ٽي مذهب عمل پيرا آهن. جن ۾ اسلام، عيسائيت ۽ يهوديت شامل آهن.

گارڊنر پيگان هيو ۽ ان جو دين ابراهيميءَ ۾ ايمان نہ هيو. ان پنهنجي مذهبي طريقي جو پرچار ڪيو، جنهن کي پيگان ساحري (Pagan witchcraft) چيو وڃي ٿو. گارڊنر جو گهڻو وقت انگلينڊ کان ٻاهر مليشيا ۽ سريلنڪا ۾ گذريو. هو قبرص ۾ پڻ ترسيو جتي ان ديوين جي آمد (Godess arrives) نالي ناول لکيو. هو هڪ رمزي (Occult) گروهہ ۾ شامل ٿيو ۽ اعلان ڪيو تہ هن ساحرين جي ان قبيلي کي ڳولهي ڪڍيو آهي جنهن کي نيو فاريسٽ ڪو ون (New forest coven) چيو وڃي ٿو ۽ جنهن قبيلي جو تذڪرو ان کان اڳ مارگريٽ مري (Margarete Murray) (1863-1963ع) جيڪا اينگلو انڊين هئي. اها هڪ سئو سال جيئري رهي. ان مصر جي ممين تي ڪم ڪيو. پهرين جنگ عظيم جي ڏينهن ۾ هن ڏائڻين يا ساحرين جي قبيلي جو مفروضاتي ذڪر ڪيو. ان ٻڌايو تہ ”وڪا (Wicca) عيسا کان اڳ جو آهي. ان مذهب جو خدا سڱن وارو ڏاڙهيدار رب (Horned God) آهي ۽ اهو ئي خدا هيو جنهن کي هيرالڊ گاڊنر جي تنظيم نئي پگان جدوجهد جو خدا مڃيو وڃي ٿو.

جيرالڊگار ڊنر 1945ع ۾ ساحرن (Witchcraft) خلاف ان قانون جي سخت مخالفت ڪئي جيڪو جاڳرتا (Renaissance) جي ڏينهن ۾ 1736ع لاڳو ڪيو ويو هيو. جاڳرتا جي ڏينهن ۾ ڪاري جادوءَ ۽ ساحرن خلاف سخت قانون نافذ ڪري ڪين ماريو ۽ ساڙيو ويو هيو. اهڙي قانون هيٺ ڪيترين ئي بي گناهہ عورتون ڏائڻين ۽ ڪاري علم جي الزام هيٺ ساڙي ماريون ويون.

گارڊ نر کي ”فادر آف وڪا“ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

ايلسٽر ڪرولي (1875-1947ع) انگريز جادوگر ۽ رمزي هيو، هو شاعر، ناول نگار، پينٽر ۽ ڪوهپيما پڻ هيو. ان ٿيليما (Thelema) نالي مذهب جو بنياد وڌو. ان مذهب جو بيان ”ٿيلما جو پاڪ ڪتاب“ ۾ موجود آهي. ان مذهب ”وڪا“ لاءِ بنياد فراهم ڪيو. اهو مذهب جديد پيگانزم، هيول (Chaos)، جادو ۽ شيطانزم جو پرچار ڪري ٿو.

اهي يورپ جا ساحري عقيدا ۽ مذهب هيا جن جو ايمان روحاني طور ابراهيمي وحدت جي طريقن کان الڳ ۽ اندر جي لافاني قوتن جو دعويدار هيو. انهن جادوئي طريقن (Witchcrafts) سان انساني

چوٽڪاري جي راھ ڳولهن جي ڪوشش ڪئي هئي. اهڙا عقيدا انهن جاڳرتا جي ڏينهن ۾ ڏائڻين ۽ ساحرين ڏانهن منسوب هيا.

رومن ڪيٿولڪ ڪليسيا بي ديني‌ءَ خلاف مهم (Inquisition) هلائي جنهن جو آغاز ٻارهين عيسوي صدي ۾ فرانس اندر ٿيو. اهو ڪيٿارزم (Catharism) جي خلاف هيو. ڪيٿارزم عيسائيت خلاف جادوءَ جي ڄاڻ رکندڙ هڪ گروھ جي بغاوت هئي.[15]

جن ساحري ڏائڻين کي ان قانون تحت سزا ڏني وئي انهن تي الزام هيا تہ پنهنجي قبضي ۾ ڪيل عفريتن (Demons) ۽ جنن ذريعي پنهنجن پاڙيسرين کي نقصان پهچايو آهي. انهن ڳجهين طاقتن وسيلي پوڪون تباھ ڪيون آهن، اهي پنهنجي جسم مان روحاني صورت ۾ ٻاهر نڪري سفر ڪن ٿيون. شيطان جي عبادت ڪن ٿيون. انهن کي نيگرو مينسر چيو ويو. جنهن جو مطلب آهي، ڪارو (Nigro) اڳڪٿائي (Mancer) يا ڪاري علم وسيلي مستقبل جي ڄاڻ رکندڙ.[16]

ڪنهن حد تائين ڪاري علم جو ابراهيمي وحداني مذهبن سان تعلق پڻ رهيو آهي.

اسلام ۾ حضرت محمد صہ جن تي ٿيل ڪاري علم جو ذڪر ملي ٿو، سورت الفتح، الفلق، الناس ۽ ٻين سورتن ۾ ڪاري علم کان بچڻ لاءِ دعائون شامل آهن. ڪاري علم کان بچاءَ لاءِ اهڙا تعويذ پاتا وڃن ٿا، جن ۾ الله جا نوانوي پاڪ نانءَ درج ٿيل آهن.

عيسائين ۾ ڪاري جادوءَ کان بچڻ لاءِ ڪاري اجتماع (Black mass) جو رواج آهي، ڪارو اجتماع ڪيٿولڪ اجتماع جي ابتڙ بي حرمتيءَ (Sacrilege) وارو طريقيڪار آهي.[17]

بي حرمتي ٻن قسمن جي هوندي آهي، جيڪڏهن زباني طور ڪئي وڃي تہ ان کي بلاسفيمي (Blasphemy) چيو وڃي ٿو ۽ جيڪڏهن هٿن سان ڪئي وڃي تہ ڊيسيڪريشن (Desecration) چيو ويندو آهي، هٿن سان مراد، پاڪ ڪتاب کي ساڙڻ، مسجدن، درگاهن، مزارن يا اهڙين ٻين پاڪ شين جي توهين آهي.[18]

بليڪ ماس اهڙو عيسائي فرقو آهي، جيڪو جادو ۽ سحر ۾ يقين رکي ٿو. سترهين عيسوي صديءَ ۾ ايٿون گلبورگ دعوا ڪئي تہ ان ڪيترائي ڪارا اجتماع دنيا جي مشهور ڏائڻين، اڳڪٿي ڪندڙن ۽ جادوگرن جي رهنمائيءَ ۾ منعقد ڪيا آهن.[19]

ٻوڪا (Bokor) اهڙا سامري آهن جيڪي يورپي عقيدي موجب ترسيليءَ (loa) جو ڪم ڪن ٿا. اهي جادو ئي عمل ۾ پنهنجي ٻنهي هٿن جو استعمال ڪن ٿا. سڄي هٿ سان اڇو جادو ۽ کٻي هٿ سان ڪارو جادو ڪن ٿا. ترسيلي (Loa) ان کي چيو وڃي ٿو جيڪي خدا ۽

بندن وچ ۾ ترسيل يا رابطي جو ڪم ڪن. اهي ڪاري جادوءَ سان جيئرن لاشن (Zoombies) جي تخليق ڪن ٿا. اهي جيئرن لاشن جي تخليق لاءِ پاٽياٽ (Potion) استعمال ڪن ٿا. اها پاٽياٽ دوا، زهر يا امرت ٿي سگهي ٿي. مثال طور پيار جي پاٽياٽ، جنهن کي پيئڻ سان ڪو پيار جي ڄار ۾ ڦاسي پوي. ننڊاکڙي پاٽياٽ جيڪا پيئڻ ڪانپوءِ انسان عام ننڊ واري حالت کان وٺي سڪرات (Coma) واري حالت ۾ هليو وڃي ۽ اهڙي پاٽياٽ جيڪا مرض کي شفا ڏئي، مايوسيون دور ڪري ۽ ڦٽ ڇٽائي.[20]

اهڙي پاٽياٽ جو ذڪر مسلمانن جي ڪتاب "الڪيميءَ" ۾ پڻ ملي ٿو ۽ شيڪسپيئر جي ڊرامي "ميڪبيٿ جو الميو" ۾ ان جو ذڪر آهي.

جديد فنطاسي (Fantasy) ۾ اهڙي پاٽياٽ جا اثر پيش ٿيل آهن، جن ۾ ڪايا پلٽ (Transformation) ۽ اوجهلائپ (Invisibility) شامل آهن.

اوجهلائپ جتي جادوئي ڪمال آهي، اتي حقيقت ۾ پڻ اوجهلائپ وارو تاثر پيدا ڪري سگهجي ٿو. شفاف شيون قدرتي طور اوجهلائپ جو تاثر ڏين ٿيون، جيئن هوا، پاڻي يا شيشو، پر اهي مڪمل اوجهل نہ آهن.

ڪيمو فلاز (Camouflage) ان جو سڀ کان سنو مثال آهي، ڪيموفلاز، رنگ، بيهڪ يا چمڪ وسيلي ماحول سان مطابقت (Adoptation) ڪري، اوجهل ڪرڻ آهي. ساهوارن ۾ اهڙو عمل ارتقائي آهي، جڏهن تہ فوجي دشمن جي نظرن کان اوجهل رهڻ لاءِ ماحول سان مطابقت وارو لباس پائين ٿا ۽ جسم جي ظاهر حصن کي لڪائڻ لاءِ رنگن جو استعمال ڪن ٿا. ان کي هٽرادو مطابقت چئجي ٿو.

قدرتي مطابقت ارتقائي آهي، جيئن چيتي جي چمڙيءَ جا نشان جيڪي شڪار ڪرڻ وقت ڪيس شڪار ٿيندڙ جي نظرن کان اوجهل رکن ٿا. ڪانيءَ نما نانگ جيڪي سڪل وڻ تي ويهي صفا ڪانيءَ جهڙا نظر اچن ٿا. اهڙا ڪيترائي مثال آهن، سانڊا جيڪي ماحول موجب رنگ بدلائين ٿا. انپيڊا (Octopus) پڻ وقت ڏسي .رنگ مٽائين ٿا.[21]

نظربندي (Illusion optics) سائنسي طور برقي مقناطيسي نظريو آهي، جنهن سان هڪ معروض (Object) کي ٻئي معروض ۾ تبديل ڪري سگهجي. خلائن ۾ ڪنهن بہ معروض کي اهڙي وهم (Illusion) ۾ بدلائي ڇڏڻ جو اهو خلائن جو قدرتي حصو نظر اچي. اسٽيلٿ ٽيڪنالوجيءَ ذريعي جهازن، ساموندي ٻيڙن، ميزائلن ۽ آبدوزن کي ريڊارن کان ڳجهو رکي سگهجي ٿو، جنگين ۾ اڏامندڙ اهڙن معروضن

ڪي 2009ع ۾ مڪمل عملي جامو پارايو ويو، جنهن تحت ڦيرڏاتو (Metamaterial) جو استعمال ڪيو ويو، ڪيموفلاز ان پهاڪي جي نفي ڪري ٿو ته نظر سچ جي گواهه آهي، (Seeing is believing)[22]

سائنس ۾ ڪاري يا اڇي جادوءَ لاءِ ڪا جاءِ نه آهي، سائنس جادوءَ کي ڪوڙ ثابت ڪري ٿي، ائين چئي سگهجي ٿو ته سائنسي طور ڪارو يا اڇو جادو ماورائي هجڻ ڪري فطرت کان خارج آهن. جڏهن ته سائنس فطري آهي. سائنس پاڻ فطري جادو آهي، جنهن جو روحانيت سان ڪو تعلق نه آهي، سائنس پنهنجن تجربن جي بنياد تي جادوئي ڪرتب ڏيکاري ٿي.

جادو ڪارو هجي يا اڇو. جادوءَ جا ٻئي رخ الڳ نه آهن ڇو جو ماورائي طور انهن ٻنهي رمزي (Occult) قوتن لاءِ عامل دعويدار آهن. جادو انسان جي بي وس خواهشن جي تخليق آهي. هڪ غير فطري سگهه جي ڪوشش آهي، جيئن ته دنيا سميت پوري ڪائنات اجان هيولي (Choas) مان نڪري نه سگهي آهي، انڪري انسان به اجان ارتقا ذريعي تڪميل جي جدوجهد ۾ آهي. وقت جي سفر کي جاچي چئي سگهجي ٿو ته تڪميل ڪٿي به ٿيڻي نه آهي. اميدون، خواهشون ۽ حسرتون انسان جي نامڪمل وجود جون شهادتون آهن. ڏٺو وڃي ته انسان جي بي وسيءَ جي پورائي لاءِ مذهب ۽ جادوءَ ۾ ڪو به فرق نه آهي.

انسان مايوسين جو ازالو ڪري ٿو. دل هڪ هنڌ مطمئن نه ٿي ٿئي ته ڪا ٻئي جاءِ ڳولهي ٿو، ٻئي جاءِ مطمئن نه ٿي ڪري ته ٽيئن جاءِ ڳولهي ٿو، بي وس انسان سگهه جي ڳولها ۾ اپاهجن جا در ڪڙڪائي ٿو. ڪڏهن انسان مايوسيءَ جي پاڇي ۾ پناهه وٺي ٿو ۽ ڪڏهن مايوسي انسان جي پاڇي ۾ لڪي ٿي. جادو بي وس انسان جي خواهشن جي تڪميل جو نفسياتي ذريعو آهي، نفعي ۽ نقصان کي ڳجهي ۽ ماورائي طريقي پنهنجي وس ۾ ڪرڻ جي ڪوشش آهي. ڇو جو انسان جينياتي يا مورثي ڪَنيل آهي. ان جو وجود ڪجهه حاصل ڪرڻ جي جستجوءَ ۾ ڊهي ۽ ٺهي ٿو.

فطرت ڏانهن انسان جو ردعمل ناٽڪائي آهي، ڪي مذهب ۾ جادو ڳولهين ٿا ۽ ڪي جادوءَ ۾ مذهب ڳولهين ٿا. شهر جون پٽيون عاملن جي اشتهارن سان ڀريل آهن. اهي مذهب جادوءَ ۾ ملائي مسئلن جي حل جي دعويداري ڪن ٿا. عاملن کي ڪلمو پڙهڻ به ڪو نه ٿو اچي.

پوپا (Bokor) جيڪي ترسيلي (Loa) جو ڪم ڪن ٿا، اهي انسان جو خدا، روحن يا مافوق الفطرت قوتن سان رابطو ڪرائين ٿا.

جادو ئي پاڻياٺ (Potion) استعمال ڪن ٿا. اهي مايوس ۽ بي وس انسان جي ناٽتائي روين جو غلط استعمال ڪن ٿا.

مخالف پنهنجي دشمن جي نالي ۽ فوٽوءَ تي ڪارو علم ڪرائين ٿا. اهڙو ڪارو علم ۽ ان ڪاري علم جو لاشعوري عقيدو مخالف جي بدلي يا انتقام جي ڳجهي تسڪين جو سبب بنجي ٿو. دنيا ۾ هر شخص پوڳي ٿو. مخالفن جو دشمن جي قدرتي ۽ عام رواجي پوڳنائن ڪي عامل جي جادوءَ جو اثر چئي خوش ٿيڻ اهڙي عقيدي جي اثرانگيزيءَ جي ڇاپ جو روپ ڌاري ٿو. دنيا ۾ سڀ ڪان وڏيڪ شڪر اهو ڪري ٿو جيڪو لاشعوري ناشڪريو آهي. شخص ناشڪرين جي احساس ڪي مٽائڻ لاءِ هر هر شڪر ڪري ٿو. جڏهن ته شڪر گذاريءَ جو احساس رکندڙ اهڙو درويش آهي جيڪو دنياداريءَ ڪان خارج ۽ گهرج جو محتاج نہ آهي. ان ڪي شڪر جي ضرورت نہ ٿي پوي ڇو جو ڪنهن بہ تمنا جو طلبگار نہ هوندي اهو لاشعوري شڪر گذار آهي. اهو ائين آهي جيئن سچو پرهيزگار خدا ڪي ياد نہ ڪندو آهي. خدا ڪي ياد اهي ڪندا آهن جن ڪان خدا وسري ويو هجي. شڪر بہ ائين آهي ڇو جو شڪر سرمستيءَ ۾ پنهنجي اهميت وڃائي ويهي ٿو. جيئن خدا بي پرواهہ آهي ائين فقير جي لاپرواهي ڪيس اهڙو درجو ڏئي ٿي جتي شڪر ۽ صبر وجود جو حصو بنجي خارجي صورت ۾ فنا ٿين ٿا. اهڙو ڪمال هر ڪنهن جي حصي ۾ نہ ٿو اچي. دنيا جي اڪثريت ناشڪر ۽ ڪنيل آهي.

پوڳنائن جو وڏو سبب ناشڪري ۽ اهو ڄاڻڻ نہ آهي تہ زندگيءَ ۾ ڇا درگذر ڪجي جو اها سهل ٿي پوي. ڪجهہ نہ حاصل ڪري سگهڻ جو احساس ناٽتائي ردعمل ۾ ناجائز حاصلات جي صورت ۾ نروار ٿئي ٿو. عامل جو دم ڪيل پاڻي امرت سمجهي پيئجي ٿو تہ شفا ڏئي ٿو. جادوئي پاڻي (Potion) توهم ۾ عقيدو رکندڙ ناٽتائي ردعمل هيٺ زهر پيل عليل جيان پنهنجي منفي سوچن جي تيزاب ۾ ڳري وڃي ٿو. بيماري ۽ تندرستي انسان جي سوچ ۾ آهي. ڪائنات انڪري توهم جو ڄار آهي جو اسين ان ڪي سمجهي نہ سگهيا آهيون. ڊنل ۽ سوسن ۾ ورتل آهيون. انديشن جي ور چڙهيل آهيون. ڪائنات جي لقائن (Phenomenons) انسان ڪي ازل ڪان مجذوب ڪيو آهي.

عقيدن ۾ وبا، موت ۽ سوڪهڙو الاهي عذاب آهن، ٻلي (Sacrification) ۽ ٻين طريقن سان آفتن ڪي ٽاري سگهجي ٿو. ٻئي ڪي ڪاري علم سان ماري ان جي حياتيءَ جا ڏينهن پنهنجي کاتي ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا.

ٽائوزم ڪان وٺي ويندي هندستاني عقيدن ۽ يورپ جي جهالت

کان جديد دور تائين اجان بہ اهڙا مثال موجود آهن جو ٻارن جي ٻلي چاڙهي اهڙين آفتن کي ٽاري، انهن جي حياتيءَ جي ڏينهن کي پنهنجي ڪاتي ۾ وجهڻ ڪانسواءِ مافوق الفطرت هستين کي راضي ڪرڻ لاءِ اهڙين جاهلاڻين رسمن تي عمل ڪيو ويجي ٿو. انسان کي ڪنهن بہ عقيدي جي انتها اهڙو تہ چريو ڪري ٿو جو هو پاڻ کي هر حال ۾ ڏاهو سمجهي ٿو.

مُڙد حاضري (Necromancy) انسان جي ناحاصل خواهشن جي تڪميل ڪري ٿي. مئلن کي جيئرو ڪرڻ مذهب ۾ مسيحائي سلسلو آهي. جنهن تي بحث ڪرڻ بلاسفيمي آهي پر لفظ بلاسفيمي پڻ حالتن پٺاندڙ پنهنجي معنا بدلائي ٿو. ڏٺو وڃي تہ سڀ کان وڏي بلاسفيمي انسان جي تذليل آهي. مذهبي انتهاپسنديءَ جو سڀ کان وڏو شڪار هڪ روشن خيال انسان ٿئي ٿو. ملان هڪ ٻئي تي ڪفر جون فتوائون ڏين ٿا. زبان سان عظيم هستين جي توهين (Blasphemy) ڪن ٿا ۽ هٿن سان مسجدون، امام بارگاهہ، مزارون ۽ پاڪ هنڌ تباهہ (Deseretion) ڪرائين ٿا.

هن دور ۾ ڪرايي جي جنگ (Proxywar) وڙهندڙ عفرتون (Demons) آهن. اهي وڏن سامري جادوگرن (Super Powers) جا ڪاري علم ذريعي قابو ڪيل جن آهن جيڪي انهن جو حڪم مڃيندي دنيا ۾ افراتفري مچائين ٿا.

جيڪڏهن ڪاري علم جو موجوده صورتحال تي اثر ۽ ان جي نتيجن تي غور فڪر ڪبو تہ دنيا سامرين جي حڪم هيٺ آهي. جنهن ۾ هر سامريءَ جون قبضي ڪيل عفرتون ٻئي سامريءَ جي عفرتن سان دوبدو آهن. ان بي امنيءَ کي ڪاري علم جي زبان ۾ شيطانگيري (Satanism) چئي سگهجي ٿو.

مذهب دنيا جو سڀ کان وڏيڪ اثرانگيز عقيدو آهي پر ان عقيدي جون اٽپوريون اميدون ناٽتائي اثر منجهہ ظاهر ٿين ٿيون. سائنس ۽ مذهب جو تصادم اوڻويهين عيسوي صديءَ کان جاري آهي. سيارن جو علم ۽ ارتقا جو نظريو مذهبن جي سراسر نفي ڪري ٿو. اهڙن متضاد خيالن سبب انسان مذهبن کان باغي ٿيو آهي. مذهب کان باغي هوندي بہ ارتقائي طور مذهب عادت يا خاصيت (Trait) جي صورت ۾ انسان جي جين (Gene) اندر رهندو آيو آهي.

ڪروڙها سال اڳ انساني شعور جي پهرين ڪرڻ ڪنهن رمزي (Occult) قوت کي ڪائنات جي هر لقاءَ ۾ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اهڙي ڪوجنا ان جي جين جو حصو بڻجي وئي. وقت سان انسان شعوري رمزي راز سلجهائيندي ماورائي قوتن جي اثر کان نڪري نہ

سگهيو.[23] مذهب جو ناٽتائي اثر مذهب جهڙيون ٻيون واٽون ڳولهي ٿو. جيرالڊ گارڊنر جو "وڪا" ۽ ايسٽرڪروليءَ جو "ٿيليما" ۽ ان جهڙا سوين مثال ان ڳالهه جي گواهي ڏين ٿا تہ آفاقي مذهبن جا ناٽتائي اثر توهمات (Superstition) کان وٺي ويندي اهڙي شعوري يا لاشعوري بغاوت تي ختم ٿين ٿا، جنهن بغاوت جا نتيجا اڃان بہ منجهيل ۽ نامڪمل آهن.


References:

J . Gordon Melton (2001).

**"Black Magic".**

Encyclopedia of occultism & parapsychology. Vol I: A-L (Fifth edition. Gale research Inc).

Jesper Aagaard Petersen (2009).

**"Contemporary religious Satanism: A critical anthology".**

Ashgate publishing ltd.p-220.

Evans-pritchard.

**"Sorcery and native opinion"**

Africa : Journal International African institute vol.4. NoI (Jan 1931).p.22-55.

**"White magic , black magic in the European Renaissance"**

by Paola Zambelli – 2007.

Encyclopedia Britannica on line.

**"Taboo"**

2012.

Weeler , Josph Mazzini (1895-04-21)

**"Madam Blavatsky".**

The free thinker. London. G,W. Foote. 15(16):242-43.

Evans . Dave(2007).

**"The history of British magic after Crowley".**

Hidden publishing.

Arthur Edward waite 1911

**"The book of black magic and ceremonial magic"**

Reprint 2006).

Funk & Wagnalls.

**"Imortality"**.

New world encyclopedia (2014).

**"Necromancy"**.

Merriam . websters collegiate dictionary (11th ed). Sprinfield MA. April 2008.

Gilmore , peter.

**"Science and Satanism"**

point of inquiry interview. Retrieved 9 Dec, 2013.

Lewis , James R (Sept.2002).

**"Diabolical Authority: Anton Lavey. The satanic bible and Satanism tradition"**.

Marburg Journal of religion . 7 (1):1-16.

Crowley , vivianne (1989).

**"Wicca : The old religion in the new age"**-

London: Aquarian press .p-14-15.

Moore , John S.

**"Aleister Crowley as Guru"**

in chaos international issue No:17.

Blotzer J (1910)

**" Inquistion"**.

The catholic encyclopedia. Robert Applecton company retrieved .2012-08-26.

Funk and wagnalls . New world encyclopedia (2014):

**"Black Mass"**.

Ip-1.Funk & wagnalls-11Feb 2015.

Magda Teler

**"Sinners on trial : Jews and sacrilege after the reformation"**.

Harvard university press 2011.

**"Legends , Monsters of serial murderers"**?

The real story behing and ancient crime. by Dirk C. Gibson (ABC-

CLIO-2012).

Edmons , Enniss B; Gonzalez . Michella A. (2010).

"**Caribbean religious history. An introduction**".

p.125.

John Grant and John Clute , The encyclopedia of fantasy.

"**Potion**".

p.779.

Lindgren . John , SJovall peter et al (2014)

"**Skin pigmentation provides evidence of convergent melanism in extinct marine reptiles**".

Nature . 506(7489):484-88.

Lai , Y ; Ng J et al (2009)

"**Illusion optics: The optical transformation of an object into another object**".

Physical review letters.102(25):25-39.

Walker , Benjamin (1980).

"**Encyclopedia of the occult , the esoteric and supernatural**".

New York : Stein & Day.

## ووڊو موت ۽ ناٽتا

### (Voodoo death and nocebo)

عقيدو ماڻهوءَ کي ماري ٿو جيئن ووڊو موت جيڪو عقيدتمند جو ناٽتائي (Nocebous) انجام آهي ۽ ساڳيو عقيدو ماڻهوءَ کي جيئاري ٿو جيئن ايمان جو ڇوٽڪارو (Faith healing) جيڪو عقيدتمند جو آٽتائي (Placebous) انجام آهي.

لفظ ووڊو موت 1942ع ۾ سڀ کان پهرين والٽرڪينن استعمال ڪيو.[2] ان کي نفسياتي موت به چئجي ٿو. اهڙو موت هيجان (Emotion) سبب ٿئي ٿو ۽ هيجان خوف مان جنم وٺي ٿو. خوف سبب پيدا ٿيندڙ هيجان جي نتيجي ۾ انسان اوچتو مري سگهي ٿو ۽ اهڙي موت کي ووڊو موت جو نالو ڏنو ويو آهي.[3] اهو اوچتو موت دنيا جي پراڻين تهذيبن ۾ ڪن رواجن جو حصو رهيو آهي. ٻئي جنگ عظيم ۾ هڪجائي (Concentration) ڪيمپس ۾ خوف واري ڪيفيت سبب ڪيترن ماڻهن جو تشدد سبب نه، پر تشدد جي باري ۾ سوچڻ سبب اوچتو موت واقع ٿيو.[4]

انسان جي نفسيات به عجيب آهي، ڪو شرم جي سمنڊ ۾ نه ٿو ٻڏي ۽ ڪو ٻڪ پاڻيءَ ۾ ٻڏي وڃي ٿو. ضروري نه آهي ته عشق سيني کي مجنون بنائي وجهي. دنيا جا حساس ماڻهو جلد ڇريا ٿين ٿا. سرءُ ۾ ساوا پن هيڏا ٿي ڇڻن ٿا، جڏهن ته ڪجيءَ جي پنن تي موسم جو ڪو اثر نه ٿو ٿئي.

ڪوهستان ۾ ڪتي جي قبر آهي، ان ڪتي جو موت ڪيس مالڪ طرفان پونڊي ڏيڻ سبب ٿيو. اهو ڪتو انهن سياستدانن کان سنو هيو جيڪي ماڻهن جو رت چوسي جيئرا رهن ٿا.

ووڊو موت عقيدي جو انجام آهي، هر انسان جو اندرُ ساڳيو نه آهي. ظالم خوف جي علامت آهي. چنگيز خان ڪنهن ملڪ تي چڙهائي ڪندو هيو ته ان جي پهچڻ کان اڳ سندس خبر پهچڻ سبب ڳوٺهارين جا ڦر ضايع ٿي ويندا هيا. دهشت وحشت کان وڌيڪ خوفناڪ آهي وحشت جو شڪار ٿيڻ کان اڳ دهشت دم ڪڍي ڇڏي ٿي.

موڪيءَ وٽ مڌ پيئندڙ متارا سڀن واري مٽ مان مڌ پي جيئرا رهيا. پوءِ ان خبر تي اوچتي جان ڏنائون ته جنهن مٽ مان مڌ پيتي هئي ان ۾ سپ هيا.

انسان توهم جي سمنڊ جي ڊنل مڇي آهي. اهو وهم يا توهم کان رهي نه ٿو سگهي. جيڪڏهن تنشي ائين چوي ٿو ته "خدا مري چڪو آهي هاڻي سپرمين حڪومت ڪندو" ته خدا جو مرڻ به عقيدو آهي. مرندو اهو آهي جنهن جو وجود هجي.

انسان آٿتا (Placebo) يا ناٿتا (Nocebo) سوچن جي وچ جو پينڊيولم آهي، دنيا خوف جي علامت آهي. دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ ڊنل اهو آهي جيڪو بهادريءَ جي دعوا ڪري ٿو. گلاب جي مقابلي ۾ ٿوهر جي ٻوٽي کي وڏيڪ ڪنڊا آهن. ڪنڊا انهن جي حفاظت ڪن ٿا، پر خطرو گلاب کي آهي، ٿوهر کي نه. ڪائنات ۾ سونهن (Aesthetic) وڏيڪ ڊنل آهي. بدصورتي طاقتور، پنهنجو بچاءُ ڪندڙ ۽ ويڙهاڪ آهي.

ارتقا ساهواري جي مزاج جي ٻانهي آهي. ارتقا ڪڏهن ساهواري جي احترام ۾ پاڻ ڊالي ٿي. ارتقا ڪينسر ۾ ظاهر ٿي سگهي ٿو جو ڪينسر انسان جي لاشعوري خواهش آهي. ارتقا ساهواري ۾ مدافعت (Immunity) ۽ ٿرڻ (Prevention) جا رستا کولي ٿي. ارتقا صرف انسانن جي ميراث نه آهي. اهو لقاءُ هر جاندار ۾ رونما ٿئي ٿو. ارتقا هڪ جراثيم جو احترام به ائين ڪري ٿي جيئن انسان جي خواهش جو احترام، دنيا اندر ساهواري جي ساهواري سان لاشعوري جنگ يا قتل عام جاري آهي. ٻڪري گاهه کائي ٿي. گاهه ساهوارو آهي. ماڻهو ٻڪري ۽ گاهه کائي ٿو. جراثيم ماڻهو کائن ٿا. فطرت ارتقا وسيلي هر ڪنهن کي جيئڻ جو هڪجيترو حق ڏئي ٿي. انسان بيمار ٿئي ٿو. ان جو مدافعي سرشتو جراثيمن سان وڙهي ٿو. صرف انسان اينٽي بائيوٽڪ (Antibiotic) ايجاد نه ٿو ڪري. پر فطرت جراثيمن کي به ارتقائي سگهه ڏئي ٿي ته اهي به اينٽي بائيوٽڪ خلاف اينزائيم پيدا ڪري انهن کي بي اثر ڪن ۽ جيئرا رهن.

حياتي خوابناڪ (Hypnotic) تاثر آهي. اسين شعوري طور، لاشعور جي هنج ۾ اکيون کولي ننڊ ڪيون ٿا. اسين ڪائنات جي وجودي شخصيت کان سحرانگيز (Mesmirize) ٿي هر حوصلو قبول ڪيون ٿا. اميدون آنن تي آرو ڪن ٿيون ۽ خواهشون ٻچا ڏين ٿيون.

انسان دنيا ۾ نظر نه ايندڙ ڏاڳن سان ٻڌو پيو آهي. انسان جون پاڙون پاڻ ۾ ڪتل آهن. وقت ۽ تجربو مايوسين تي ڪٽي ٿو. ڏاڳا ڇڏن ٿا. حسرتون رهجي وڃن ٿيون. پاڙون پنجي وڃن ٿيون. انسان مرڻ جي معاملي ۾ ايڏو ته اتاولو آهي جو ڪنهن جي اک ڇنڀ تي گذاري وڃي ٿو. هاڻي هيو، هاڻي ناهي. ويٺو هيو، ٻيٺي پير مري ويو.

وودو موت خوف جي ڪيفيت جو اوچتو ناٿتائي ردعمل آهي پر ڏنو وڃي ته ماڻهوءَ جو فطري موت به وودو موت جيان آهي. حياتيءَ

جي ڏيگهه اک جي ٻن پنبڻين جي وٿي آهي ۽ موت اک ڇنڀ. وقت سان دنيا جي هر دوا پنهنجو اثر وڃائي ويهي ٿي ۽ پوءِ دوا، حقيقي دوا (Scientific medicine) هجي يا آٽتا (Placebo) هجي. هر دوا جو اثر ناٽتا (Nocebo) ٿي پوي ٿو.

ڪروڙين سال اڳ جڏهن ماڻهوءَ ڪائنات جو مشاهدو ڪيو ته اهو ڪائنات جي سحرانگيزي، خوف، حيرت ۽ تجسس ۾ ڦاسي پيو. نه صرف ڪروڙها سال اڳ جو انسان اهڙي سحر کان متاثر ٿيو پر اڄ جو انسان پڻ ساڳي حيرت ۽ مونجهاري ۾ ڦاٿل آهي. سائنس ڪائنات ۾ رونما ٿيندڙ لقائن کي ڪجهه بيان ڪري سگهي آهي. گهڻا سوال جوابن جا منتظر آهن پر ان جي پيٽ ۾ آڳاٽو انسان وڏيڪ منجهيل ۽ خوف ۾ ورتل هيو. ووبو موت دنيا جي آڳاٽي تهذيبن ۾ جڻ ثقافت جو حصو هيو. اهو سڀ خوف سبب پيدا ٿيندڙ وسوسن ۽ توهمن (Superstitions) ڪري هيو.[5] دنيا ۾ سدائين عقيدن جي پرمار رهي آهي. انسان کي پنهنجي بي وسيءَ جو احساس اهڙي شدت سان رهيو آهي جو ان ڪائنات ۾ ڪک کان وٺي هر معروض (Object) جي عبادت ڪري مدد لاءِ پڪاريو آهي.

توهم جو ادراڪ (Perception) جتي جيئاري ٿو، اتي ماري ٿو. جيڪڏهن عقيدو آهي ته دعا جيئاري ٿي ۽ بددعا پڻ ماري ٿي. اهو سڀ دعا يا بددعا جو اثر نه آهي پر عقيدي ۽ توهم جو اثر آهي.

هڪ مثال ووبو بوتي (Vodoo doll) جو آهي. روايتي طور اهو طريقو تمام پراڻو آهي. دنيا جي هر حصي ۾ پوپا، بوتو (Effigy) ناهي ان ۾ سنهيون سُيون هڻي ڪنهن به شخص ڏانهن منسوب ڪري زمين ۾ دفن ڪري ڇڏيندا آهن. عقيدو آهي ته اهو بوتو جنهن شخص ڏانهن منسوب ٿيل هوندو. اهو تشخيص نه ٿيندڙ مرض ۾ مبتلا ٿي، ان دفن ٿيل بوتي وانگر ڇڙي، سڙي ۽ مري ويندو.[6]

سائنسي طور اهو ناممڪن آهي پر عقيدو پنهنجين حدن اندر ڪنهن به دليل کي نه مڃيندو آهي. ائين به ٿيو آهي ته ڪيترائي انسان انهن بوتن جي ور چڙهي ويا آهن. جيڪڏهن ڪنهن عقيدي پرست انسان کي اها خبر پوي ته سندس ڪنهن ان جو بوتو ناهي سُيون هڻي دفن ڪيو آهي ته اهو انسان اهڙي احساس ڪانپوءِ ناٽتائي (Nocebous) ردعمل ڪري نفسياتي طور پاڻ کي بيمار تصور ڪرڻ ڪري آهستي آهستي ختم ٿي ويندو. ڪڏهن ائين به ٿيو آهي ته اهڙو ئي بيمار انسان جنهن کي خبر هجي ته سندس بوتو دفن ٿيل آهي. اهو پوپي هٿان بوتو ڪڍرائي بيماريءَ جي بستري تان اٿي کڙو ٿيو آهي. اهو ان شخص جو آٽتائي (Placebous) ردعمل آهي.

1942ع ۾ والٽر بريڊ فورڊ ڪينن اهڙي موت ڪي پهريون دفعو ووڊو موت جو نالو ڏنو ۽ ان پنهنجي مضمون ۾ اهڙا مثال ڏنا آهن. سائنسي مضمونن مان هڪ مضمون اهڙي شخص جي باري ۾ آهي جيڪو ماءُ جي چوڻ ۾ نہ هيو، ڪيس ماءُ بددعا ڏني. ان بددعا جي ڪري اهو دمڪشيءَ (Asthma) جو مريض ٿي پيو ۽ سٺت ئي گذاري ويو. اهو سڀ انڪري ٿيو جو اهو شخص ماءُ جي چئي ۾ نہ هوندي بہ لاشعوري طور ان عقيدي جو قائل هيو تہ ماءُ هستي آهي. ان جي بددعا (Curse) ضرور اثر ڏيکاريندي.[7] اهو سوچي سندس ناڪارائي ردعمل جاڳي پيو، جنهن ڪري اهو نفسياتي مونجهاري ۾ ڦاسي سهڪي جو مريض ٿي پيو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ سندس ووڊو موت واقع ٿيو.

1992ع ۾ ڪلفٽن ڪي ميڊور هڪ آرٽيڪل ۾ ڪيس بيان ڪيو. هڪ شخص جنهن ۾ ڪينسر تشخيص ٿي. ان کي پڪ هئي تہ اهو نہ بچندو ۽ ان بيماريءَ ڪري سندس موت واقع ٿيندو. اهو شخص گذاري ويو. مرڻ کانپوءِ جڏهن ان شخص جي لاش جي چيرڦاڙ (Autopsy) ڪئي وئي تہ معلوم ٿيو ڪينسر ان حد تي نہ پهتي هئي جو ان شخص جو موت واقع ٿي سگهي. موت جو سبب خوف هيو جيڪو ڪينسر سبب پيدا ٿيو.[8]

ڪينن، ووڊو موت متعلق ڪجهہ وضاحتون پيش ڪيون آهن، هڪ وضاحت اها آهي تہ عقيدي جي ناڪارائي ردعمل جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ خوف يا دهشت ڪري دماغي تنتي سرشتو (Sympathetic system) تحرڪ ۾ اچي ٿو، جنهن جو سپرارينل گدود تي پڻ اثر آهي. شريانين جي سوڙهي ٿي وڃڻ ڪري رت جو دٻاءُ وڌي ٿو. دل جو ڌڪو تيز ٿيڻ سان گڏ ساهہ کڻڻ ۽ نبض جي رفتار وڌي وڃي ٿي. خوف جي نفسياتي اثر ڪري اهڙو شخص کائڻ پيئڻ لائق نہ ٿو رهي. جنهن ڪري ان جي جسم ۾ پاڻياٺ جو مقدار گهٽ رهي ٿو. رڳن ۾ رت جي گهٽ دوري ۽ پاڻياٺ جي ڪميءَ سبب اهڙو شخص ڍلجي (Shock) مري وڃي ٿو.[9]

ووڊو موت جون جديد وضاحتون:

1942ع ۾ سائنسدانن تناءُ (Stress) تي وڏيڪ تجربا ڪيا. تناءُ لاشعوري خوف، وهم يا توهم جو ناڪارائي اثر آهي. سائنسدانن معلوم ڪيو تہ تناءُ جو دماغ جي ان حصي تي اثر آهي جنهن کي باداميو (Amygdala) چيو وڃي ٿو. دماغ جي هيٺين حصي ۾ بہ باداميائين ٿا. انهن کي باداميو انڪري چيو وڃي ٿو جو اهي باداميءَ جي ماپ ۽ شڪل جهڙا ٿين ٿا. باداميءَ کي گريڪ زبان ۾ امائگڊالا چيو وڃي ٿو.

خوف جا سگنل، ٻڌڻ، ڏسڻ ۽ سوچڻ سبب باداميو تائين پهچن ٿا.

ايسٽر اسٽرنبرگ 2002ع ۾ ساڳي تحقيق کي اڳتي وڌائيندي چيو ته اهڙي عمل جي نتيجي ۾ ڪيميائي تحرڪ (Impulses) پيدا ٿي. برقي صورت ۾ دماغ جي تنتي سرشتي وسيلي جسم جي گدودن مان رتوبتون (Hormones) خارج ڪن ٿا. اهڙن گدودن ۾ ايڊرينل ۽ پٽيوٽري شامل آهن رتوبتن جي گهڻي مقدار ۾ خارج ٿيڻ ڪري دل غير متواتر (Arrhythmic) ٿي وڃي ٿي.[10]

1981ع ۾ ويلي ويل، سائنسدان، ڪارٽيڪوٽرافن، رتوبتون ڳولهي لڌيون، جن جو ڪم جسم جي ٻين گدودن مان خارج ٿيندڙ رتوبتن کي ضابطي ۾ رکڻ آهي. مارٽن ۽ سموئل جو چوڻ آهي ته ووڊو موت جو سبب ڪيٽاڪولامائين رتوبتون آهن جيڪي گڙدن مٿان موجود ايڊرينل گدود مان خارج ٿي جيوگهرڙن ۾ موجود ڪيليشم جا چينل کولي وجهن ٿيون. جيو گهرڙن مان ڪيليشم خارج ٿي وڃڻ سبب موت واقع ٿئي ٿو.

ديو ويد لسٽر 1972ع، هڪ مقالي ۾ خود صلاحڪاري (Autosuggestive) ۽ صلاحڪاري (Suggestive) موت جو ذڪر ڪيو آهي. خود صلاحڪاري موت جي باري ۾ لکيو آهي ته اهڙو موت فرد جي لاشعوري خواهشن ڪري ٿئي ٿو. ڪو جيڪڏهن مايوسين جي ور چڙهي موت جي خواهش ڪري ٿو ته سندس جسم ان مطابق ڪم ڪري ٿو. اهو لاشعوري ننڊا ڪڙي (Hypnotic) حالت ۾ جڏهن چوي ٿو ”مري وڃان... مري وڃان“

ته سندس جسم جون رتوبتون اهڙي ردعمل ۾ خارج ٿي ماري وجهن ٿيون. صلاحڪاري موت پڻ نازل ٿي سگهي ٿو، جيڪڏهن ڪو ڪيس پنهنجي ڪرشماتي عمل سان لاشعور ۾ وڃي سحرانگيز (Mesmerize) ڪري ڪيترائي دفعا ساڳيو عمل ورجهائيندي چوي ٿو. ”مري وڃ... مري وڃ...“ ته اهڙي شخص ۾ پڻ ساڳيون رتوبتون نڪري موت جي منهن ۾ ڌڪين ٿيون.[11]

آسٽريليا جي اصلوڪن (Aborigene) ۾ اها ريت رهي آهي ته اهي ڏوهيءَ کي سزا ڏيڻ لاءِ نوڪدار هڏي جو استعمال ڪندا هيا. اهو ڪنگارو يا ڪنهن ٻئي جانور جو هڏو جهن ڪان انن انچن تائين ڊگهو هوندو هيو. جنهن کي اڳيان نوڪ هوندي هئي. ڏوهيءَ کي سزا ڏيڻ لاءِ هڏي جي نوڪ ان طرف ڪندا هيا ته اهو ڌڪڻ لڳندو هيو ۽ ان جو موت واقع ٿيندو هيو. ان کي نوڪدار هڏي واري بددعا (Bone pointing syndrome) چيو وڃي ٿو.

هڪ اهڙو ئي ڪنجيڪا (Kinjika) نالي اصلوڪو شخص جيڪو نوڪدار هڏي جي اثر هيٺ هيو. اهو آسٽريليا جي ڊارون شهر

جي هڪ اسپتال ۾ داخل ٿيو. ان جون سڀ ٽيسٽون ڪيون ويون، انهن ۾ ڪا بہ خرابي نہ نڪتي، نہ ان کي زهر ڏنو ويو هيو، نہ ان جي جسم تي تشدد جا نشان هيا، پر لڳي رهيو هيو تہ اهو شخص مري رهيو آهي، اهو چار ڏينهن عذاب ۽ پيڙا ۾ مبتلا رهيو ۽ پنجين ڏينهن گذاري ويو.(13)

2004ع ۾ آسٽريليا جي اصلوڪن حڪومت جي پاليسين خلاف احتجاج ڪندي ان وقت جي وزيراعظم جان هاورڊ ڏانهن اهڙو ئي نوڪدار هڏو سڌو ڪري بددعا ڏني هئي، پر جان هاورڊ تي ڪو اثر نہ ٿيو. اهو جيئرو رهيو ۽ 2007ع ۾ وري اليڪشن کٽي ويو.

هڪ تحقيق موجب نوڪدار هڏي واري بددعا جي اثر کان اڄ ڏينهن تائين ڪو بہ آسٽريليا جو اصلوڪو بچي نہ سگهيو آهي، اهو هڏو جنهن ڏانهن بہ سڌو ڪيو ويو آهي تہ ان جو موت واقع ٿيو آهي.(14) ان جو سبب عقيدو ۽ اعتبار آهي. جڏهن ڪنهن کي يقين آهي تہ ڪا شيءِ ڪيس نقصان پهچائيندي تہ ان جي اهڙي يقين جا جسم تي ڪيميائي اثر آهن. اهو انسان جو ناٽتائي (Nocebous) ردعمل آهي.

References:


Barret . Stephen (December 27 , 2009)

"Some thoughts about faith healing"

Quack watch (PDF).

Cannon walter.

"Voodoo death".

p-169-181.

Kim . Timothy.

"voodoo death is brains lethal response to fear".

(PDF).

Richter . C.P (1957).

"on the phenomenon of sudden death in animals and men".

Psychosom Med.19:191-98.

Lester David.

"voodoo death: some new thoughts on an old phenomenon".

p-386-90.

Faraone . Christopher A.

"The defensive use of voodoo dolls in ancient Greece".

Classical antiquity. 10(2):165-202.

Sternberg , Esther.

"Walter B cannon and voodoo death. A perspective from 60 years on".

p-1564-66.

Meador , CK

"Hex death : voodoo magic or persuation"?

south Med J.85:244-47.

Hofer M.A (1970)

"Cardiac respiratory functions during sudden prolonged immobility in wild rodents".

Psychosom. Med. 32:633-47.

Ben Best (2004)

"The amygdala and the emotions".

(PDF). Retrieved 15 March 2007.

Yeates, Lindsay B (2016).

"Hypnotism , Suggestions. Ego strengthening and autosuggestions".

Australian journal of clinical hypnotherapy & hypnosis.38(1):28-54.

Baldwin spencer. FJ Gillen

"Native tribes of central Australia"

Cambridge university press.2010.p-476-77.

"Scared to death : self willed death or the bone – pointing syndrome".

Biology online 4 September 2007.

"Aborigenes put curse on Australian PM".

European network for indigenous Australian rights: News Sydney.einar.org 20.April-2004.

## پورائي ۽ ناٽتا

**(Gullibity and Nocebo)**

پورائي سماجي طور فهم (Intelligence) جي گهٽائي آهي، جنهن ۾ فرد آسانيءَ سان ٺڳجي وڃي ٿو. اها ناداني (Credulity) کان ٿوري مختلف آهي، جنهن ۾ فرد ڪنهن جي چوڻ ۾ اچي ڄار ۾ ڦاسي پوي ٿو.[1]

معاشري ۾ جيڪي پورائيءَ جو شڪار ٿين ٿا انهن ۾، ٻار، پوڙها ۽ اپاهج شامل آهن. پورائي ۽ ناداني ۾ گهڻو فرق نہ آهي، پورائيءَ ڪري ڪنهن کي بيوقوف بنائي ٺڳي سگهجي ٿو ۽ ناداني ڪري ڪنهن جي شڪ (Skepticism) کي دور ڪري ڪيس عقيدي ۾ جڪڙي سگهجي ٿو.[2]

مشهور ڪهاڻي آهي تہ ڪو شخص ڇيلو ڪلهن تي رکي ڳوٺ کان ان نيت سان نڪتو تہ شهر وڃي ان کي وڪڻي اچان، ان رستي ويندڙ شخص کي ڏسي ڇئن ٺڳن سوچيو تہ ڪيس ڪيئن ٺڳجي؟

جڏهن اهو شخص ڇيلو ڪلهن تي رکي وڃي رهيو هيو تہ هڪ ٺڳ ان اڳيان اچي ڪيس چيو "ڀائو ڪتو ڪلهن تي رکي ڪيڏانهن پيو وڃين؟"

اهڙو سوال ٻڌي اهو شخص حيران ٿي ويو ۽ جواب ڏنائين "ميان اکين جو علاج ڪراءِ، هيءَ ڪتو نہ ڇيلو آهي، وڃان ٿو شهر جيئن وڪڻي اچان."

ڳالهہ ٻڌي ٺڳ وراڻيو "ادا آهي تہ ڪتو، باقي جيئن تون سمجهين؟"

ائين چئي اهو هليو ويو. شخص ڇيلو ڪلهن تي رکي ٿورو اڳتي هليو تہ ٻيو ٺڳ سندس سامهون آيو ۽ چيائين "ادا، ڪتو ڪلهن تي رکي ڪيڏانهن پيو وڃين؟"

ٺڳ جي ڳالهہ ٻڌي اهو شخص ٿورو سوچ ۾ پئجي ويو ۽ منهن ورائي ڇيلي کي ڏٺائين تہ متان واقعي ئي ڪتو تہ نہ آهي ۽ پوءِ جواب ڏنائين "ميان ڪڏهن ڪتو ڏٺو ٿي يا نہ؟ هيءَ ڇيلو آهي ڪتو نہ."

ٺڳ رستو ڏيندي ڪيس چيو "آهي تہ ڪتو، اڳتي جيئن سمجهين."

اهو شخص اڳتي هليو ويو تہ سندس سامهون ٽيون نڳ آيو ۽ ايندي شرط چيائين "ادا ڪتو ڪلهن تي رکي ڪيڏانهن پيو وڃين؟"

ان ٽئين نڳ جي ڳالهہ ٻڌي اهو شخص سوچ ۾ پئجي ويو تہ آخر سڀ ڪوڙ ڇو ڳالهائيندا آهي تہ ڇيلو پر متان ڪتو نہ هجي. اهو سوچي پريشانيءَ مان جواب ڏنائين "ڀائو اهو ڪتو نہ ڇيلو آهي، وڃان ٿو وڪڻڻ"

نڳ ويندي ڪيس ٽوڪ ڪئي "ملڪ ڪتن سان پريو پيو آهي ۽ تون هليو آهين ڪتو وڪڻڻ"

اهو شخص اهڙيون ڳالهيون ٻڌي دل هاري وينو، اهو سوچيندي اڳتي وڌڻ لڳو تہ آخر ڪهڙي ڳالهہ آهي جو ڇيلو سڀني کي ڪتو ٿو نظر اچي، ضرور ڪا ڳالهہ آهي، دنيا جو مٽو تہ خراب نہ ٿيو آهي، جو هرڪو ڪيس ڇيلي کي ڪتو چوندا؟ اهو ضرور ڪتو آهي جيڪو هن ڳوٺ کان پل ۾ ڇيلو سمجهي ڪلهن تي کنيو آهي. ائين سوچي ئي رهيو هيو تہ چوٿون نڳ سندس سامهون اچي بيٺو ۽ چيائين "ڀائو خير تہ آهي. ڪتو ڪلهن تي کڻي ڳوٺ کان نڪتو آهين؟"

چوٿين نڳ جي ڳالهہ ٻڌڻ شرط هن ڇيلو کڻي هيٺ اڇلايو ۽ اهو چوندي ڳوٺ واپس موٽيو تہ "برابر سچ ٿو چوين، اهو ڪتو ڪلهن تي رکي شهر ۾ وڪڻان ها تہ ماڻهو چريو چريو ڪن ها."

ڇيلو اتي ڇڏي جڏهن اهو شخص ڳوٺ روانو ٿيو تہ پويان چار نڳ ڇيلو کڻي شهر روانا ٿيا

اها ڀورائي (Gullibility) آهي. اهو تہ هڪ ڇيلو هيو پر ڀورائيءَ ڪري اسان جا پئي جهان نڳجي وڃن ٿا. جيڪڏهن گهري نظر سان ڏسبو تہ ڪو بہ انسان سڌي يا اڻ سڌي طرح لاشعوري ڀورائپ جو شڪار آهي. جيڪڏهن ناداني (Credulity) کي ان سان ملائبو تہ سمجهہ ۾ ايندو. عقيدي جي ڪوڙين ۽ غير ضروري تشريحن ماڻهن جي مت منجهائي آهي. ناٽتائي (Noceibous) روين ڪري اسان ڪڏهن سچيءَ دل سان خدا کي تسليم ئي نہ ڪيو آهي.

لاشعوري ناٽتا (Unconscious nocebo) عقيدي ۽ ايمان جي مختلف وضاحتن تي مدار رکي ٿي. انسان سمجهہ جي حد آڌار معاشرتي تشريحن متعلق فيصلا ڪري من ۾ سانڊي ٿو. هو پنهنجي سمجهہ، تعليم، ترتيب ۽ ماحول مطابق انهن تشريحن مان ڪنهن هڪ کي برحق چئي پوئواري ڪري ٿو.

چوندا آهن "ڪن لاءِ واڳڻ وائي تہ ڪن لاءِ بصر بادي" ائين ئي آهي، ڪن وٽ ناٽتا آٽتا ٿي پوي ٿي ۽ ڪن وٽ آٽتا ناٽتا ٿي پوي ٿي.

انسان جو من چاڻيءَ جيان آهي، چاڻيءَ جي سوراخن مان سوچون ڇڻن ٿيون، اهو سوراخن جي ويڪر تي منحصر آهي، اسان جا رويا لاشعوري ناٽتا جي ترجماني ڪن ٿا. نہ ڪنهن سچيءَ دل سان خدا کي قبوليو آهي، نہ ڪنهن انسان کي، نہ ڪنهن فطرت، ماحول ۽ ڌرتيءَ کي، سئيءَ جي ڇهنب تي سوين سوچون رقص ڪن ٿيون. ذاتي فڪر اجتماعي سوچ ۾ ڦيرائڻ لاءِ زور آزمائي ڪئي وڃي ٿي. ذاتي فڪر ڏيڍ سِرَ جو هوائي محل آهي جنهن ۾ خيالي ڇوڪارو ٻانهون کولي آڌرڀاءُ ڪري ٿو.

سياڻپ جي خوش فهميءَ کان وڏيڪ ڇريائپ آهي ئي ڪونہ. سياڻپ جي انتها ڇريائپ آهي، ڏاهپ منزل جي آسانيءَ لاءِ ننڍا رستا (Short cuts) ڳولهي ٿي. ڪو سريع الاعتقاد شخص مرشد جي چوڻ تي اکيون ٻوٽي سڌي رستي تي هليو پئي، اڳيان کوھ هيو ان ۾ ڪري پيو. شڪائپ (Skepticism) ۾ اها گنجائش پيدا ڪري سگهجي ٿي تہ ضروري نہ آهي تہ سڌي رستي تي هلجي. سڌي رستي تي اکيون کولي هلڻ گهرجي جيڪڏهن اڳيان کوھ آهي تہ ان کان پاسو ڪجي.

ڪنهن جو دماغ صاف ڪرڻو هجي تہ ان جا شڪ دور ڪيو. عقيدو دماغ جي پريل پيٽ ۾ ائين پيل هوندو آهي جو شڪ جي گنجائش نہ هوندي آهي. ناٽتائي سوچ ۾ شڪ، پڪ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. سچ لعنت ملامت سان اهڙي انداز ۾ بيان ڪيو جو سچ منهن لڪائي ملڪ ڇڏي ڀڄي وڃي. ڪوڙ جي تشريح ائين ڪيو جو، ڪوڙ ڪنن کي هٿ هڻي توبا تائب ٿئي. انسان جي ڪيمسٽريءَ جا فارمولا مڪمل نہ ٿيا آهن، اندر جي تجربيگاھ ۾ جاري تحقيق پنهنجي پڄاڻيءَ تي نہ پهتي آهي. معاشرتي ردعمل تي هارمونز ۽ اينزائيمز هر هر ٻاهر نڪري پيا انسان کي ناهين ۽ ڊاهين.

ادراڪ (Perception) هر اک ۾ الڳ آهي، اهو ئي سبب آهي جو انسان ورهايل آهي. دنيا مذهبي ۽ سياسي نظرين ۾ ورهايل آهي. مذهب فرقن ۾ ورهايل آهي. نظريا مختلف فڪرن ۾ ورهائجي مونجهاري جو سبب بڻيل آهن.

دماغ جي قبولڻ جي سگهہ مختلف (Variable) آهي. ان جو مدار وراثتي خاصيت (Heredity) تي پڻ آهي، ٻار اڳهاڙو نہ ڄمندو آهي. چو جو چمڙي خدا جو ڏنل وڳو آهي. ان وڳي ۾ جسم اهڙي دستاويز جيان ويڙهيل آهي جنهن دستاويز ۾ انسان جو ڪردار لکيل آهي. ان ۾ حياتي، رويو، بيماري، موت ۽ سڀ درج ٿيل آهي. تعليم، تربيت ۽ ماحول جو ان تي اثر آهي پر سڀ ساهوارا جين (Gene) جا غلام آهن، جين کي پنهنجي خواهش موجب موڙي سگهجي ٿو، ان لاءِ لکين سالن

جو عرصو درڪار ٿيندو. ان عرصي دوران ڪوڙ ۾ سچ جي ارتقا ڪهڙو رخ اختيار ڪندي ڪنهن کي خبر نہ آهي. ٿي سگهي ٿو سونهن (Aesthetic) جا معيار بدلجي پون.

ڪوجها سهڻا ٿي پون ۽ وقت جا سهڻا ڪوجها ٿي پون، جين کي مصنوعي رخ ڏئي سگهجي ٿو پر اهو غير فطري هوندو. جنس جي چونڊ (Sexual Selection) پاڻ مرحلا طي ڪري ٿي ۽ وٽڻ جي معيار مطابق سونهن جي چونڊ ڪري ٿي.[4]

گلاب سنگهڻ سان ڪنهن کي ڇڪ (نڇ) اچي تہ ڇا ٿو چئي سگهجي، مصنوعي گلن مان خوشبوءِ اچي سگهي ٿي، نفسيات نفس تي لاڳو آهي پر صلاحيت (Ability) جي بہ حيثيت آهي. ڪمزور ارادن وارو نفسياتي مونجهارن جو شڪار ٿئي ٿو. جڏهن تہ صلاحيتن سان مونجهارن کي قابو ڪري سگهجي ٿو. ماڻهو جتي بہ همت هاري ويهي ٿو اتي نفسياتي مونجهارا غالب اچي وڃن ٿا. ان حد تائين جو هر نفسياتي بيماري اندر ۾ موجود آهي. اهو ماڻهوءَ جي مزاحمتي سرشتي تي منحصر آهي تہ ڪيتري حد تائين مقابلي جي سگهہ رکي ٿو.

پورائيءَ ۾ ماڻهو هڪدم آڻ مڃي ٿو. ان جو پاڻ ۾ اعتماد نہ آهي. ڪڏهن سياڻو پاڻ پورائپ جو شڪار ٿئي ٿو. منهنجو هر هفتي ڪراچيءَ ڪان ميرپورخاص اچڻ وڃڻ ٿيندو آهي، اتي هڪ ميڊيڪل ڪاليج ۾ استاد آهيان، شهر ميڊيڪل ڪاليج ڪان ٽي ڪلوميٽر پري آهي. ويران هنڌ تي هجڻ ڪري واپرائڻ جون شيون مڪمل طور مهيا نہ آهن، ڪراچيءَ ڪان سبزيون ۽ ڦل وٺي ويندو آهيان. هڪ دفعي عمرڪوٽ واري بس ۾ سوار ٿيس تہ ميرپورخاص وٽ لهي ويندس. بس باگڙين سان ڀريل هئي. ڪجهہ لکيل پڙهيل ۽ سفيد پوش بہ سوار هيا پر اڪثريت غريب غربي جي هئي. مون وٽ سبزين سان ڀريل ٿيلهي هئي. مون اها ٿيلهي سيٽ جي سامهون مٿي ريڪ تي رکي جيئن نظرداريءَ هيٺ هجي. مون هڪ بہ دفعو مٿي نهاريو تہ اها پنهنجيءَ جاءِ تي نظر آئي. جڏهن منزل تي پهتس تہ ٿيلهي ڪٽي هيٺ لٿس. ڪمري ۾ وڃي جيئن ٿيلهي کوليم تہ ان مان ننڍي ٻار جا ڪپڙا، ٽي ٻيءَ جون دوائون ۽ بہ رانديڪا نڪتا. حيران ٿي ويس تہ اهو ڪيئن ٿيو؟ پوءِ سوچيم بس ۾ ويهڻ وقت ڪنهن باگڙيءَ اندازو لڳايو تہ لکيل پڙهيل امير شخص آهي ضرور ٿيلهيءَ ۾ ڪا قيمتي شيءِ هوندي، ان ٻار جو سامان وجهي صفا منهنجي ٿيلهيءَ جهڙي ٿيلهي ڳاهي اتي رکي منهنجي ٿيلهي ڪٽي ويو. ان چالاڪي تہ چڱي ڪئي پر بہ ٺڳو ڦاٿو، جڏهن ان مون وار ٿيلهي کولي هوندي تہ سبزي ڏسي ضرور پڇتايو هوندو. مون کي اهو سوچي ڏک ٿيو تہ ٻار جا ڪپڙا،

رانديڪا ۽ ٽي بيءَ جي دوائن ڪان سواءِ انهن کي ڪيڏي تڪليف آئي هوندي. ان سياٽپ ڪئي پر يورائپ جو شڪار ٿي ويو.

ائين سياڻو ڪانءُ به ٻه ٽنگو ڦاسندو آهي.

ڪنهن ڪانءُ جو مشهور قصو آهي ته ان ماني ٽڪر لڌو ۽ وڻ تي ويهي کائڻ لڳو. هڪ گدڙ جي نظر پئي ۽ گدڙ جي دل ۾ خيال آيو ته اهو ماني ٽڪر ڪانءُ کان ڪيئن حاصل ڪيان؟ اهو سوچي وڻ هيٺان آيو ۽ اچڻ شرط مٺي منهن ڪري ڪانءُ جي تعريف شروع ڪئي.

”واهه ڪانءُ چا ته تنهنجو رنگ آهي، سج جي روشنيءَ ۾ تنهنجا کنڀ ڪيئن ته چمڪي سهڻا ٿا لڳن.“

ڪانءُ تعريف ٻڌي خوش ٿيو ۽ مور جيان نٽڻ لڳو.

گدڙ وري چيس ”تنهنجون اکيون موتين جيان صاف ۽ شفاف آهن.“

ڪانءُ کي گدڙ جي ڳالهه تي فخر محسوس ٿيو. گدڙ ڏٺو ته سندس لفظن جو جادو ڪم ڪري رهيو آهي.

”او سهڻا ڪانءُ.“ گدڙ وري چيو ”گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن تنهنجي بولي نه ٻڌي آهي، ٻول ته تنهنجو مٺڙو آواز ٻڌي ڪن ٺرن.“

ڪانءُ گدڙ جي چوڻ ۾ اچي ويو ۽ ڪان ڪان ڪرڻ لئي جيئن چهنب کوليائين ته ماني ٽڪر وات مان ڇڏائجي هيٺ اچي ڪريس. گدڙ نه ڪئي هَم نه تَم، ماني ٽڪر وات ۾ وجهي کائي ويو.(٤)

عام شخص ڪانءُ جيئن پورو آهي ۽ هڪ استحصالي گدڙ جيئن مڪار، ڏاهپ جا دعويدار به مبلغ جي پرچار تي منزل جو رخ مٽائين ٿا.

جيئن ته ناٽتا لاشعوري عمل آهي جيڪو شعور تي اثر انداز ٿئي ٿو، ماڻهو بظاهر پر اعتماد آهي پر انڪري پورو آهي جو ڪيس پورائيءَ ڪري انڌو اعتقاد اهڙو اعتماد ڏئي ٿو. اهو حق کي ناحق ۽ ناحق کي حق سمجهي ٿو. استحصالي طبقو مذهب جي سهاري ٻئي دنيا جي سٺيي ٽڪر ۾ هن دنيا جو اٽيو ٽڪر به کسي وني ٿو.

نظرياتي جنگ ناٽتائي جنگ آهي. جيڪي نظريا هڪ وٽ قابل قبول آهن، اهي ٻئي وٽ ناقابل قبول آهن. اهو اندر جو ناٽتائي ردعمل آهي، انسان ورهايل آهي، ڌرتيءَ جو وجود نقشن جي لڪيرن سان چيريل آهي.

جيڪڏهن مذهبي حوالي سان ڏسبو ته انسان جي ابتدا پورائيءَ سان ٿي آهي. ادم حوا جي چوڻ ۾ اچي ڪڻڪ کاڌي، آدم

پورو هيو.[٨] اهو شيطان معرفت حوا هٿان ورغلايو ويو آدم جي پورائي انسان ۾ مورثي موجود آهي. اهو اڄ بہ هڪ ملان جي چوڻ تي روشن خيال شخص کي قتل ڪري ٿو. هڪ مذهبي انتهاپسند ڳالهين ۾ اچي بم ٻڌي ڌماڪو ڪري ٿو، ڇو جو ڪيس ٻڌايل آهي تہ مرڻ ڪانپوءِ جنت جي در تي سندس حورون استقبال ڪنديون. ڌرتيءَ تي ڪو ڪانءُ آهي ۽ ڪو گدڙ. ڪانءُ لڙ مچائين ٿا. گدڙ اونائين ٿا. ڪيترائي گدڙن هٿان پورائپ جي ور چڙهي گمراهہ ٿين ٿا.

ناٽتائي اثر ڪري انسان، انسان کي قبول نہ ڪيو آهي، ڪفر جي فتوا سيني کي ڪافر قرار ڏنو آهي. انقلاب ترقي ڪري الميي مان ايري مزاح جو روپ ڌاري مذاق تي پيو آهي. سچ پويان سئو سِرَ قربان ٿي وڃن ٿا، ڪهڙو سچ؟ اهو سچ جيڪو سياڻي افسوس مان هٿ مهٽي ڪوڙ ٿي پوندو. ڌرتيءَ تي انسان کان وڌيڪ جانور آزاد آهن، ڇو جو جانور اجتماعي ڏڻ ۾ هوندي نظرين ۽ عقيدن جي پرچارڪان پري آهن. جانور دنيا جي عظيم قوم هجن ها، جيڪڏهن انسانن جي تسلط کان آزاد هجن ها.

فطرت انسان کي بي وس ۽ ڪمزور تراشيو آهي، ارتقائي موافقت (Adaptation) آهي ئي انڪري تہ انسان پنهنجيون ڪمزوريون دور ڪري سگهي. اهو پناهہ جي ڳولها ۾ رنگ بدلائي (Camouflage) ماحول سان مطابقت ڪري ٿو.[٩] ماحول جي تبديلي ساهواري اندر ناٽتائي ردعمل هيٺ ارتقائي منزلون طي ڪري ٿي. هر انسان پورائيءَ جي حدن ۾ جيئي ٿو، انڪري ماحول جي هر تبديلي قبول ڪري آن جهڙو ٿي پوي ٿو. بہ مورثا (Allele) هڪ ورغلايل آدم جو آهي ۽ ٻيو ورغلائيندڙ حوا جو آهي. انهن جي ميلاپ مان پيدا ٿيندڙ ڪروموسمز جسم جي جوڙجڪ ڪن ٿا. انڪري ورغلايل ۽ ورغلائيندڙ ٻئي اسان جي وجود جا حصا آهن.

سنڌ جو مشهور لوڪ داستان "ليلا چنيسر" جنهن ۾ ليلا ڪونئروءَ جي چوڻ ۾ اچي هڪ هار عيوض چنيسر کي ڪونئروءَ حوالي ڪري ٿي. ان پورائپ ڪري هار پويان لعل وڃايو.

انسان بہ ائين عملي دنيا ۾ نڳجي وڃي ٿو جنت جي آسري دنيا کي دوزخ بنائي ٿو. ابوجهائپ ڪري ناٽتا جي زيراثر ٻئي دنيا جي آسري هن دنيا کي پنهنجو ڪرڻ کان ڪيٻائي ٿو. ان کي خبر نہ آهي تہ چئن ڏينهن جي زندگي ڪيڏي اهميت رکي ٿي. هڪ پوپٽ کان پڇو، جنهن جي زندگيءَ جا چار ڏينهن انسان جي عمر کان املهہ آهن.

ڪو ڪوتاهي ڪندو آهي تہ سنڌيءَ ۾ ان کي بادشاهہ چوندا آهن.

"هيءَ ڇا ڪري ڇڏيئي؟ يار صفا ڪو بادشاهہ آهين."

بادشاهن جي پوررائيءَ جا قصا مشهور آهن، پر هتي ان بادشاهہ جو قصو ٿو ٻڌايان جنهن سان جڻ ٿي.

ڪو بادشاهہ نت نيون پوشاڪون پائڻ جو شوقين هيو. ان وٽ ٻہ ٺگ آيا ۽ عرض ڪيائون "اسين نانگاليند جا رهاڪو آهيون، اتي آهن تہ سڀ نانگا پر انهن جون پوشاڪون مشهور آهن، اوهان وٽ اها آس رکي آيا آهيون تہ اهڙي پوشاڪ ايجاد ڪيون، جنهن پوشاڪ ڪان دنيا جو ڪو بہ شخص فيضياب نہ ٿيو هجي."

بادشاهہ ڳالهہ ٻڌي خوش ٿيو ۽ چيائين

"پوشاڪ هتي ٺاهيندو يا گهران ٺاهي ڪٺي ايندءِ؟"

ٻنهي ٺگن هڪ آواز ۾ ڳالهائيندي چيو "حضور، هتي ٺاهينداسين، گهران ٺاهي ڪٺي ايندا سين تہ رستي ۾ ميري ٿي ويندي، ڇو جو نانگا ليند هتان ايڏو تہ پري آهي جيئن قميص جي هڪ ٻٽڻ کان ٻئي ٻٽڻ جو فاصلو"

بادشاهہ حيران ٿي ويو.

"اهو وري ڪهڙو فاصلو آهي؟" سوال ڪيائين.

"قيمتي ۽ ناياب قميصن جي ٻٽڻن جا فاصلا ڌرتيءَ ۽ آسمان جي وٿيءَ جيترا هوندا آهن. انڪري جو املهہ شين جو ڪو اگهہ نہ هوندو آهي انڪري ناياب شين جا فاصلا اڻ ڪٿ هوندا آهن."

بادشاهہ ڪليو ۽ خوش ٿي، کين اجازت ڏني تہ محل اندر ڪنڌ واري ڪمري ۾ ويهي ڪم ڪن. بادشاهہ اشرفين جي ٿيلهي انهن حوالي ڪئي ۽ آسرو ڏنو تہ باقي رقم پوشاڪ نهڻ کانپوءِ انعام طور ڏني ويندي. انهن ڪمري نما ڪارخاني ۾ ڪم شروع ڪيو ۽ ٻئي هوا ۾ هٿ هٽي پيا هيڏي هوڏي ڪندا هيا. ڪنهن کي ڪجهہ نظر نہ ايندو هيو تہ ڇا ٿا ٺاهين، ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ايندو هيو تہ ڇا ٿا ڪن؟ ڪو انهن کان پڇندو هيو تہ "ڇا ٿا ٺاهيو، ڇا ٿا ڪيو؟"

اهي جواب ڏيندا هيا "اهڙو شفاف ڪپڙو ٿا ٺاهيون جيڪو نظر نہ ايندو، اهو اهڙو فن آهي جنهن جو قدر عقل وارن کي هوندو، اکين وارن انڌن کي ڪجهہ نظر نہ ايندو."

بادشاهہ محل ۾ ويهي حال احوال ٻڌندو هيو تہ "ناگاليند جا ڪاريگر هن لاءِ ڪا خاص پوشاڪ پيا ٺاهين، جيڪا ڏاهن کي ڏسڻ ۾ ايندي. باقي اکين وارا انڌا ان ڪان محروم هوندا."

نيٺ وقت آيو ۽ پوشاڪ نهي تيار ٿي، اها ڪٺي محل ۾ پهتا ۽ بادشاهہ سلامت کي عرض ڪيائون "حضور اهڙي نرم ۽ شفاف

پوشاڪ تيار ڪئي آهي جو پائڻ ڪانپوءِ سڀ تعريف ڪندا.“

شهر ۾ اعلان ڪيو ويو تہ اچر ڏينهن عبادت ڪان اڳ بادشاهہ سلامت نانگاليند جي عظيم ڪاريگرن پاران تيار ڪيل پوشاڪ پائي، گهوڙي تي چڙهي هڪ جلوس جي صورت ۾ قوم کي ديدار ڪرائيندو.

آچر جو ڏينهن آيو تہ گرجا جو گهنڊ وڄايو ويو ۽ نڳن بادشاهہ کي ننگو ڪري هٿن جي اشارن سان نظر نہ ايندڙ پوشاڪ پارائي گهوڙي تي ويهاري شهر جو گشت ڪرايو تہ ”واهہ، واهہ“ ٿي وئي.

سيني کي خبر هئي تہ بادشاهہ کي انتهائي نفيس ۽ شفاف لباس پارايو ويو آهي، جيڪو نانگا ليند جي مشهور ڪاريگرن تيار ڪيو آهي. بادشاهہ نانگو هوندي بہ مطمئن هيو تہ ڪيس قيمتي لباس پاتل آهي ۽ رايا ان خوشفهميءَ ۾ هئي تہ نانگاليند جا معتبر ڪاريگر ايڏا ڪوڙا نہ ٿا ٿي سگهن.

شهر ۾ بادشاهہ جي پوشاڪ جي نفاست ۽ ڪاريگريءَ جي تعريف ٿيڻ لڳي، سيني تاڙيون وڄائي بادشاهہ جو استقبال ڪيو. نڳ دل ۾ ڪڇيون هڻڻ لڳا تہ واهہ جو تير نشاني تي لڳو آهي. انهن تہ لباس ناهيو ئي ڪين هيو، بس ڪاريگري ڏيکارڻ لاءِ ڪارخاني ۾ ويهي هوا ۾ هٿ پئي هلايا. هتي تہ بادشاهہ ۽ قوم، ٻنهي جو منهن اڇو لڳو پيو آهي، نڳ ائين سوچي ئي رهيا هيا تہ ماءُ جي هنج ۾ ڪنيل هڪڙي ننڍڙي ناسمجهہ ٻار چيو ”امان بادشاهہ تہ اگهاڙو آهي.“

ماءُ ڌڪ ڏئي ٻار کي ماٺ ڪرائي ”بس ڪر اڳوني جيترا، توکي ڪهڙي خبر تہ بادشاهن جون پوشاڪون ڪيئن هونديون آهن.“[8]

تعريف کي داد جا زيور پارايا وڃن تہ اها وڌيڪ اثرانگيز ٿي پوندي آهي. اسم ڪان وڌيڪ صفت کي اهميت آهي. انسان پنهنجي ذات ۾ جذباتي آهي ۽ جذباتپڻو پورائپ آهي. جذباتي انسان جذباتي ڳالهہ ٻڌي متاثر ٿئي ٿو. قومون جذبات ۾ اچي بين وڄائيندڙ پويان ڪوئن جيان قطار ۾ هلي پاڻيءَ ۾ ٻڏنديون آهن.

دنيا کي گهري نظر سان هڪ ٻار ئي ڏسندو آهي ڇو جو ان جي مشاهدي ۾ هر شيءِ نئين هوندي آهي، عمر ۾ مشاهدي سان گهڻا رنگ ڦٽي وڃن ٿا.

دنيا انسان سان گڏ پيدا ٿئي ٿي، گڏ جوان ٿئي ٿي ۽ پوڙهي ٿي انسان گڏ دفن ٿئي ٿي. يوناني ڏند ڪٿا ۾ سيمسن جهڙي سورهہ کي ڊيلائلا جو عشق ئي ابوجهہ بنائي سگهي ٿو. سيمسن جنهن جي وارن جي چوٽيءَ ۾ سندس جسم جي لافاني سگهہ سمايل هئي، ان کي ڪو بہ زير ڪري نہ سگهيو، ڊيلائلا ڪيس عشق جي ڄار ۾ ڦاسائي اها

چوڻي ڪٽي وڏي تہ بي وس ٿي ويو، ڪيس اڪيون ڪڏي اندو ڪري قيد ڪيو ويو.[٧]

عشق سحر آهي جيڪو لڳي تہ رڻ رلائي ڇڏي، سهڻيءَ جو ڪچي گهڙي تي درياهہ پار ڪرڻ پورائيءَ جي حد آهي. دوکو عشق جي ناٽڪائي صورت آهي. لڳي دماغ تي ۽ دل ۾ محسوس ٿئي، اهو طبيعت جو ناٽڪائي ردعمل آهي. سهڻيءَ سان گهڙي دغا نہ ڪئي، دغا عشق ڪئي، سيمسن اندو نہ ٿئي ها جيڪڏهن ڊيلائلا دوکو نہ ڪري ها.

ٻہ ٻلا جيڪي پاڻ ۾ يار هيا، انهن پنير ٽڪر لڌو ۽ اچي وڙهيا، هڪ چئي "مان ڪائيندس" ٻيو چئي "نہ مان ڪائيندس." هڪ ٻئي کي چنبا هڻي، رهندون پائي ڳاڙهو ڪيائون، سامت ۾ آيا تہ صلاح ڪيائون "چو نہ ٻولي وٽ هلون، جنهن وٽ تارازي آهي، ان کان تورائي اڌ اڌ ڪري هڪ جيترو ڪائون."

اهو سوچي پنير کڻي ٻولي وٽ پهتا. ٻولو تارازي کڻي آيو. پنير کي ٻہ اڌ ڪري هڪ اڌ هڪ پڙ ۾ وڌائين، ٻيو ٻئي پڙ ۾ وڌائين. هڪ پڙ هيٺ ٿي ويو ۽ ٻيو پڙ مٿي. جيڪو پڙ هيٺ ٿي ويو ان مان پنير ٽڪر ڪڍي ڪائي ويو ۽ چيائين تہ "جيئن وزن برابر ٿئي." پر وري ٻئي پاسي وارو پڙ هيٺ ٿي ويو ۽ جنهن مان مائو ڪاڌائين اهو پڙ مٿي ٿي ويو. وري ان مان ذرو ڪڍي ڪاڌائين تہ جيئن وزن برابر ٿئي.

ائين ويو ٻنهي پاسن کان پنير ڪائيندو ۽ نيٺ پنير ڪائجي ختم ٿي ويو پر وزن ڪڏهن برابر نہ ٿيو. ٻئي ٻلا هڪ ٻئي جو منهن ڏسي چپ ڪري ويهي رهيا ۽ ٻنهي ٻلن کي ٻورو بنائي ٻولو تارازي چنبدي هليو ويو.

سڀ انصاف ڪندڙ جي حوالي ٿي وڃي ٿو ۽ اسين ٻلن جيان وڙهندا رهون ٿا. ظلم انصاف جي پيداوار آهي ۽ انصاف مفادن جو لڪيل اهڙو دستاويز آهي جيڪو منصف کي فائدو ڏئي ٿو. تاريخ ۾ انصاف سيهي (Lead) جي ڌاتوءَ جيئن رهيو آهي. رجائي ڪنهن بہ قالب ۾ وجهو، ان جهڙو ٿي پوندو. ان جي ضرورت آهر وصف ناهي تسلط جو هٿيار بنايو ويو آهي.

ٻولو هر وقت جو منصف آهي جنهن جي تارازيءَ جا پڙ ڪڏهن بہ متوازن نہ ٿيا آهن. عام رواجي رويا اهڙي عمل جو ناٽڪائي ردعمل آهن. نفرت ڪينو، آدم بيزاري ۽ بغاوت اتان ئي جنم وٺن ٿا.

"پنهوڪيو" جيڪا اٽليءَ جي لوڪ ڪهاڻي آهي، ان ۾ جيپٽو نالي هڪ واڍي ڪنيل وڻ جو ٽڙ لڌو ۽ اهو سوچي گهر کڻي آيو تہ ان مان هڪ پتلي ناهي تماشو ڏيکاريندو ۽ پئسا ڪمائي گذر سفر ڪندو. جيپٽو تمام غريب شخص هيو ۽ ڪيس اولاد نہ هئي.

جپيٽو ڪاٺ مان هڪ پتلي ٺاهي. جڏهن پتليءَ جا پير گهڙي رهيو هيو ته پتليءَ کيس لت وهائي ڪڍي ۽ پري وڃي ڪريو. جپيٽو محسوس ڪيو ته اها پتلي جيئري آهي ۽ ڳالهائي سگهي ٿي. جپيٽو خوش ٿيو ته جنهن اولاد جي خواهش هئي اها پوري ٿي. ان پتليءَ کي پنهو ڪيو جو نانءُ ڏنو ۽ سوچيائين ته ڇو نه ان کي ڪنهن اسڪول ۾ داخل ڪرايان. جپيٽو وٽ ايترا پئسا نه هيا جو اهو پنهوڪيو لاءِ ڪتاب وٺي سگهي. ان پنهنجو ڪوٽ وڪڻي پنهوڪيو کي پئسا ڏنا ته ڪتاب وٺي اسڪول وڃي.

پنهوڪيو جڏهن پئسا وٺي ڪتاب وٺڻ پئي ويو ته هڪ هنڌ سرڪس لڳل هئي. ان ۾ مختلف تماشا ڏيکاريا پئي ويا. هو سرڪس جي در وٽ بيٺو هيو ته جوڪر کيس ورغلايو ۽ چيو ته "هو ٽڪيٽ وٺي سرڪس ڏسي، اندر ڏاڍو مزو آهي." پنهوڪيو يورائيپ ڪري ان جي ڳالهين ۾ اچي ويو ۽ ٽڪيٽ وٺي اندر ويو. اتي پتلين جو تماشو ٿي رهيو هيو. هن پاڻ جهڙين پتلين کي نچندي ڏٺو ته حيران ٿي ويو. پتليون نچائيندڙ جي نظر جڏهن پنهوڪيو تي پئي ته کيس عجب ٿيو ڇو جو پنهوڪيو هڪ ڳالهائيندڙ پتلي هيو. ان پنهوڪيو کي پڪڙي اهو سوچي قيد ڪيو ته کيس تماشي ۾ نچائي وڏيڪ پئسا ڪمائيندو.

پهوڪيو قيد ۾ بند هيو ته هڪ پري نروار ٿي ۽ ان کيس آزاد ڪرائي پئسا ڏنا ته هو ڪتاب وٺي اسڪول وڃي. اهو جڏهن پئسا کڻي ڪتاب وٺڻ وڃي رهيو هيو ته رستي ۾ هڪ گدڙ مليو. گدڙ پڇيس "اڙي سهڻا ڇوڪر تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟"

هن چيو "ته پئسا کڻي ڪتاب وٺڻ ٿو وڃان جيئن اسڪول ۾ پڙهي سگهان." اها ڳالهه ٻڌي گدڙ چيو "تنهنجي عمر پڙهڻ جي نه پر کيڏڻ ۽ کائڻ جي آهي. ڪتاب پڙهي ڇا ڪندين! مونکي پئسا ڏي ته توکي اهڙي بيٽ جي ٽڪيٽ ٿو ڏيان جتي مزو ئي مزو آهي. چاڪليٽ، ٽافيون، مزيدار کاڌا، جهولا ۽ باغ آهن. تون ٽڪيٽ وٺي بيڙيءَ ۾ سوار ٿي ۽ جلدي اوڏانهن هليو وڃ."

پنهوڪيو ان جي ڳالهين ۾ اچي ويو ۽ پئسا ڏئي ٽڪيٽ وٺي سمنڊ ڪناري بيڙيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳو پر اتي ڪا به بيڙي نه آئي ۽ هو روئڻ لڳو.

ايتري ۾ ساڳي پري ظاهر ٿي ۽ پنهوڪيو کان پڇيائين "هن پئسا ڪاڏي ڪيا؟" پنهوڪيو ڪوڙ ڳالهايو ۽ چيو ته "اهي ڪِري پيا."

هن جيئن ڪوڙ ڳالهايو ته سندس نڪ ڊگهو ٿي ويو. پري سمجهي وئي ته پنهوڪيو ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي، ان کيس نصيحت ڪئي ته "هو ڪوڙ ڪڏهن نه ڳالهائي نه ته سندس نڪ ڊگهو ٿي ويندو."

**"The sycophantic fox and the gullible Raven".**

(Fables for the frivolous) by Gay wetmore carryl.

**"Book of Genesis".**

Greenspan (2009) , pp-13-22.

Osorio , Daniel , cuthill , innes C.

**"camoufalge and perceptual organization in the animal kingdom".**

(PDF). Retrieved 25 oct: 2013.

Robbins , Hollis (2003).

**"The emperor's new critique"**

New literary history. 34(4). Retrieved March Ist -2013.

Mobley , Gregory (2006).

**"Samson and the liminal Hero in the Ancient near east".**

New York city and London : T&T clark.p-5-12.

Geoffrey brook-Transl:

**"Pinocchio"**

New York books-2008.

Yamagishi: Toshio , et al ( April 1999).

**"Trust , gullibility and social intelligence".**

(PDF). Asian journal of social psychology 2(1):145-161.

# انڌو اعتقاد ۽ ناٽتا

(Credulity and Nocebo)

اهڙو اعتماد جنهن ۾ معتقد کي ايمان آڻيندڙ شيء مثال، ايمان آڻڻ لئي ڪنهن به جاچ يا ثبوت جي ضرورت نہ پوي.[1]

ايمان سچو هجي يا ڪوڙو، ان جي ڪا اهميت نہ آهي، اهميت عقيدي کي آهي جنهن ۾ شڪائپ (Skepticism) جي گنجائش نہ هجي.[2]

شڪائپ عقيدن تي سواليا نشان آهي. اها نيڪي ۽ بديءَ جي ڪردار (Morlity) ۽ مذهبن جي خدا جي وجود کي بحث هيٺ آڻي ٿي. جاچ ۽ پڪ جي ڪا حد مقرر نہ ٿي ڪري. سچ ۽ ڪوڙ جي تفاوت کي نئين نظر سان ڏسڻ جي گنجائش پيدا ڪري سوچ جا رستا کولي ٿي.[3]

فلسفيانا شڪائپ (Philosophical skepticism) موجب عقل ۽ جاچ لاءِ عقيدو رڪاوٽ آهي. دنيا جو هر موضوع متضاد آهي ۽ ڪو بہ حتمي فيصلو يا حڪم قبول نہ ٿو ڪري سگهي. اسان کي فطرت متعلق پوري جاڻ نہ آهي ۽ گهڻن سوالن جا جواب اڌورا آهن. خدا تي سوچي سگهجي ٿو تہ آخر اهو وجود رکي ٿو يا نہ.[4]

مذهبي شڪائپ (Religious skepticism) موجب مذهب مباحثي کان پاڪ نہ آهي. ان ۾ شڪ جي گنجائش آهي تہ انسان کي جنت يا دوزخ حوالي ڪيو ويندو. ڪيس حورون ۽ باغ يا باهہ ۽ ٿوهر نصيب ٿيندو، قيامت ايندي ۽ انسان جيئرا ٿيندا.[5]

سائنسي شڪائپ (Scientific skepticism) ۾ عقيدي ۽ ايمان کي سائنسي طور پرکڻ جي ضرورت پوي ٿي. عقيدو ۽ ايمان سچا ٿي سگهن ٿا پر ان پويان تجربي ۽ ثبوت جو هجڻ ضروري آهي. اهو سائنسي طريقن سان جاچي سگهجي ٿو. انهن متعلق اهڙي جاڻ ضروري آهي جنهن ۾ مشاهداتي ثبوت (Empirical evidence) هجي يعني اهڙي جاڻ جيڪا حواس، مشاهدي ۽ تجربي سان حاصل ڪيل هجي.[6]

شڪائپ انڌي اعتقاد جو ضد آهي. شڪائپ ۾ تنقيد (Criticism) کي اهميت حاصل آهي ۽ اها حڪم يا فيصلي خلاف بغاوت آهي. شڪائپ (Skepticism) عيسا کان اڳ يونان ۾ ساڦسٽ فلاسافيءَ جي اسڪول آف ٿاٽ جو حصو رهي آهي.

گارجز (Gorgias) (485-380 BC) يوناني فلاسافر جيڪو سقراط

ڪان پهريون هيو ۽ ساڦسٽ هيو. اُن موجب ڪا بہ شيءِ وجود نہ ٿي رکي جيسين اسان کي ان متعلق ڄاڻ نہ آهي ۽ جيڪڏهن ڪا ڄاڻ رکون بہ ٿا تہ اها ڄاڻ ايستائين ڪارگر نہ آهي جيستائين اسان ان سان رابطي يا واسطي ۾ نہ هجون.[7]

هڪ ٻيو ساڦسٽ ڪراٽالس (Cratylus) جيڪو يوناني فلاسافر هيو ۽ سندس حياتيءَ جي مدي جي پڪ نہ آهي، شايد عيسا کان اڳ پنجين صديءَ وچ ڌاري هيو. اُن ڪان جڏهن عقل جي باري ۾ پڇيو ويندو هيو تہ آڱر کي نفيءَ ۾ لوڏيندو هيو ۽ ڳالهائيندو ڪجهہ بہ نہ هيو. جنهن جو مطلب هوندو هيو تہ وضاحت ممڪن نہ آهي ڇو جو معنائون وقت سان تبديل ٿين ٿيون.[8]

شڪائپ جا بہ مشهور اسڪول آف ٿاٽ آهن.

1. پرهو جي شڪائپ (Pyrrhonian skepticism)
2. اڪيڊمڪ شڪائپ (Academic skepticism)

پرهو (Pyrrho) (360-270 BC) يونان جي تاريخ ۾ مڃيل سڀ کان پهريون فلاسافر آهي. اهو ديمقراطس (Democritis) گوتم ٻڌ، پروٽاگورس ۽ سقراط کان متاثر هيو. ايپيڪيورس ۽ جاڳرتا جي ڏينهن جو فلسفي ڊيوڊ هيوم ۽ ٻيا ان کان متاثر هيا.[9]

پرهو جي فلسفي جو بنياد سَنڌِ (Acatalepsy) آهي، جنهن موجب جيئن تہ ڄاڻ جي حد مقرر نہ آهي، انڪري اهو ممڪن نہ آهي تہ شين کي سمجهي سگهجي. اهڙو فڪر اسٽيواڪ برخلاف آهي.[10] جنهن جو بنياد ٻُڌِ (Catalepsy) آهي. ان عقيدي جي باني زينوءَ موجب دنيا کي ائين قبول ڪرڻو آهي. جيڪو وقت وهي رهيو آهي اهو ئي سچ آهي ۽ زندگي حقيقت. بحث ۾ وقت وڃائڻ کان چڱو آهي تہ فطرت کي جيئن جو تيئن قبول ڪجي. مونجهارا ڏک جو سبب آهن. دنيا ۾ فرحت ماڻيو ۽ خوشي حاصل ڪيو. ٻئي دنيا آهي يا نہ؟ ڪنهن بہ شڪ کانسواءِ هن دنيا کي قبول ڪري دلي سڪون حاصل ڪريو.[11]

پرهو جي فلسفي جو بنياد سَنڌِ (Acatalepsy) جي وضاحت ائين ڪري سگهجي ٿي تہ معروض (Object) تجريد (Abstract) آهي ۽ تجريد پنهنجين علامتن سان هر دفعي نئين ڏيک ۾ ظاهر ٿئي ٿي. اهي علامتون وجود، حالتن، پيغامن ۽ ادراڪ تي پڻ لاڳو آهن.

اڪيڊمڪ شڪائپ جا باني بہ فلاسافر هيا.[12]

1. آرسيلس (Arcesilaus) (316-241 BC)
2. ڪارنيڊز (Carneades) (214-129 BC)

اهي ٻئي افلاطون جي قائم ڪيل اڪيڊميءَ جا سربراهہ هيا.

انهن جي فڪر موجب ڄاڻ مڪمل نہ آهي انڪري حاصل ٿيل ڄاڻ اڌوري آهي ۽ اها ڪڏهن مڪمل ٿيڻي نہ آهي. سندن چوڻ هيو تہ عقيدا نافذ نہ ڪيا وڃن جيئن ملڪ سڪون ۾ هجي.

پوري (Gullible) ۽ نادان (Credulous) ۾ فرق اهو بہ آهي تہ: پورا آسانيءَ سان راءِ مڃائي ويندا آهن، پر نادان پنهنجيءَ راءِ تي گهڻو ڪري قائم هوندا آهن.[13]

ناٽتا (Nocebo) شڪائپ (Skepticism) جي پيداوار آهي. جڏهن تہ آٽتا (Placebo) عقيدي مان جنم وٺي ٿي.

سُڌِي (Acatalepsy) عقيدي کي متضاد بنائي ٿي. انڌي اعتقاد کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. سوچن کي رستو ڏئي ٿي. سُڌي فلسفو شڪائپ جو تت (Conclusion) آهي. سُڌ آن ارتقائي عمل جي گواهي آهي جيڪو ارتقائي عمل ڪائنات جي هر ذري تي لاڳو آهي. ڪنهن بہ شيءِ جي ڪا بہ وصف مڪمل نہ آهي. ڦير ڦار جاري آهي. مذهب، ايمان، عقيدو، سچ، ڪوڙ، ڪائنات، ساهوارا، ذاتو ۽ لقاءِ وقت سان گڏ پاڻ مڃائين ٿا. سُڌي هر شيءِ بحث هيٺ آڻي ٿي. جڏهن تہ عقيدو ٻُڌي آهي جنهن ۾ بحث جي گنجائش نہ هوندي آهي.

ناٽتائي تصور ۾ انسان ڪائنات کي ائين قبول نہ ٿو ڪري جيئن ڏسجي ٿي. ناٽتا عقيدي جو ڀيانڪ روپ آهي. ناٽتا، بي چيني، ولوڙ ۽ ذهني خلفشار آهي. ڪنهن کي گلن جي ٽوڪريءَ مان بدبوءِ اچي ۽ ڪنهن کي خوشبوءِ ڪنهن کي مڇيءَ جي ٽوڪريءَ مان خوشبوءِ اچي ۽ ڪنهن کي بدبوءِ.

زينو جي اسٽيواڪ فڪر جي ٻڌي (Catalepsy) نہ ڪو عقيدو آهي ۽ نہ ئي ڪنهن عقيدي جو پرچار اها عقيدي ۽ عقيدن جي بحث کان مٿائين آهي. سچ ۽ ڪوڙ جي وچ تان بہ هڪ رستو لنگهي ٿو. دائري جي سيني نقطن جو مرڪز، دائري جو مرڪزي نقطو آهي. اهميت دائمي خوشي حاصل ڪرڻ آهي. زندگيءَ جو هر لمحو قيمتي آهي. جيڪي گذريو وري نہ ملڻو آهي. جيئرا رهو ۽ خوش رهو. جيڪو گذري ٿو غنيمت آهي.

اهڙي سوچ راحت ڏيندڙ ضرورت آهي. ٻڌي آٽتا آهي، جيڪڏهن ان کي قبول ڪيو وڃي تہ؟ نہ تہ آٽتا عقيدي جي پيداوار آهي ۽ عقيدو جڏهن مذهب جي انتها کي پهچي تہ شهادت ۽ آپگهات ۾ ميچ يا ڏاڙهيءَ جي وار جيترو بہ فرق نہ ٿو رهي.

ڪڏهن آٽتا ناٽتا ٿي پوي ٿي ۽ ڪڏهن ناٽتا آٽتا. ڪن لاءِ اها آٽتا (Placebo) آهي تہ سچ جي واٽ ۾ مرڻ شهادت آهي ۽ اهو سوچي ناٽتا (Nocebo) آهي تہ سچ ثابت نہ ٿيو آهي. انڪري اها شهادت نہ،

آپگهات آهي. جنگ جي ميدان ۾ سڀ مئل پنهنجين ڌرين پاران شهيد قرار ڏنا وڃن ٿا. آئتا ۽ نائتا اسان جي سوچن جا مقام آهن. اسان جي عقيدي، ايمان ۽ سمجهه، ناسمجهه، پورائي، ناداني، ٻڌي، سڌي ۽ ادراڪ جا اهڃاڻ آهن.

هڪڙن مفڪرن جي عمر ان ۾ گذري آهي ته سندن فڪر ۾ جيڪو سچ آهي اهو ڪوڙ نه آهي ۽ ٻين مفڪرن جي عمر ان ۾ گذري آهي ته جيڪو ڪوڙ آهي اهو سچ نه آهي. ڇو جو وصف مڪمل نه آهي انڪري سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ کي سچ ثابت ڪري سگهجي ٿو.

ٻه صورتون آهن ماڻهو هٿيار رکي يا هٿيار ڦٽا ڪري. هٿيار رکندو ته وقت تي وڙهندو ۽ ويڙهه جو ڪو انت نه آهي. هٿيارن مان مراد سوچون ۽ مباحثا آهن. هٿيار ڦٽا ڪرڻ ٻڌي (Catalepsy) آهي ۽ هٿيار رکڻ سڌي (Acatalepsy) آهي.

ڪائنات جو ابتدائي خول (Viod) مونجهاري (Chaos) مان نڪري اڃان ڪائنات (Cosmos) نه ٿيو آهي، مونجهاري واري صورتحال برقرار آهي. انسان سان انسان جي جنگ ڪڏهن ختم ٿيڻي نه آهي. جنگ ارتقائي عمل آهي. وجود جي بقا جي فطري جدوجهد آهي. انسان امن جي مفاهمت (Adaptation) ۾ ٻي امن تي پوي ٿو. حق ۽ ناحق نابين جون ٻه اکيون آهن ۽ نابين ٽاڦوڙا هڻي ٽنين اک ڳولهي ٿو. اک ڳولهبي نه آهي. پر اک ڳولهي لهندي آهي. ڪائنات ته پري جي ڳالهه آهي، اسين هڪ ٻئي کي به ڳولهي نه سگهيا آهيون.

جانورن جيان انسان به ساڳيو نه آهي. جيڪو ڏاڍو آهي اهو شينهن آهي. جيڪو ڪمزور آهي اهو ڦاڙهو آهي ۽ جيڪو گيدي آهي اهو گدڙ آهي. اهو فطرت جو اصول آهي ته ساهوارو ساهواري کي کائي جيئرو رهي ٿو. ڪي گوشت کائين ٿا. ڪي گوشت ۽ گاهه ۽ ڪي گاهه کائين ٿا. ڇا گاهه ۾ ساهه نه آهي؟ جيئري رهڻ لاءِ مارڻ ضروري آهي. ٻوٽا ساهوارن جو سڀ کان سڌريل نسل آهن. اهي مٽي کائين ٿا ۽ گل ڏين ٿا گهٽو ڪري حملا آور نه ٿا ٿين ۽ ڪنڊن سان پنهنجو بچاءُ ڪن ٿا

احمق (Stupid) جنهن جي معنا، ڪنهن ۾ ذاهپ، سمجهه، سڌ ۽ سڃاڻ جي گهٽتائي هجي. اهو لفظ لاطيني ٻوليءَ جي لفظ (Stupor) مان نڪتل آهي. جنهن جو مقصد ٻي سڌائپ آهي. شعور جي گهٽتائي ان حد تائين هجي جو ڪيس ماحول جي ڪا به شيءِ متاثر نه ڪري. ايڏي ٻي حسي جو صرف سور جي شدت محسوس ڪري. اهڙي حالت جنهن ۾ ڪو تاثيو چپ ڪيو وينو هجي ۽ ان جون اکيون صرف چوگرد ڦهليل شين کي ڏسنديون هجن.[۵۰]

مفلوج ٿي پوي ٿو. اهو نفسياتي طور ڪريل، گهٽ ذهن ۽ غبي ٿي پوي ٿو.

ناٿتا (Nocebo) دوستو فسڪيءَ کان ايڊيٽ ناول لکرائي ٿي ۽ ويلم فاڪنر کان سائونڊ ۽ فيوري.

انسان جيترو حساس ٿيندو اوترو معاشرتي مفلوج ٿيندو. نرجوءَ تي موسمن جو اثر نہ آهي انسان ڪمزور ۽ هيٺو آهي. حالتن کي منهن نہ ٿو ڏئي سگهي. اهو عقيدي جي چار ۾ ڦاسي آٿتا (Placebo) جي ور چڙهي اهڙي بيڙيءَ ۾ سوار ٿئي ٿو جنهن کي ونجهہ نہ آهن، سڙهہ آهن ۽ سڙهہ بندي جو نہ، هوا جو حڪم مڃين ٿا. هوا جي مرضي آهي، بوڙي، تاري يا ڪناري لڳائي.

ناٿتا (Nocebo) سڌي آهي ۽ جڏهن بندو سُڌ رکندو تہ رستا پڇائيندو. هو ان کي ڳولهيندو جيڪو سندس ڪلهن تي وينل آهي. اهو جستجوءَ جي ريگستان ۾ رلي ڪپڙا ڦاڙي مجنون ٿي پوندو. ليلا ڪاري رات آهي ۽ رات راهون نہ ڏيکاريندي آهي. رات روشنيءَ جو انت ۽ سسوجهري جو احساس آهي. سوجهري جو احساس شخص کي انڌو ڪري ٿو. ناٿتا تياڳ آهي. ساهواري جو فطري موت ناٿتائي عمل آهي. هر ساهوارو لقائن جي قيرقار ۽ مرڪزيت جي تناسب جي غير مرڪزيت ۾ مايوس ٿي موت قبولي ٿو. دنيا جٽادار (Stable) نہ آهي. جيڪڏهن جٽادار هجي ها تہ حياتيءَ کي بقا هجي ها. يقين ڪيو روز ايرنڊڙ سچ ساڳيو نہ آهي. سچ پنهنجي نواڻ سان اپري ٿو. اڄ جو سچ، ڪلهہ دفن ٿي ويل سچ جو تخم (Gene) آهي.

### References:

"Credulity":

Meaning of credulity in longman dictionary of contemporary english. Retrieved 2017-11-28.

Goepp & kay (1984)

P.198.

Le Morvan . P.(2011)

"Healthy skepticism and practical wisdom"

Loges & Episteme: 2(1):87-102 (PDF).

Popkin . Richard Henry (2003).

"The history of skepticism from Savonarola to Bayle".

Popkin . Richard Henry 1923. (Rev. and expanded ed:). Oxford university press.

**"Skeptical Theism: New assay".**

Scott Aikin & Alyssa Lowery (2017) International Journal for study of skepticism.7(3):207-11.

Russell , Bertrand (1928).

**"on the value of skepticism".**

The will to doubt. Positive Atheism. Retrieved.2007-05-27.

Caston , victor.

**"Gorgias on thought and its objects".**

Presocratic philosophy: 2002:p.205.

**"The new cratylus":**

Notes on the craft of poetry. Melbourne oxford university press-1979.

**"Sextus Empiricus. Outlines of Pyrrhonism".**

Trans . RG Bury. Harvard university press. Cambridge Massachusettes 1933.p25-27.

Bett , Richard (1994)

**"What did pyrrho think about the nature of the Divine and the good"?.**

Phronesis . 39:303-37.

Sharples , RW (1996).

**"Stoics , Epicureans and skeptics"**

Philosophy. New York. Routledge.p-91-92.

Text from , public domain : chishlom , Hug (1911).

**"Arcesilaus and carneades".**

Encyclopedia Britannica ($11^{th}$ ed:) Cambridge university press.

Herbert Newton casson P.Eckler (1901).

**"The crime of credulity".**

p-15.

Steven J Bartlett (2005)

**"Moral intelligence and the pathology of human stupidity".**

C,C-Thomas.

Cipolla , Carlo Maria (1987).

**"The basic Laws of human stupidity".**

Whole earth – Review. Retrieved 28 July 2013.

## مغالطو ۽ ناٿتا

(Fallacy and Nocebo)

لاطيني محاورو آهي ”پوءِ ٿيو، ان ڪري اڳ ٿيو.“

(Post hoc ergo proper hoc)

روز سج اڀرڻ کان اڳ جهنگ ۾ ڳڏڙ اونائين ٿا. سج نڪري ٿي انڪري ٿو جو ڳڏڙ اونائين ٿا. جيڪڏهن ڳڏڙ نہ اونائين تہ سج نہ نڪري، سج نڪرڻ جو سبب ڳڏڙن جي اونائڻ آهي.[1]

مشهور قصو آهي تہ ڪو شخص ميلو گهمڻ ويو. ميلي ۾ گهمندي ڪيس خبر نہ پئي تہ سندس ڪلهي تي رکيل پوتڙو ڪر ٿي ويو. ميليءَ جي مستيءَ مان نڪري ڪلهي تي هٿ هڻي ڏٺائين، سندس پوتڙو نہ هيو. وٺي هاءِ گهوڙا ڪيائين تہ ”هي ميلو لڳو ئي انڪري هيو جو سندس پوتڙو ڪر ٿئي.“

معاشري ۾ ڪي شخص چندا لڪيا ويندا آهن. ڪنهن جو ڪم نہ ٿيندو آهي تہ اهو ڏوهہ چندي کي ڏيندو آهي. ”جيڪڏهن نيراني ان جي شڪل نہ ڏسان ها تہ ڪم ضرور ٿئي ها.“

نئين واپارين ڪي ڏنڌي ۾ ڪوٽ پوندي آهي تہ هڪ ٻئي تي چندائيءَ جا الزام هڻندا آهن. ”جيڪڏهن توسان ڀاڱي ڀائيواري نہ ڪيان ها تہ اڄ سچائيءَ جو منهن نہ ڏسان ها.“

ڪنهن بادشاهہ جو ڪو ڪم نہ ٿيو تہ ڪاوڙ مان سپاهين کي حڪم ڏنو ”ان فقير کي پڪڙي منهنجي سامهون پيش ڪيو، جنهن منحوس جو منهن مون صبح محلات جي در وٽ ڏٺو هيو. جيڪڏهن ان چندي جو منهن نہ ڏسان ها تہ اهو ڪم ضرور ٿئي ها.“

سپاهي ويا ۽ فقير کي پڪڙي آيا جنهن صبح سان بادشاهہ جي محل ٻاهران سين هڻئي هئي.

سپاهين فقير کي جڪڙي بادشاهہ سامهون پيش ڪيو. فقير حيران ۽ پريشان بادشاهہ سامهون پهتو تہ ان عرض ڪيو. ”قبلا هن فقير جو ڏوهہ ڪهڙو آهي جو ذوالجلال ايڏو جلال ۾ اچي ويو آهي؟“

بادشاهہ ٻڌايس تہ ”اڄ صبح محل جي در تي تنهنجو منهن ڏٺم، سڄو ڏينهن گذري ويو هڪ خاص ڪم نہ ٿيو.“

فقير عرض ڪيو تہ ”سائين ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ؟“

منجهند جي ماني وجهي ڪٺي ويندو هيس. هڪ دفعي اتي هڪ ڪانياواڙي وچ بازار ۾ ڪٽيل واڱڻ هٿن ۾ جهلي بيٺو هيو، سندس سامهون ماڻهن جو هجوم هيو. ڪانياواڙي ٻڌائي رهيو هيو ته "ادا مون واري زال منجهند جي ماني تيار ڪرڻ لاءِ جيئن ئي واڱڻ ڪٽيو ته اهو ڏسي حيران ٿي وئي، واڱڻ جي ٻجن جي ترتيب ۾ "الله" لکيل هيو. اسان گهر وارن اهو ڏسي سبحان الله ڪئي ۽ ساڳيو واڱڻ ڪٺي اوهان اڳيان حاضر ٿيو آهيان ته اهو معجزو توهان به ڏسو، ڪيئن نه واڱڻ اندر ٻجن جي ترتيب ۾ الله لکيل آهي"

سيني ڏٺو ۽ مون به ڏٺو.

اها دماغ جي نه پر دل جي سوچ هئي، سيني سبحان الله چيو ۽ جزاڪ الله جا نعرا هنيا، ڪانياواڙي خوشيءَ ۾ نه ٿي ماپيو.

جيڪڏهن دماغ سان سوچيون ها ته ائين چئون ها "ڪاڏي واڱڻ، ڪاڏي الله." دراصل محبت ۾ هر شيءِ محبوب جهڙي ٿي پوي ٿي. دل جو دماغ انڪري منفرد آهي ته اهو سوچيندو نه آهي. دل جو عقل (Pareidolia) اڻ ڏٺل چهرا ڏسي ٿو ۽ اڻ ٻڌل آواز ڪنائي ٿو.[8] عاشق تي صحرا جي گرميءَ جو انڪري اثر نه آهي ته هو تصور ۾ محبوب جي اکين مان وسندڙ مينهن ۾ وينل آهي. وڇڙيل ۽ انتظار ڪندڙ هر آواز کي قدمن جو آواز سمجهي ٿو. ڪتو ڌانول هجي ته ان جي گگ ڳڙندي آهي پر ماڻهو بکايل هجي ته ان جا ڳوڙها گگ جيان ڳڙندا آهن. ماءُ مئل ٻار جو روئڻ ٻڌندي آهي. روزگار اهڙو جهنگلي جانور آهي جنهن جي ڌڪ هڻ کي مات ڏئي ٿي.

ٻيگهي (Gramblers fallcy) دلي تعين (Apophenia) جو اهڙو مثال آهي جتي ڪو پڪ جي به واٽي (Confirmational bias) تي اچي ادراڪ سان بروقت صحيح فيصلو ڪري ٿو. اهي فيصلا خوشنصيبي (Luck) جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا.[9] جيئن هڪ جوئاريءَ جو ادراڪ، جوئا ۾ ڪن جي قسمت سٺي ظاهر ٿيندي آهي ۽ ڪي هارائي اٺندا آهن. مون به ڪڏهن جوئا کيڏي هئي پر سدائين هارائيندو هيس. تاش جي پتن متعلق پڪ جي به واٽي تي اچي ادراڪ جو هر فيصلو غلط ثابت ٿيندو هيو. جڏهن هارائيندو هيس ته منهنجو هڪ سئوٽ هر دفعي ڪٽيل سان کيڏندو هيو ۽ سئوٽ جو ادراڪ اهڙو ته بروقت ۽ متعين (Determinant) هوندو هيو جو سندس دلي تعين (Apophenia) درست فيصلو ڪندو هيو. ائين لڳندو هيو جيئن ڪيس مخالف جي هٿ ۾ جهليل تاش جو هر پتو صاف نظر ايندو هجي. اهو ڪٽيل کي هارائي مون کي هارايل پئسا واپس ڪندو هيو. ڪٽڻ جي اهڙي سلسلي کي جيڪو مسلسل هجي، جوئاري ٻيگهي ڪوئيندا آهن. اصل ۾ اهو ڪٽيندڙ جو مغالطو هوندو

آهي جيڪو ڪيس بہ واتي جي شڪ ڪي پڪ ۾ ظاهر ٿي پوڻ سبب خوشقسمتي ثابت ٿيندو آهي.

وڦلڻ (Freudian slip) لاشعور ۽ اندر ۾ هلندڙ سوچن جي تسلسل وچ ۾ تصادم جي صورت ۾ نروار ٿئي ٿو، ڪو لاشعور ۾ هلندڙ سوچن جي ڏارا ۽ اندر ۾ هلندڙ لاشعوري سوچن جي بہ واتي تي منجهي وڦلي وڃي ٿو. وڦلڻ، ڳالهائڻ، يادن، لکڻ يا جسماني ردعمل کان ظاهر ٿئي ٿو.[10]

مون کي هڪ مولوي ياد آهي جيڪو نڪاح پڙهائڻ آيو. حق مهر ٻڌائڻ وقت چئي ويو "پنج سونا تول" ان جي لاشعور ۾ "پنج تولا سون" هيو پر لاشعور ان جي شعور کي اجازت نہ ڏني ۽ اهو وڦلي ويو.

قلم جو وڦلڻ بہ ائين آهي جو مان هڪ دفعي فيض احمد فيض تي مقالو لکندي، لکي وينس تہ "فيض کي چار سال ڦاسيءَ جي سزا آئي." دراصل مون لکڻ پئي چاهيو تہ فيض کي چار سال قيد جي سزا آئي، پر انهن ڏينهن ۾ ڀٽي صاحب کي ڦاسي آئي هئي ۽ منهنجي لاشعور ۾ سزا ڦاسيءَ کانسواءِ ڪا بہ نہ هئي. ڀٽي صاحب جي صدمي منهنجي قلم کي وڦلائي ڇڏيو.

ٻاتائپ (Spoonerism) وڦلڻ نہ پر ڳالهائڻ جي خامي آهي. اهڙي خامي جنهن ۾ لفظ هڪجهڙائي (Consonance) حرف علت (Vovels) يا استقاقن (Morphones) ۾ ڇڙي پون.[11]

ڪراچيءَ ۾ ڪنهن نوجوان، هڪڙي ٻاتي کان خيرات گهري، ٻاتي چيس "ٽماٽر ڪاءَ"

نوجوان حيران ٿي ويو تہ ٽماٽر ڪيئن کاوان، پئسا هوندا تہ کائيندس، ٻاتي پرسان بيٺل هڪ ٻئي سمجهايس تہ چوي ٿو "ڪما ڪر کاءُ"

حرفي علتن تي مون کي پنهنجو استاد مظهر علي شاهہ ياد اچي ٿو. اهو هڪ بهترين استاد هيو جيڪو سکر هاءِ اسڪول ۾ سنڌي پڙهائيندو هيو سنڌيءَ جا علتي حرف ان اهڙي تہ آسان طريقي سمجهايا جو اڄ بہ ياد آهن. اهو بورڊ تي لکندو هيو. "ي، ت، س، م، ن، و، ا" سنڌي ست حرفي علت آهن ۽ پوءِ چوندو هيو "يتسمنوا" اهو لفظ اهڙو تہ ذهن ۾ ويهجي ويو جو وسرڻ جهڙو نہ آهي.

باقي لفظن جي هيرا ڦيريءَ ۾ منجهائڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ جملا جام آهن، جيڪي گهڻو ڪري فحش آهن، هڪ سادو جملو ياد آهي جنهن کي هر هر ورجهائڻ سان زبان وڦلي ويندي يا ماڻهو ٻاتو ٿي اچار

ڦيرائي وجهندو. جيئن ”ڪچا پاپڙ، پڪا پاپڙ“ هر هر ورجهائڻ سان ”چاچڙ“ تي پوندو. انڪري پڪ سان منهنجا دوست چاچڙ ناراض نہ ٿيندا هئا. منهنجي شاگرديءَ جي زماني ۾ جڏهن هاسٽل ۾ رهندو هيس تہ چار چاچڙ جيڪي هاڻي وڏا ڊاڪٽر آهن، منهنجا دوست هيا ۽ ان وقت اهي سڀ چاچڙ، پاپڙ وڏي شوق سان کائيندا هيا پر خدا خانو خراب ڪري ان شيخ جو جنهن اهڙي حرڪت ڪئي جو پاپڙن وڪڻڻ وارو ڇوڪرو هاسٽل ڇڏي ڀڄي ويو. اهو شيخ صاحب تازو ڪراچيءَ جي هڪ صحت واري وڏي اداري مان ڏاڙهي رکائي رٽائرڊ ٿيو آهي.

تجنيس حرفي (Alliteration) شاعري، ادب ۽ گفتگوءَ جو اهڙو انداز آهي جنهن ۾ جملي اندر لفظن جي پهرين اکر ۾ ورجهايو ويندڙ ساڳيو آواز سمايل هوندو آهي. سنڌي ۽ ٻين زبانن ۾ اهو ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ قديم سمايل هوندو آهي. يورپ ۾ اهو پندرهين عيسوي صديءَ ۾ شاعري ۽ ادب ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.[12]

لاطيني زبان ۾ لفظ ايليٽريشن، لٽيرا (Littera) مان نڪتل آهي جيڪو پندرهين عيسوي صديءَ ۾ اٽليءَ جي مزاح نگار گيواني پونٽانو استعمال ڪيو.[13] جان هيرس (1756-1846ع) ٻارن لاءِ هڪ نظم لکيو جيڪو تجنيس حرفيءَ جو مثال آهي.[14]

Peter piper piked a peck of pickled peppers,

A peck of pickled peppers peter pipper picked,

If peter piper picked a peck of pickled peppers,

Where is the peck of picked peppers peter piper picked.

تجنيس حرفي سنڌي ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعريءَ جو بنيادي فن آهي. شاهہ لطيف کان شيخ اياز تائين اها ڏسڻ ۾ اچي ٿي. تجنيس حرفي لکت کي رواني ۽ ترنم ڏئي ٿي. منهنجي مطالعي ۾ سنڌي شاعريءَ کانپوءِ اها فرانسيسي علامت نگار شاعرن وٽ پنهنجي عروج تي نظر اچي ٿي. پال ورلن ۽ ملارميءَ جي علامتي شاعري فرانسيسي اصلوب ۾ اهڙي روانيءَ سان ڀريل آهي.

سنڌي زبان ۾ تجنيس حرفيءَ سان ڀرپور جملو مون فرسٽ ايئر ۾ پنهنجي استاد فاضل شيخ کان ٻڌو هيو. استاد فاضل شيخ تن ڏينهن گورنمينٽ ڊگري ڪاليج سکر ۾ پروفيسر هيو. ان اهو جملو سنڌي شاعريءَ تي ليڪچر ڏيندي ٻڌايو هيو، جيڪو مون کي ياد آهي.

”واٽيو واڙيءَ وارو ونگا واڱڻ وڪڻي راڙيءَ واري وٽ وڻي واپس وري ويو.“

تجنيس حرفيءَ تي لکڻ جو مقصد خير تہ اهڙي اصلوب سان

بوليءَ ۾ پڪ جي بہ واٽي (Confirmational bias) جو انت اچي وڃي ٿو. رواني، رڌمر، ساز ۽ ترنمر سوچن جي مغالطي تي غالب اچي وڃن ٿا.

سوچن جو مغالطو انساني فڪر جي اهڙي چڙ واڳي آهي جتي حيقت ناٽتا (Nocebo) جو روپ ڌاري توهمن جي صورت اختيار ڪري ٿي.

"پوءِ ٿيو، انڪري اڳ ٿيو." پوءِ جو سبب اڳ آهي. گدڙ نہ اونائين تہ سج نہ نڪري. همراھ جو پوتڙو گمر ٿي ويو ڇو جو ميلو لڳو. بادشاھ جو خاص ڪمر ٿئي جيڪڏهن فقير جو منهن نہ ڏسي. فقير کي موت جي سزا نہ اچي جيڪڏهن بادشاھ جو منهن نہ ڏسي.

انسان پنهنجو منهن لڪائڻ لاءِ آئيني جي پٺ ڏسي ٿو. وقت جي آئيني ۾ چهرو بگڙجي ناٽتائي تي پيو آهي. مغالطو "ها" ۽ "نہ" جي وچ تي بيٺل ڪانٽو آهي. آٽتا ۽ ناٽتا جي بہ واٽي تي زبان ڪنهن کي پڪاريندي وقلي وڃي ٿي. سڏ هڪ کي ڪجي ٿو وراٺي ٻئي جي ٻڌجي ٿي. سوال خدا کان ڪجي ٿو، جواب شيطان ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. سبب تدبير کان پڇجي ٿو. تقدير بي سبب ڳالهائي ٿي. انسان، پوءِ ٿيو (Post hoc) جي مايوس رويي ۾ پنهنجي بيءَ وسيءَ کي جواز (Justify) بنائي ٿو.

انسان جو اصل نانءُ مايوس آهي ڇو جو مايوسيءَ جي تھہ تي پهچي نجات جا رستا ڳولهي ٿو. جيڪو مايوس نہ آهي، اهو انسان نہ آهي، ڇو تہ آٽتا (Placebo) فطرت ۾ آهي ۽ انسان ناٽتا (Nocebo) جي حدن کي ڇهندي آٽتا جا طريقا ڳولهي ٿو. ڪائنات جي هر شيءِ آٽت آهي ۽ نامڪمل انسان ناٽتا جون منزلون طي ڪري ٿو. اهو ڪٿي بہ مڪمل ٿي نہ سگهندو ڇو جو آٽتا رج آهي، سڪون ۽ امن جو اولڙو آهي پاڇو آهي وجود نہ آهي، ليڪ آهي نوڪ نہ آهي، تجسس آهي، ديد نہ آهي، عڪس آهي آئينو نہ آهي، هو مان آهيان ۽ مان هو آهي.

"پوءِ ٿيو، انڪري اڳ ٿيو." جو مغالطو شاعريءَ ۾ افسانوي تاثر ڏيڻ لاءِ پڻ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ڪنهن شاعر چيو تہ:

چنڊ نڪرندو آهي
اگڻ ۾ سمهيل ناريءَ کي ڏسڻ لئي
ٽڪ ٻڌي ڏسندو آهي
ان جو خوبصورت چهرو
۽ رات ڏکهي ٿي ويندي آهي
سج نڪرندو آهي
پنهنجي روشنيءَ ۾

"**Confirmation bias : A ubiquitous phenomenon in many guises**".

Review of general psychology , 2(2):175-220.

Hubscher , Sandral (4 November 2007)

"**Apophenia : Definition and analysis**".

Digital Bits skeptic. Digital Bit network. LLC. Archived on 21 – Jan: 2013.

Chalup , Stephen K, Kenny Hong et al (2010).

"**Simulating pareidolia of faces for architectural image analysis**".

Brain 26.(91):100.

Barron , Greg, Leider Stephen (13 Oct: 2009).

"**The role of experience in the gambe fallacy**".

(PDF). Journal of behavioural decision making.

Motley, M.T (1985).

"**Slips of the tongue**"

Scientific American , 253 : 116-127.

"**Spoonerism , message lost in translation**"

Toledo blade. 3 November 1980.

"**Alliteration**".

University of Tennesse Knoxville (PDF). Retrieved 2013-09-10).

"**Definition of alliteration , litrary devise**"

(PDF). Retrieved 2013-09-27.

**The earliest version of this tongue twisted was published in peter piper's practical principles of plain and perfect pronunciation**

by John Harris (1756-1846) in London in 1813.

Slemon , Stephen

" **Magical realism as post colonial discourse**".

Canadian literature. (1988)-p-9-24.

## روڊ ماستر

اوڻويهه سو ستهٺ، سکر شهر ۾ ٻہ عيدون ٿيون، رمضان ڪانپوءِ هڪڙن هڪ ڏينهن عيد ڪئي تہ ٻين ٻئي ڏينهن.

ان جو سبب سانوڻ جو جهڙ نہ هيو. اهو سچ آهي تہ پندرهن ڏينهن مسلسل مينهن وسيو هيو ۽ آسمان صاف ئي نہ پئي ٿيو. ائين پئي لڳو ڄڻ قدرت آسمان کي جهڙيالو رنگ ڪيو هجي، ان رنگ هيٺان سڀ عڪس دٻجي ويا هجن. نہ سج هجي، نہ چنڊ هجي، نہ ستارا هجن ۽ نہ آسمان هجي جنهن ڏي ڪنڌ کڻي التجا ڪجي تہ ”سخي مينهن گهٽو ٿيو هاڻي معاف ڪر.“

هونئن جملو معاف ڪر فقيرن کي چيو ويندو آهي پر سخاوت گهٽي ٿي وڃي تہ پوءِ فقير سخيءَ کان معافي وٺندا آهن.

ان سال سکر ۾ ڪيل ٻن عيدن پويان چنڊ مسئلو نہ هيو. ٻن عيدن جو سبب ”روڊ ماسٽر“ هيو. روڊ ماسٽر فقير هيو جيڪو ڪپڙا نہ پائيندو هيو، پر جسم کي رستي تان لڌل اڳڙين سان ڍڪيندو هيو. ان جي جسم تي چيلهہ کان هيٺ مختلف رنگن جون اڳڙيون لڙڪيل هونديون هيون، جڏهن ڌمال تي گول ڦري نچندو هيو تہ اڳڙيون هوا ۾ اڏامنديون هيون پر سندس اوگهڙ ظاهر نہ ٿيندي هئي.

چوندا هيا ”مٿان ماٺهو آهي ۽ هيٺ فرشتو“

اهو ئي سبب هيو جو ڪيس گهر ٻار نہ هيو، ڇو جو تاريخ ۾ ڪڏهن ڪو فرشتو حور جو عاشق نہ ٿيو آهي.

هاڻي جتي مدرسو آهي اتي ڪڏهن ڊورن جي اسپتال هئي. جيلاني هوٽل کان گهٽيءَ اندر رستو ويندو هيو ۽ اسپتال ٻاهران گهٽيءَ جي پاسي گاري جهڙين ميرين چادرن سان ڍڪيل هڪ جهوپڙي هئي. اها جهوپڙي ان فقير جو مسڪن هئي. جهوپڙيءَ اڳيان ناد رکيل هوندو هيو ۽ ان جا ٻہ ڏونڪا مٿان ٽنگيل تار ۾ ائين لڙڪندا هيا جيئن اڪين مان وهيل ڳوڙها هيٺ ڪرڻ لئي بي تاب هجن. ماڻهو ڪيس روڊ ماسٽر انڪري چوندا هيا جو هو جڏهن روڊ تي هلندو هيو تہ هڪ وک اڳتي کڻندو هيو ۽ ٻہ وکون پوئتي. ائين اهو اڳتي هلڻ بجاءِ پوئتي ٿيندو ويندو هيو، جنهن ڪري هو منزل کي پٺي ڏئي هلندو هيو ۽ منزل تي پهچي ويندو هو.

ماڻهن جو ان فقير ۾ ويساهه هيو، اعتماد هيو، ڀروسو هيو، ڇو جو اهو فقير چنڊ جو عاشق هيو. ماڻهو مايوس ٿي چنڊ سان عشق ڪندا آهن. مايوسيءَ جو سبب بيوفائي هوندي آهي. انسان بيوفا آهي. چنڊ بيوفا نہ آهي. چنڊ صدين ڪان پنهنجي وقت تي پهچي ويندو آهي. انسان وقت ڏئي، وقت مٿائي ويندو آهي. چنڊ سان فقير جو عشق ڏسي، ماڻهو ڪيس ”بابا چنڊ“ بہ چوندا هيا. اهو فقير چنڊ ڏسي نچندو هيو ۽ شيدي بادشاهه جي درگاهه جو مجاور ”علائو“ قسم کڻي چوندو هيو تہ ”چنڊ نڪري ئي انڪري ٿو جو فقير جو ناچ ڏسي، فقير نہ نچي تہ چنڊ نہ نڪري“.

تن ڏينهن سکر شهر سناٽي ۾ ٻڏل هوندو هيو، ساوڻ جي منڊ ۾ پرسان وهندڙ سنڌوءَ جي گاج شينهن جا ڇرڪ ڪڍندي هئي. ماڻهو سوير سمهندا ۽ سوير اٿندا هيا. صبح ائين هوندو هيو جيئن خماريل نيرا نيڻ ۽ سانجهي جيئن محبوب جي مٽ ۾ ساهہ، اداس سانورو رنگ، روئيندڙ ماٺ، سڏڪندڙ سانت.

گهنٽا گهر جا گهنڊ مٿا ڪونہ هيا. ان جي ڪانٽن تي ڏينهن پنهنجي چال درست ڪندو هيو. اهي وقت جا پڪا هيا. ڏينهن هجي يا رات، هر ڪلاڪ ڪانپوءَ ائين وڄندا هيا جيئن سمهڻ سکيا ئي نہ هجن. هڪ ڪان ٻارنهن ۽ وري ٻارنهن ڪان هڪ. پنهنجي چال سان پيا دنيا کي اڳتي پوئتي ڪندا هيا.

سڄ لٿي مهر ڊورن جي اسپتال اڳيان جهوپڙيءَ ۾ دمال وڄندي هئي ۽ فقير رقص ڪندو هيو. چنڊ ايرندو هيو ۽ آسمان مان هيٺ ڏسندو، سرڪندو، ڊرڪندو منزل طرف راهي ٿيندو هيو.

اها دمال مجاور علائو وڄائيندو هيو، ڏونڪن کي هٿن ۾ جهلي دمال تي ائين وسائيندو هيو جو دمال جي مٺل دل جيئري ٿي پوندي هئي ۽ ائين تيز ڌڙڪندي هئي جيئن مومن جي من ۾ گناهہ جاڳي پيو هجي. سکر شهر جا ماڻهو دمال جو آواز گهرن ۾ ٻڌندا هيا ۽ اندازو لڳائيندا هيا تہ کهڙي تاريخ جو چنڊ نڪتو آهي، چوڏهينءَ رات دمال ۽ رقص جو عروج هوندو هيو. دمال ائين گونجندي هئي جو چوڏهينءَ جي چانڊوڪيءَ ۾ لهرون پيدا ٿينديون هيون. فقير گول ڦري رقص ڪندو هيو ۽ ان جي ٻڌل اڳڙين مان رنگ برنگي روشنيون اڏامي پري وڃي ڪرنديون هيون. چوڏهين ڪانپوءَ دمال جو آواز هلڪو ٿيندو اوڻٽيهينءَ تي ائين پهچندو هيو جيئن رات جو ساهہ نڪرڻ وارو هجي ۽ پوءِ چنڊ جي پهرينءَ سان آواز ايرندو چوڏهينءَ ڏي ائين وڌندو هيو جيئن ڪو بيماريءَ جي بستري تان اٿي کڙو ٿيو هجي.

شهر جي ماڻهن چنڊ ڏسڻ ڇڏي ڏنو هيو. عيد هجي، برات هجي، محرم هجي جهلم هجي، اهي گهر ويٺي ڏمال جي آواز مان اندازو لڳائي وٺندا هيا تہ اڄ چنڊ جي ڪهڙي تاريخ آهي.

چنڊ ڪميٽيون ڪونہ هيون، ريڊيا ڪوڙ ڳالهائيندا هيا. مهانگا هيا پنسي وارن جي گهرن ۾ هيا. سچ افواهن ۾ هوندو هيو.

ماڻهن جو عقيدو هيو تہ ان جي ڏمال سچي آهي. ڏمال جي آواز ۾ لفظ آهن ۽ اها گفتگو ڪري ٿي. ٻڌائي ٿي تہ چنڊ جا ڪهڙا حال آهن؟ رات جي رفتار ڇا آهي؟

اهو اوڻويهہ سوَ ستهٺ جو سانوڻ هيو. جڏهن رمضان جا روزا پڄاڻيءَ تي پهچڻ وارا هيا. اوچتو آسمان صاف ٿي ويو. ماڻهن انڪري شڪر نہ ڪيو تہ ڪين چنڊ آسانيءَ سان نظر ايندو. پر اهو سوچي ٿڌو ساهہ کنيو تہ عيد ڏينهن ڪين گهرن کان ٻاهر نڪرڻ جو موقعو ملندو ۽ اهي ملي جلي سگهندا. عيد جي چنڊ جو فڪر انڪري نہ هيو جو ڪين پڪ هئي تہ فقير جي ڏمال جو آواز اهڙو اطلاع ڏيندو جيڪو اهي سالن کان ٻڌندا آيا آهن.

ان سال روزا گذري ويا پر ڏمال نہ وڳي، ماڻهن ڪوٺن تي چڙهي، ميدانن ۾ بيهي مٿي ڪليل آسمان ۾ نهاريو، ڪين چنڊ نظر نہ آيو، سڀ حيرت ۾ پئجي ويا، سوچڻ لڳا تہ روزا پورا ٿي چڪا آهن آخر چنڊ آسمان ۾ ڇو نہ نڪتو آهي؟ ان سال اڌ شهر عيد ڪئي ۽ اڌ شهر انڪري عيد نہ ڪئي جو چنڊ نظر نہ آيو.

جيلاني هوٽل واري گهٽيءَ اندر ڊورن جي اسپتال ٻاهران جهوپڙيءَ ۾ فقير مري چڪو هيو، مجاور علائو ان مٿان روئي رهيو هيو.

...ماڻهو پڇڻ آيا "رات چنڊ نہ نڪتو؟ ڏمال نہ وڳي؟"

علائوءَ آليون اکيون ڪٽي ڏکويل آواز ۾ چيو:

"چنڊ ڪيئن نڪرندو، رات فقير گذاري ويو."

# ريڪائون پبليڪيشن جا ڇپيل ڪتاب

1. دلين جا داخلي رستا(شاعري) رحمت پيرزادو.........................2016
2. اُداسي(شاعري) سنٽو پيرزادو.........................2017
3. ساحل مٿان هوائون(شاعري) رحمت پيرزادو.........................2019
4. خمارُ تنهنجي اکين جو آهي(شاعري) رحمت پيرزادو.........................2020
5. سنڌ جون ادبي سوسائٽيون(تحقيق) مختيار احمد ملاح.........................2020
6. روشنيءَ جا پيغمبر(شاعري) ستار پيرزادو.........................2020
7. ڪاغذ جون ٻيڙيون(ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) وحيد محسن.........................2020
8. مُرڪيون ماڪَ ڦُڙا(شاعري) ميرمحمد پيرزادو.........................2021
9. ڪوتا جو ڪاڪ ٽيل(شاعري) جميل سومرو.........................2021
10. ٽرنڊڙ گُل(شاعري)فاطمه حسن......................... 2021
11. نوسيبو(سائنسي فلسفو) رسول ميمڻ.........................2020

ساڳي محاوري کي سامهون رکي ڊيو ايوانس همجنسپرستن کي ڪٻي راهه وارا سڏيو ۽ رومن ڪيٿولڪ ۽ پروٽسٽنٽس کي ڪٻي ڄنگهه جي قدم وارا سڏيو.[٦]

بائيبل ۾ پڻ ان محاوري جو ذڪر ملي ٿو.

”۽ انهن کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪر،
جيئن ڌنار ٻڪرين ۽ رڍن کي الڳ ڪندو آهي.
اهو ٻڪرين کي سڄي پاسي،
۽ رڍن کي کاٻي پاسي ڪندو آهي.“
(ميٿيو (Mathew 25:32-33)

ڪاري جادوءَ جا ڪجهه مثال.

جيڪڏهن شخص جي نالي جي صحيح خبر آهي ته ان جي نالي جي اکرن تي ڪارو جادو ڪري نقصان پهچائي سگهجي ٿو.[٨]

چيني عقيدي ٽائوزم موجب زندگي بقادار نه آهي، اها موت سان پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچي ٿي، ان کي امر بنائڻ لاءِ ڪنهن تي ڪارو جادو ڪري، ماري ان جي حياتي پنهنجي کاتي ۾ شامل ڪري سگهجي ٿي.[٩]

مڙد حاضري (Necromancy) ڪاري جادوءَ جو اهڙو عمل آهي، جنهن سان مري ويلن کي حاضر ڪري سگهجي ٿو. ان عمل سان جتي مري ويلن جي انهن جي وارثن سان ملاقات ڪرائي سگهجي ٿي، اتي انهن کان مستقبل جي واقعن بابت ڄاڻ پڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي.[١٠] ڪاري جادوءَ سان ڪنهن کي وبال (Curse) ذريعي آزاري سگهجي ٿو.

ڪاري جادوءَ کي شيطانگيري (Satanism) پڻ چيو ويو آهي. اهڙي عمل وسيلي عفريتن (Demons) کي قبضي ۾ ڪري، ڪنهن خلاف استعمال ڪري سگهجي ٿو. اهڙو عمل ڪندڙ کي سامري يا ساحري (Witchcraft) چيو وڃي ٿو.

سن 1969ع ۾ شيطاني بائيبل (The Stanic bible) ۾ جان ڊيءَ جا مرتب ڪيل ڪارا جادو ڏنل آهن. ان ۾ اهڙا عمل بيان ٿيل آهن جن سان روحن ۽ فرشتن سان رابطي ۾ اچي سگهجي ٿو. اهڙن عملن کان متاثر ٿي اينٽن ليويءَ ”چرچ آف شيطان“ نالي هڪ تنظيم ناهي. ان اهو چيو ته ”شيطانزم روشن راهه وارو مذهب آهي. اهو جسماني مذهب آهي، مانوس ۽ دنياوي آهي. جنهن جو رهبر شيطان آهي ۽ اهو ڪٻي هٿ وارو مجسمو آهي.“[١١]



جديد سائنسي کوجنا ۾ انسان تي جيڪا بہ تحقيق ٿي آهي، ان سان انيڪ راز کلندا ۽ ظاهر ٿيندا رهيا آهن مگر هي انسان اهڙو تہ ڳجهہ آهي جو جيترو کلندو ٿو وڃي ايترو ئي پراسرار بڻجندو ٿو وڃي.

رسول ميمڻ جديد سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي، ناول ۽ شاعريءَ سان گڏو گڏ فلسفي ۽ سائنسي کوجنائن تائين "انسان" واري راز جو ڳجهہ، سلجهائڻ لاءِ آرٽ جي مهارت سان سائنسي مسئلن جا حل دريافت ڪرڻ جو ڳتن ڪم ڪري رهيو آهي.

نوسيبو اصل ۾ پليسيبو جو ضد آهي ۽ انسان هاڪاري ۽ ناڪاري يا اميد يا نااميدي جي جنهن ٻوائتي تي ازل کان جاکوڙيندو رهي ٿو ان جي کوجنا هن ڪتاب جي بابن ۾ جديد سائنسي حوالن سان مڪمل ڪرڻ جي هي ڪوشش ڪاميابيءَ جي ڪيترو نہ ويجهو آهي! ان سوال جو هڪ مضبوط جواب هن ڪتاب جي صورت ۾ اسان جي هٿن ۾ آهي، جس لهڻي پيٿالاجسٽ ڊاڪٽر رسول ميمڻ جيڪو انسان جي کوجنا ۾ محو آهي.

**رحمت پيرزادو**